

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاهن جا سجدا

(شاعري)

رخسانه "پريت"

PUBLICATION

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	نگاهن جا سجدا
شاعرا:	رخسانہ "پريت"
صنف:	شاعري
ڇاپو:	پهريون
ڇاپي جو سال:	2014ع
ڪمپوزنگ:	راجڪمار لوهاڻو
ٽائيٽل:	ڪپتان ابڙو
ڇپائندڙ:	ماءِ پبليڪشن
قيمت:	300 رپيا
ڪتاب نمبر:	ايڪويهون

ڪتاب ملڻ جا هنڌ: ڪانياواڙ ڪتاب گهر، اردو بازار ڪراچي. ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ ڪراچي. ڪنگ پن ڪتاب ميلو پريس ڪلب حيدرآباد. اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهہ. رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور. ڪامريڊ ڪتاب گهر، ڄامشورو. نيشنل بوڪ هائوس، پنج گلو خيرپور. الفتاح نيوز ايجنسي ۽ ڪتاب گهر، مهراڻ مرڪز سکر. عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ سکر. ناولٽي بڪ اسٽور، ميرپور ماٿيلو. المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ. ڪنگري بڪ هائوس، ميرپور خاص.

لکيڙہ لاءِ

ماءِ پبليڪيشن، سکر

03213985031

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

هي ڪتاب ارپيان ٿي
پنهنجي گهر ياتين،
همسفر، پيارين سهيلين
۽ انهن ڪي جيڪي پريت سان
پيار ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر نوٽ

سنڌي شاعري ۾ نواڻ ۽ جدت هر دور ۾ ايندي رهي آهي ۽ ان کي ماڻهن به ڀرپور موٽ ڏني آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ جيڪي سنڌي شاعر ۽ شاعرائون جديدت واري رنگ سبب پنهنجي سڃاڻ پاڻ پيدا ڪري چڪا آهن انهن ۾ رخسانه "پريت" اهم جاءِ والاري ٿي. هوءَ سنڌ جي برک شاعرا مڃي وڃي ٿي. هن پنهنجي شاعري جي سڃاڻپ لاءِ جيڪي گهاڙيتا گهڙيا آهن انهن کيس الڳ سڃاڻپ ڏئي ڇڏي آهي. شاعري جا موضوع انسان جي ڪيفيتن سان گڏ اردگرد ٿيندڙ زندگيءَ جي حالتن جا به ڏَس ڏين ٿا.

هي خاص ڳالهه اها به آهي ته ڪٿي ڪٿي جديد شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪيت جو به رچاءُ نظر اچي ٿو. شاعري ادب جي لِطيف ترين صنف آهي، ان ڪري رخسانه "پريت" اهڙي ادراڪ کان واقف هئڻ ڪري پنهنجي شاعري ۾ ڀرپور نفاسيت کان ڪم ورتو آهي، ان ڪري شاعري پڙهندي ماڻهو ريشمي احساس ۾ ويڙهجي وڃي ٿو ۽ ڪيترين سِٽن ڪي پنهنجي ڪيفيت محسوس ڪندي ڪيف ۾ هليو وڃي ٿو.

"نگاهن جا سجدا" جو شاعراڻو مزاج ڪٿي به اوپرو ناهي ان ڪري پڙهندڙن کي ڪٿي به اوپرائپ جو احساس نه ٿيندو. ماءِ پبليڪيشن پاران هن شاعري جي ڪتاب کي ڇپرائي سنڌي پڙهندڙن جي هٿن ۾ ڏئي رهيا آهيون. ان آس سان ته هي ڪتاب به بهترين موٽ ماڻيندو.

پبلشر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

هو پنهنجو وات جي چمين سان مونکي چمي،
چو تہ تنهنجو عشق شراب کان پلو آ،
تنهنجي عطر جي خوشبو لطف ڏيندڙ
تنهنجو نانءُ ان اوتيل خوشبو جيان آ
ان ڪري ئي ڪنواريون توتي عاشق آهن
جلدي ڪر مونکي پاڻ سان ڪٺي وڃ

دائود ۽ سليمان جي مقدس آسماني صحيفن ۾، عشق جي خماريل عورت جون هيءَ ستون جيڪي (Songs of suleman) يا وري غزل الغزلات ۾ هن يروشيلم جي ڌيئرن کي مخاطب ٿي پنهنجي محبوب جي حسن ۽ پيار جي بيان ۾ ڳايون آهن .پراڻي عهدنامي ۾ عورت جي عشقيہ شاعري جون اهي ستون آسماني گواهي جيان سدا حيات بڻيل آهن .جنهن ۾ هوءَ يروشليم جي ڌيئين کي پنهنجي محبوب جي عشق سان آشنائي واري ذائقي کان واقف ڪندي کين پنهنجي پيار جو گواهہ بنائيندي پنهنجي عشق جو هي سدا حيات گيت گنگنايو.

مان توکي پنهنجي ماءُ جي گهر وٺي وڃان
جنهن مونکي سيکاريو...
مان پيئڻ لاءِ توکي ذائيقيدار شراب آڇيان،
پنهنجي انارن جو رس.
هنجي کابي ٻانهن منهنجي هيٺيان هجي ۽
ساڄي ٻانهن سان هوءَ مونکي پنهنجي ڀاڪرن ۾ ڀري
او يروشليم جو ڌيئرون!!
مان توهان کي قسم ٿي ڏيان تہ
منهنجي پياري کي نہ جڳايو، نہ اٿاريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بائبل جي پراڻي عهدنامي ۾ شامل هيءَ غزل عورتاڻي توڙي مرداڻي عشق جو ڀرپور اظهار، جنهن ۾ عورت ۽ مرد ٻئي هڪٻئي جي عشق ۾ سرشار، جسماني وصل جي شديد خواهش اظهاريندي، يڪسان طور تي هڪٻئي جي جسماني حسن جي بيان ۾ هڪٻئي کان اڳڀرا ٿين ٿا

عورت چوي ٿي تہ

اي يروشلم جون ڌيئرون!!......
مان توهانکي قسم ٿي ڏيان تہ
جيڪڏهن منهنجو محبوب توهان کي ملي وڃي
تہ کيس چئجو تہ
مان عشق جي بيمار آهيان.

ٻي پاسي مرداڻي آواز ۾ بيان ڪيل سندس محبوب جي جذبي جي شدت بہ لڳ ڀڳ ساڳي.....

اي منهنجي پياري!..
منهنجي ڪنوار، تو منهنجي دل کسي ڇڏي آهي
پنهنجي هڪ نگاه سان
پنهنجي ڳچي جي هڪ خم سان
تو منهنجي دل غارت ڪري ڇڏي آهي
اي منهنجي پياري
منهنجي ڪنوار
تنهنجو عشق بہ ڇا خوب آهي....
تنهنجي محبت مئي کان وڌيڪ لذيذ آهي
۽ تنهنجي عطر جي خوشبو هر طرف جي خوشبو
کان وڌيري آهي
اي منهنجي ڪنوار،
تنهنجي چپن مان ماکي رس ٽمي ٿو.
کير ماکي تنهنجي زبان هيٺيان آهن......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻي عهد نامي ۾ سليمان جي نانءُ ڪيل غزل الغزلات جون هي سٽون سرجڻ تائين عشق جو اظهار اڃان رڳي مرد جي ملوڪيت هيٺ نہ آيو هو، پر عورت پڻ عشق جي اظهار ۾ بنهہ آزاد هئي.

مسيح جي ولادت کان ڪي ٽي يا چار صديون اڳ هندستان جي امارو وٽ بہ عشق جي اظهار جي لڳ ڀڳ ساڳي ئي صورت ملي ٿي جنهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جو اظهار شامل آهي.

مرد.18

جڏهن مون هنجي چپن کي پهريون دفعو چميو،
منهنجي پياس ڀيٽي ٿي ۽ زور سان ڀڙڪي اٿي
پر ان ۾ حيراني جي ڪائي ڳالهہ ناهي
انهن چمين ۾ هڪ سلوڻوپڻ آهي.

عورت.6

هوءَ سمهي پيو هاڻي تون بہ سمهہ
اٿين منهنجي سکين مونکي چيو ۽ مونکي ڇڏي
هليون ويون
۽ پوءِ محبت جو هڪ مست غلبو مون تي آيو
۽ مون چپن سان پنهنجي گهوٽ جي ڳٽن تي
پيار ڪيو
مونکي محسوس ٿيو هوءَ لرزي اٿيو آهي
مونکي جاڻ پئجي وئي تہ اهو سمهڻ بهانو هيو،
ان وقت مونکي لڄ وٺي وئي.
پر جلدئي مون مسرت جون آهون ڀريون.

ان دور ۾ پراڻي عهدنامي جيان ننڍي کنڊ ۾ پڻ عورت پنهنجي جسماني ۽ شهوت ڀريل جذبن جي اظهار لاءِ ڪا هريرو پابندين هيٺ نٿي ڏسجي...پر اهو سلسلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻي وقت تائين قائم نہ رهي سگهيو .وقت آهستي آهستي عورت کان ان جي عشق جي اظهار ۽ خاص طور تي جسماني چاهتن ۽ لذتن جا ذڪر عورت کان کسيندو ويو.

پراڻي عهدنامي ۾ سليمان جي نانءُ ڪيل پنهنجي محبوب سان ملڻ جي چاهہ ۾ لکيل هن غزل تائين، عشق جي اظهار واري روايت اجان رڳي مرد جي ملوڪيت هيٺ نہ آئي هئي، غزل جي روايت ۾ جسماني چاهتن جي ذڪر ۾ عورت مرد کي هروپرو پاڻ کان اڳيرو ٿيڻ نہ ڏنو هو..پر وقت جيڪو هميشہ عورت لاءِ نامهربان رهيو آهي تنهن آهستي آهستي اظهار جي دنيا ۾ عورت جي جذباتيت جا حوالا ڪاٽا ڪرڻ شروع ڪيا. وقت جي قيري ۾ ڪٽي مقيد نہ رهي سگهيو پر عشق جو عورتاڻو اظهار سرگوشين، اڪيلائپ ۾ وصل ۽ وڇوڙي جي لذتن ۽ جهنمن جي ذڪر کان گهڻي دير تائين غزل جي روايت جو حصو رهي.

ائين ناهي تہ اظهارجي نہ سگهڻ واري پيار جي چاهنا عورت جي دل ۽ جسم ۾ ڪٽي دفن ٿيل رهي پر ان اڳتي هلي زماني جي معيار موجب ان عورت پنهنجي ممنوعہ محبتن جي حوالي سان پنهنجو پاڻ کي خود بہ سينسر ڪرڻ شروع ڪيو .عورت جي اشارن ڪناين، تشبيهن ۽ تمثلين ۾ عشق جي بيان جي روايت هيئن هلي تہ سماجي پابندين جي اثر هيٺ عشق جي ماريل ان عورت وٽ جسم ۽ گوشت پوشت جو وجود رکندڙ حقيقي محبوب بجاءِ هڪ اهڙي تصوراتي محبوب جنم ورتو، جنهن کي هُوءَ ڪامل ڏٺي جو نانءُ ڏيئي ان سان ساڳي طرح چاهڻ واري اظهار کي عام ڪندي رهي. ڪامل ڏٺي جي محبوبيت واري ان تصور هيٺ سماجي پابندين کي ڪنهن ضابطي ۾ آڻڻ بجاءِ عورت پنهنجي ڪامل ڏٺي سان عشق جو کليو ڪلايو اظهار ڪيو ۽ ان ريت حقيقي جسم رکندڙ انساني محبوب، تجريديت جي سفر ۾ اهڙي تصوراتي خاڪي جي شڪل ورتي. جنهن کي پوءِ خدا يا ديوتا سان پيتيو ويو. مثلا ستين ائين صدي ۾ بصري جي رابعہ جنهن کي زماني بہ ڪامل قلندر چوڻ کان ڪيپايو هو چاڪاڻ تہ هوءَ عورت جي وجود ۾ ورتل قلندري ڪيفيت هئي. انڪري ڪيس اڌ قلندر چيو ٿي ويو .اڌ قلندري جي لباس ۽ عاشقي جي عطا ۾ رابعہ بصري پنهنجي محبوب سان هئين مخاطب آهي.

”جي دوزخ جي ڊپ کان

توکي چاهيان تہ باهہ ۾ ساڙي رک ڪجانءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بهشت جو لوڀ تہ
ان جا در بہ سدائين مون تي بند رکج
مان تہ
تو کي انڪري ٿي چاهيان تہ
تون پنهنجي ابدي حسن کان مونکي محروم نہ
رک.“

ڇهين صدي ۾ بصري جي رابعہ بصري جي محبوب جي ابدي حسن پسڻ واري خواهش ڪوڪ بنجي آسمانن جي ڏاڍي کان ٿيندي سورهين صدي ۾ ننڍي کنڊ جي ميران جي درد ۾ انساني بت واري سانوري ديوتا ڪرشن سان ميلاپ آشنائي جي تڙپ ۾ هيئن ورلاپجي ٿي.

”ہے رے میں تو پریم دیوانی میرا درد نہ جانے کوئی
سولی اوپر سیج ہماری، کسی بدی سونا ہوئے،
گگن منڈل پر سیج پیا کی، کسی بدھ ملنا ہوئے،
گھائل کی گتی گھائل جانے کہ جن لاگے ہوئے،
جوھری کی گتی، جوھری جانے، کہ جن جوہری ہوئے
درد کی ماری بن بن ڈالوں، وید ملیو نہ کوئی
میراں کی پر بھو مٹے جب وید سانولیا ہوئے“

اي سکي،
مان تہ عشق جي ديواني آهيان، منهنجو درد
ڪير ٿو ڄاڻي
اسانجي سيج سولي تي آهي،
ننڊ، ڀلا ڪيئن اچي؟
منهنجي محبوب سيج آسمانن تي سجيل تہ
آخر ميلاپ ڪيئن ٿئي،
گهايل جو درد گهايل ئي ڄاڻي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهنکي اهو ڏک لڳل هجي،
جوهري ئي جوهر جي سڃاڻ رکي ٿو.
جي سچ پچ جوهري هجي تہ
درد ۾ بيچين ٿي مان جهنگ جهنگ رلان ٿي
ڪير طبيب نٿو ملي
منهنجا مالڪ
ميران جو درد تہ تڏهن ئي لهي
جڏهن سانورو ان جو طبيب ٿئي"

پراڻي عهدنامي جي عبراني غزل، ننڍي کنڊ جي امارو کان ٿيندي ، عربي ۾ قصيدي ۽ ايران تائين پهچڻ کانپوءِ جنهن بلندي ڏانهن پرواز ڪئي، ان جي آسمان جا رنگ ننڍي کنڊ جي هندي ۽ سنڌ جي سنڌي کي منڊي ويا.

لغت ۾ تہ غزل جي تشريح ائين بہ ڪئي وئي تہ "غزل معني عورت کي مخاطب ٿيندي عشق بازي ڪرڻ"، غزل: "محبوب سان، محبت جي گفتگو" واري وصف ۾ رائج ٿيندي ننڍي کنڊ جي سرزمين تي ڪافي وقت ورتو پر روايتي طور تي اها جنس جي صيغي جي استعمال ۾ آزاد رهي . اردو غزل ۾ محبوب جو صيغو اختر شيراني جي غزل کان کان اڳ تائين لڳ ڀڳ مذڪر ئي رهيو آهي،توڙي جو ان جو غزل گو، صوفي شاعري جي بر عڪس پنهنجي پاڻ کي بہ مذڪر عاشق طور ئي پيش ڪندو رهيو آهي جڏهن تہ سندس معشوق بہ مرد ئي آهي .ائين اردو غزل جي شروعاتي دور ۾ محبوبيت جي مسند تي ويٺل مرد؛ عورت جو محبوب نہ پر مرد جو ئي محبوب رهيو آهي .غزل جي ان روايتي انداز جي ڪري عورت شاعرائن جا پير غزل جي ميدان تي کپي نہ سگهيا .معاشرتي طور تي بہ غزل جي صنف، عورتن لاءِ ممنوع سرزمين سمجهي ٿي وئي جو اها صنف عشق، محبت، وصل، وڇوڙن، ٽڏن ساهن، آهن ،شوڪارن سان پر ڪڏهن محبوب جي ماڻن کي نہ ماڻڻ تي ماتم ڪدي جو ڏيک ڏيندڙ تہ ڪڏهن وري وصل جي آڳ ۾ جلندڙ جسمن جي عشرت ڪدي جو ڏيک ڏيکاريندڙ ادبي صنف رهي آهي. روايتي سماج ۾ عورت جي حقيقي مرد سان عاشقي تہ هونئن ئي ناقابلِ قبول پر محبوبيت جي مسند تي ويٺل عورت بہ سماج ۾ چڱي عورت ليکجڻ واري معتبرائپ ماڻڻ کان محروم رهي ٿي. اها ئي ڳالهہ آهي تہ ان ئي عورت کي سماج مان ڪٽي جي رڳي حسن جي ديوي ناهي شاعري ۾ پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو وڃي تہ ان سان شاعري جا سيئي دبستان جرڪندا رهن ٿا پر شاعر جي محبوبہ طور نشانبر ٿيل عورت لاءِ سماج وٽ ڪا گهٽي عزت واري جاءِ نہ آهي.

سنڌ ۾ مير عبدالحسين سانگي جي روايتي غزل کان اياز جي نئين انقلابي غزل تائين فني ۽ فڪري حوالي سان جيتوڻيڪ ڪيترن ئي تجربن جو سفر، سنڌي ادب ۾ شاملِ راه رهيو هوندو. فارسي زده غزل جي نج پچ سنڌي مزاج ماڻن واري سموري ارتقائي سفر ۾ سنڌي شاعرائن جا نالا سدائين ڪٽل رهيا آهن ، جو غزل جي صنف ۾ سنڌي شاعرائن بمشڪل پنهنجا ڪي پير نشان ادبي تاريخ تي ڇڏيا هوندا .غزل گوئي ۾ عورتن جي يڪي غير حاضري جو سبب بہ دراصل ان سماجي سرشتي جي ٻٽي اخلاقي معيار جو نتيجو سمجهڻ گهرجي جنهن ۾ عورت لاءِ سماجي قبوليت جي اخلاقي ماپ سندس غير جذباتي يا محض ريسيپٽو هئڻ واري وجود سان ڳنڊيل آهي .سموري دنيا جي ادبي ورثي جو جائزو ورتو وڃي تہ رڳو سنڌ ئي نہ پر ويهين صدي جي پهرين اڌ تائين عورت تخليقڪار عورتون سماج جي اخلاقيات جي صليب تي ان ٻٽي معيار جو جيڪو درد دانهينديون رهيون آهن، اهو سڄريل يورپ توڙي مغربي سماج جي ادبي تاريخ ۾ هڪ گهري چيخ جيان دفن آهي.

ان جا مثال يورپي سماج ۾ جابجا ملن ٿا تہ تخليقڪار عورتن وٽ ادبي صحفن تي پنهنجي جاءِ حاصل ڪرڻ ڪو آسان ڪم نہ رهيو آهي. ويهين صدي جي پهرين اڌ ۾ امريڪي شاعره اين سڪيسٽن پنهنجي ذاتي زندگي توڙي ادبي تخليق جي حوالي سان ايتري ڪشمڪش جو شڪار رهي جو پوءِ نيٺ تنگ ٿي پاڻ کي گاڏي چالو ڪري هڪ گيريج ۾ بند ڪري ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس جي زيادتي سان موت جي حوالي ڪيو. ان جي نظم جون سٽون آهن جيڪي هن جي ان ذهني ڇڪتاڻ وري ڪيفيت جي شدت ۽ گهرائي کي بيان ڪن ٿيون .

هڪ عورت جيڪا اديبہ آهي گهڻي حساس آهي
ڪيترين ئي وجداني گهڙين ۽ ڪيترين
علامتون،
هنجا ڏينهن، هن جا ٻار ۽ ننڍا ننڍا ٻيٽ
ان لئہ اهو سڀ ڪافي ناهن،
جئين ڏڪويل ڇهرن، ڪڇهري ٻانهن ۽ سبزين جي ڍير مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنجي دل نٿي پرجي.
هو سوچي ٿي تہ ستارن کي خبردار ڪري سگهي ٿي
هڪ اديبہ دارصل هڪ جاسوس هجي ٿي،
منهنجا دوست مان اهائي ڇوڪري آهيان.

هڪ مرد جيڪو اديب هوندو آهي ، گهڻو ڪجھ ڄاڻندو
آهي،
ڪيترائي جادو ۽ ڪيترائي بي بنياد عقيدا،
جيئن هنجي ايستادگي، هنجا جنسي تعلق ۽ هنجا ٻار
هن لاءِ ڪافي نہ آهن
جئين مشينون. جنگي جهاز ۽ جنگ وجدل مان
هن جو من نٿو پرجي
هو هڪ استعمال شده فرنيچر سان هڪ درخت تيار
ڪندو آهي
هڪ اديب دراصل بد ديانت ۽ بدمعاش ٿيندو آهي،
منهنجا دوست. اهو ماڻهو تون ٿي آهين.

يا وري سلويا پلاٿ جون هي سٽون اهڙي ٿي ڪيفيت جي وڏيڪ ترجماني ڪن
ٿيون

مونکي هڪ سادي پيتي نہ کپي،
مونکي پٿر جو هڪ تابوت کپي

ٻچيتي جيان ليڪون ۽ هو بهو ساڳيو چهرو
ڏس تہ چنڊ جيان گول لڳي......

اين سيڪستن ۽ سلويا پلاٿ عورت جي جنهن اظهار لاءِ امريڪي سماج ۾
پنهنجو پاڻ کي آرٽ جي اعليٰ فن پارن جي شڪل ۾ سامهون آڻي رهيون هيون، جي لڳ
ڀڳ اهڙو نہ، تہ بہ هر سماج، ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين عورت جي اهڙي آواز کي بہ جاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي رهيو هو، جنهن ۾ عورت تخليقڪارن پنهنجي حصي ۾ آيل آسمان ذري ۾ رنگ چٽڻ سان گڏ فن جي دنيا ۾ ڪي نوان تجربا پڻ ڪري رهيون هيون. اهڙي دانهن سنڌي سماج ۾ پڻ ٻڌڻ ۾ آئي جنهن ۾ عورت جو آواز سنڌس ان ٻنهي اخلاقي معيار هيٺ سماجي رتبي جي حوالي سان مزاحمت طور موجود آهي پر جلد ئي ڪن عورت شاعرائن مزاحمت ڪي پنهنجو ورثو سمجهندي ٻه ان ٻنهي اخلاقي معيار جي گهٽي پرواه ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي مڪمل عورتاڻي اظهار سان پڻ ڏيان ڇڪايو اها ٻنهي معيار واري ڇڪتاڻ بيشڪ ته سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکي ٿي پر ان سان گڏ ڪي نالا اهڙا به رهيا جن روايتي اخلاقي معيارن جي پرواه ڪرڻ کان سواءِ نه رڳو ادب جي هر صنف تي نه رڳو طبع آزمائي ڪئي پر هن وقت نظر ڦيرائي ڏسجي ته عورت تخليقڪار ادبي سفر ۾ معيار ۽ تجربن جي حوالي سان همعصر مرد شاعرن کي گهٽ پوئتي ڇڏي چڪيون آهن.

غزل گوئي ۾ سنڌ جي پلوڙ شاعره رخسانه پريت جو هي ڪتاب "نگاهن جا سجده" ان ڏس ۾ سنڌي غزل جو اهو پهريون مجموعو آهي ، جنهن ۾ رخسانه مرداڻي معيار جي تقليد ڪرڻ بجاءِ بجا طور تي ڪاميابي ۽ وڏي بيباڪي سان عورت جي لب ولهجي ۽ جماليات کي غزل ۾ متعارف ڪرايو آهي. رخسانه بلا شبه ته صنفي تفريق جي خاني ۾ بيهڻ ڪانسواءِ ئي سنڌ جي همعصر غزل گوئي ۾ پنهنجو مقام ماڻيو آهي.

بنيادي طور تي سموري شاعري، سماج جي ان ئي ڪوڙه ۾ ڪڙهندڙ بيمار روحن جي مسيحائي جي آگر جو ڇماءُ آهي. شاعري، جيڪا هڪ ئي وقت ڳريل ماس جا ڦٽ به ڇتائي ته ٽٽل روحن جي رفو گيري به ڪري چاڻڻ جو ڪرشمو رکندي آهي. شاعري اسان جهڙي بيمار سماجن ۾ جلندڙ جيوت لاءِ ڳمريل تازي هوا جو جهونڪو آهي، جيڪا حيات جي پيغامبر ٿي اچي ٿي. ان شاعري جي ڪينواس تي اڃان به جي غزل جي ڪٿ رکجي ته رومانوي مزاج رکندڙ اصلوڪو غزل پيار جي ذڪر ۾ ويران تي ويل بدن ۽ خشڪ روحن تي آيل بهار جي پهرين بارش جون بوندون آهن.

عمر جو اهو حصو جڏهن روح، رومانس جي آسمانن ڏانهن پرواز جا پر ڪٽي، وجود؛ عاشقي جا نوان اپ ڪيچي ۽ اڪ، عشق ۾ خماريل خماريل رهي، عمر جي ٺيڪ ان حصي ۾ هن ڪتاب جي تخليقڪار رخسانه پريت جي پيرن جا پنڌ جنهن جهان جي مسافري تي نڪتا، اها مسافري تڙي پوڻ جون خوشخبريون ميڙڻ واري مند جيان ڪيس پانهءَ پئجي ويئي، ايئن پريت پنهنجي پيرن جي رستي ۾ آيل شاعري سان سات قبوليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ سنڌي سماج ڪيترن ئي مدي خارج سماجن جيان جاگيرداري قدرن جي ڪري عورت ليکڪائن لاءِ گهڻو خوش آمديدي رويو رکندڙ ثابت نه ٿيو آهي، جيستائين اها تخليقار عورت ان جي آگر جهلي سندس پويان هلڻ لاءِ تيار نه ٿئي.

جنهن دور ۾ رخسانه شاعري کي پنهنجي وجود جي اظهار جو ذريعو ڪري ورتايو، سنڌ جي باشعور جواني لاءِ اهو دور ڏکي چونڊ ۽ ڏکين فيصلن ڪرڻ جو هو . هڪ پاسي سنڌ جي سياست ۾ سياسي اٿل پٿل ۽ پيچ ڊاهه واري دور جي شروعات ٿي چڪي هئي . سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ عالمي نظريئي ۾ لاٽ، قومن جي آزادگين وارن تحريڪن ۾ ماٺار واري پس منظر ۾ سنڌ ي سماج به نوجونن کي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪي بنيادي فڪري محرڪ فراهم ڪرڻ کان محروم هيو .ٻي پاسي سنڌي ادب ۾ راهبري ڪرڻ وارن جا ڪرتوت ساريا پيا هئا ، جيڪي تخليقي تنقيد جا نوان رستا ۽ گس تلاشڻ بجاءِ تنهنجو منهنجو اديب جا ٽپا هڻي پنهنجا ناني ڳوٺڙا ٺاهڻ ۾ رڌل هئا .سنڌ جي تخليقي سگهه نکرڻ سنورجڻ بجاءِ فرد جي شناخت واري داخلي بحرانن جي ور چڙهي رهي هئي. ڪنهن به سماجي، سياسي يا عالمي تحريڪن جي عدم موجودگي. پنهنجي زميني ڪلچر يا روايتن مان اتساه وٺي ان ۾ نئين ساه ڦوڪڻ، ان کي نئين معنيٰ ڏيڻ لاءِ حقيقي راهنمائي يا تخليق کي فن جي سنداڻ تي رکي پرکڻ جو سلسلو نه هئڻ ڪري ان دور جي اپرندڙ تخليقارن لاءِ بنهه ڏکيو ته اهي رڳي تخليقي سگهه جا آڌار تي پنهنجي فردي سڃاڻپ جي تڪميل ڪري سگهن. ان ڏکي دور ۾ رخسانه پريت پنهنجي تخليقي سگهه جي آڌار تي ذاتي داخلي تجربن، سماجي مشاهدي ۽ ادبي مطالعي جي نچوڙ کي پنهنجو حقيقي سونهون بنائي بهادري ۽ سچائي سان شاعري جي پريت پيچري جو پنڌ شروع ڪيو .سندس شاعري اهو سلسلو جوڙڻ ۾ بنهه ڪامياب ٿيئي سگهجي ٿي جتي تخليقي ڪيفيت کي داخلي سطح تان مٿيرو ڪري ان کي سماجي شعور سا سلهاڙي ڪو به وڏو تخليقڪار پنهنجي اهڃاڻي سڃاڻپ جي تشڪيل ڪري ٿو.

ڪوئي اهڃاڻ پئي ڳولهيان
مان خود کي هاڻ پئي ڳولهيان
نه ڪنهن پي ڊوڙ ۾ شامل
مان پنهنجو پاڻ پئي ڳولهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئان جيئرن وجودن جا
مان اهڙي جاڻ پئي ڳولهيان

پريت، جو هي غزل ايٿينز جي پوڙهي فلسفي سقراط جي پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ واري سبق جو ورجاءُ آهي .جنهن ۾ پريت پنهنجي وجود جي ڳنڍين کي کوليندي. حيات جي اسرارِ مقصد تائين پهچي ٿي. هتي سندس ڳولها اندر مان فردي سطح تي شروع ٿي جيئرن جي وجود يعني شعري معنويت ۾ ان هجوم، سماج سان ڳنڍجي ٿي جيڪو حيات جي مشعل کڻي بيٺل آهي .

ادبي راهبري جي نالي ۾ کنهن بہ قدآور اديب يا معتبر جي پذيرائي جي کلهن تي چڙهڻ بجاءِ رخسانہ پنهنجي همعصر دور جي گدلي سياسي ۽ سماجي شعور جي آدار تي پهنجي ذات جي تند تپائي. شاعري کي پريت پنهنجي وجود جي وٿ سمجهي ساڻ کنيو ۽ ائين شاعري شوقِ دل نہ پر مقصدِ حيات بڻجي سندس روح تي لٿي . شاعري پريت لاءِ رڳو روح جي رولاڪي ۽ اک جي عاشقي جهڙو محدود مامرو نہ هئي، جنهن سان هڪ ٻن غزلن ۽ کجهہ نظمن ۾ پورو پئجي سگهجي ها. ان لاءِ سندس اعتراف پڻ ريڪارڊ تي تہ "شاعري منهنجو شوق نہ پر منهنجي پناه آهي"، هن شاعري کي هيلنگ فيڪٽر يا ڪٿارسس جيان سمجهيو آهي پر حقيقت تہ اها آهي تہ رخسانہ جي شاعري کي فقط ڪيٿارسس جي خاني ۾ رکڻ بہ نا انصافي ٿيندي .شاعري رڳو ڪٿارسس، يا رڳو اندر جي ٻاڦ ٻاڙڻ ناهي بہ ڪونهي پر ان ۾ سندس پنهنجي دور جي سياسي توڙي سماجي اٿل پٿل مان حاصل شعوري سرت جي روشني جو اهو اولڙو بہ سندس شاعري ۾ شاملِ سفر آهي جيڪو سندس پنهنجي ٿي نہ پر سڄي ديس جي راه آسان ڪندڙ آهي. مونکي روسي ڪلاسيڪي شاعر پشڪن جي هڪ دعا ياد اچي ٿي تہ

اي خدا ماڻهن جي راه تي
رحم فرماءِ (پشڪن)

پريت جي شاعري بہ سماج جي راه کي روشن ڪندڙ آهي. اعليٰ شاعري جيان سندس شاعري ۾ بہ رڳو چا آهي وارو سوال نہ آهي پر چا هجڻ کپي وارا آدرش ۽ تصور بہ پريت جي شاعري ۾ پورروچوت ليڪن جيان گڏوگڏ هلن ٿا. رومانس ، سندس شاعري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس زندگي جو واحد فڪري مرڪزيت رڪندر عنصر پر ان رومانس ۾ نئين دنيا جا سپنا پڻ سجايل ملندا. رومانوي مزاج ۽ ان جي شعوري ادراڪ جي سنگم سان رخسانہ غزل گوئي ۾ هڪ نمايان ۽ خاص جاءِ ناهي آهي. سندس جيڪو ڪيس نہ رڳو پنهنجي لهجي ۽ فڪري اظهار جي حسين امتزاج جي ڪري منفرد آهي پر سندس غزل جي اها ئي انفراديت سندس غزل کي پنهنجي همعصر کان بنهہ الڳ سڃاڻپ بخشي ٿي. غزل جي ڏس ۾ رخسانہ پريت پنهنجي همعصر کان هڪ وک ان ڪري بہ اڳتي آهي جو سندس همعصر وٽ روايتي غزل وارو اهو رس رچاءُ ڪثرت سان تخليقي استعمال ۾ نہ رهيو آهي، سنڌي غزل هن وقت مزاج جي حوالي سان تخليقي عنصر جي کوٽ بنهہ شدت سان محسوس ٿئي ٿي، نواڻ تازگي، ۽ نئون روح ڏيڻ بجاءِ سنڌي غزل تقليدي ڏس ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي. پر پنهنجي همعصر غزل گو جي ابتڙ رخسانہ جو غزل جيتوڻيڪ فني اٽڪ، خيال، لفظن جي سادي استعمال سان مزاج ۾ ان روايتي غزل کان گهڻو پري نہ آهي پر اها سندس خيال جي تازگي ۽ جماليات آهي جيڪا ڪيس نمايان ڪري بيٺي آهي جيتو ٽيڪ سنڌي غزل ڪيتري وقت کان سياسي ۽ نظرياتي تحريڪن جي تجربن مان گذري هڪ نئين شڪل اختيار ڪري چڪو آهي پر پريت غزل جي ڏيهي لهجي ۽ رومانيت کي برقرار ڪندي ان ۾ خيال جي حوالي سان ڪامياب تجربا ڪيا آهن .

نگاهن جا سجدا سنڌي شاعري ۾ ڪنهن بہ عورت شاعره پاران شايع ٿيندڙ پهريون مجموعو آهي، جنهن جي ليکڪ هجڻ جو اعزاز پريت جي حصي ۾ شامل آهي، ۽ پنهنجي غزل جي پهرين مجموعي نگاهن جا سجدا ۾ رخسانہ جو غزل بہ رومانيت جي ان ئي پيچري پنڌ تي هلندي روحن جي مسيحائي ۽ بيمار بدن جي شفا لکندي ٿو وڃي. رومانيت ننڍي ڪنڊ ۾ سرجندڙ غزل جو حسن آهي، پيار رڳو پريت جي غزل جو ئي نہ پر دنيا جي سموري شاعري جو جاڳ جزيرو آهي، جيڪو انساني فطرت سان وابستہ داخلي جذبن کي معنائن جا سوين روپ بخشي ڇڏي.

منهنجون جي رچنائون آهن
محبت جون معنائون آهن.

ڪل ڪائناتي جذبن جي سقلتا جو قل، اهو ئي پيار جيڪو محبوب جي در کان دار تائين دهلين دمامين ڳائيندو وڄائيندو پاڻ نروار ڪندو ٿو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريت آ لکندي هر ڪا شي پر
پيار ئي ڪين لڪائڻ جهڙا.

پيار شخصيت سازي، انسان مان انسان گهڙڻ ڏاهي پوءِ نئين بنائڻ جو هنر ڪمال رکندڙ وٽ، پريت جي غزل ۾ بہ گهڙيندڙ ۽جوڙيندڙ ، ناهي نئون ڪندڙ عنصر جيان شامل بنهہ خيام جي رباعي جيان

اي محبوب، مان تون هن سان گڏجي ڪنهن رٿا سان
هن ڏکوئيندڙ ڪائنات کي پنهنجي گرفت ۾ آڻيون

ڏ ان کي ننڍڙن ننڍڙن ذرن ۾ پکيڙي ڇڏيون
۽ وري پهنجي دل مطابق ان جي نئين سر اڏاوت ڪريون.

خيام جي رباعي جيان پريت وٽ بہ پيار پهرين ڏاهي ، اديڙي، ريزو ريو ڪري پوءِ شخصيت جي نئين تخليق ڪندي نظر اچي ٿو .هن وٽ فرد جي عمارت جنهن مٽي ۽ گاري سان جڙي راس ٿئي، ان ۾ نهڻ کان اڳ ڊهڻ ۽ ڊهڻ کان پوءِ ڳاهجڻ، سلو سلي کان جدا ٿيڻ جو سمورو سفر شامل آهي .دل جي ڳاهڻ جو استعارو پيار جي ان سڄي سفر جي منظر ڪشي هن شعر ۾ ڪماليت تي نظر اچي ٿي..

پيار ماڻهو کي پيو گهڙي ناهي
ٿو وڃي ڪنهن کي ڪنهن جي ڳاهي دل

هن وڏڻ ڳاهڻ ۽ پوءِ ناهڻ استعاري جي استعمال سان ان کي پهنجي ئي داخلي بطن مان جڙندي راس ٿين ڏيکاري روايتن جي عين ابتڙ پريت هتي دل جي ڳاهجڻ جي استعاري کي جڙجڻ واري عمل سان ڳنڍي ٿي.، پيڙا ۾ پر هجڻ جي باوجود پيار هن وٽ ناڪاري ناهي، پرندڙ ،ڊاهندڙ ڳاهندڙ يا برباد ڪندڙ ناهي، هي درد تخليق ڪندڙ آهي، جيڪو حياتِ نو جي تمثيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ لفظن ۾ ماپجي سگھندا
پريت سارا تنئي پيار اکڙين ۾

پيار جي پانڌي پريت کي وات جي ڪٿ آهي ، سفر ۾ آيل سورن جي سامان ۽ تڏي چانورن جو بيان آهي. هي چڪيل چاڪ چولين جي رفو گيري جو داستان آهي .

If you love and get hurt, love more,
If you love more and hurt more love even more
If you love even more and get hurt every one
Love some more until it hurt no more.

ٽئگور

پيار هتي دستِ مسيحائي آهي جنهن سان هو پنهنجي سماج ۾ عشق جي ماريل عورتن جي دلين جي مهاڀارين ڪان وٺي سندن ڪُسجڻ جي ڪِيسن تائين جوسمورو داستان چٽي ٿي .

هيءَ عاشقي اجل جيان ماٺھوءَ اندر مان گذري
ڪو ڪو انهي سفر ۾ ڏس ڪا قطار ڪانهي.

رلائن عشق جون تانگھون
ڪٿي ڪو ٿاڪ تيٹو آه

ڀبن جي رت سان ڏوبي
پنڌن کي پاڪ تيٹو آ.

پنهنجو سفر نہ ڪو پڇي
پب هينئين پلصراط آ..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي عشق جو آ امتحان
جو سهڻي واڳونءَ وات آ

تي ڪاري مان اجان ڪسجان
جي چاهت چنگ تي چوريان

سنڌي غزل ۾ بيشڪ تہ ڪانئس اڳ بہ عورتن جا آواز موجود پر نج نسواني لهجي، نسواني جماليات کي عروج بخشيندڙ غزل پريت جي حصي ۾ شامل آهي. سندس عورتاڻي لهجي جو پر اعتماد اظهار ڪيس ان درجي تي پهچائي ٿو جتان شام جي دمشق جائي نذار قباني جو سفر شروع ٿيو. نذار قباني اهو واحد عرب شاعر جنهن سماج ۾ انساني جذبات جي تشريح وقت رڳي پنهنجي سماج جي خارجي استحصال تي قلم نہ کنيو پر هن پنهنجي سماج ۾ عورت پاران ان ممنوعہ پيار جو علم بہ بلند ڪيو جنهن جي انڪار سندس ڀيڻ کي خودڪشي جو رستو ڏيکاريو هو. هن شام سميت عرب دنيا جي ڪروڙين عورتن جي دل جي ترجماني ڪندي، نسواني پاڪيزگي، ڪوڙي عصمت، نام نهاد غيرت، ڪنوارپ سميت ٻين ٽبوز خلاف ائين قلم کنيو جو نہ رڳو صدين پراڻي عرب سماج جي روايتي ڪلچر ۾ عورت جي دٻايل دانهن آزاد ٿي پر هو انهن ڪروڙين عرب عورتن جي دل جو ترجمان بنجي پيو. عرب شاعري ۾ سندس عورت لاءِ پيار جي اظهار کي سماجي انقلاب سان ڀيٽيو ويو جنهن عورت جي جسم ۽ روح جي آزادگي جو نغمو لکيو .سنڌي ادب ۾ البتہ جديد شاعري ۾ ڪو اهڙو مرداڻو آواز موجود نہ آهي جنهن نسواني رومانس کي ائين گلوريفاءِ ڪيو هجي، انڪري اهو ڪريڊٽ بہ رخسانہ ڏي وڃي ٿو تہ هن جي شاعري ۾ عورت پنهنجي حقيقي وجود سان سماج جي ممنوعہ سرحدن کي لتاڙي جسم ۽ روح جي آزادگي سان پيار جا نوان آسمان ڳولهي ٿي.

پريت جي غزل جو لهجو بہ اهڙي ئي قسم جي خاموش انقلاب ڏانهن آگر جو اشارو آهي .هي غزل دمشق جي عرب شاعر نذار قباني جي ان خاموش انقلاب جي ياد ڏياري ٿو جنهن ۾ هن شاعري وسيلي عرب دنيا ۾ عورت جي عشق کي نہ رڳو آسماني درجو ڏنو پر ان کي عام ڪرڻ ۾ شاعري کان اهو ڪم ورتو جيڪو انقلاب ۽ آزادگين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد ۾ عظيم شاعر ڪندا آهن. عرب شاعري ۾ نذار قباني اهو واحد مرداڻو آواز هو جنهن لکيو ٿي ته

I want you female because
Civilization is female
Poems are female
Stalks of wheat
Vials of fragnance
Even Paris_is female
And Beirut   despite of her wounds   remains female
In the name of those who want to write poetry...be a woman
in the name of those who want to make love ...be a woman
and in the name of those who want to know God ...be a woman.

رخسانه اها چاڻ رکندي به سنڌ ۾ عورتن لاءِ پيار جي ڏوهه ۾ جيئرا جهنم آباد آهن، پر هو عورت جي سيني اندر ڌڙڪندڙ دل جي اڇل کان پڻ واقف آهي ته اها ڪئين سماجي پابندي کي پرزا ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿي. هن وٽ اهڙين باغي عورتن جي ڪٿا به هٿين چڙهي پئي آهي.

عشق علم کي کوڙي وئي آ
هر ڪو جيءَ جنهجوڙي وئي آ

نڪري پئي جو پوءِ جهليندڙ
هرڪا بانهن مروڙي وئي آ

چاهت هن جي وٽ ويڙهي جان
سوچ حواس وڪوڙي وئي آ

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

مستيون چڙهي تہ هوا ۾ جاڳيون
وار سمورا ڇوڙي ويئي آه

ساجن سامهون ڪچو گهڙو هو
پار وڃڻ جي ڀا ٻوڙي ويئي آ

اهڙي پيار ڏني پڪ آهي
ساٿ نہ ڪنهنجو توڙي، وئي آ

مس سورنهن سال جي هوندي
پر صدين جو لوڙي وئي آ

هن جو جوڀن چولو ڪهڙو
چاڪ چتيون هو ڇوڙي ويئي آ

تازگي کان خالي روايتي غزل ۾ پيار، بربادي ۽ ماتمِ هستي جو سبب بنجي ٿو اچي پر پريت جو غزل ان پيار کي وجود جي پناهگاه جيان ورتائي ٿو، اهڙي متي چانون جتي ٿڪ بہ لاهبا آهن تہ روئبو کلبو آهي..

ڪيڏو جيون هو رڻ جيان روليو
پيار، بڻجي پناہ، ڳالهايو

رومانيت جي نفيس اظهار کي سندس بيان جي سادگيءَ ايترو تہ خوصورت بنائي ٿي ڇڏي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي پالوٽ ۾ پهلو پرين جو
پاڻ سان هي رازداري سان هلندي.

عاشقي جو ٻاٽ اونداهه ۾ لاٽ سان پيتجڻ بيشڪ تہ ڪو نئون ناهي پر پريت
جو بيان ۾ بي ساختگي ان ڪي داخلي تجربي جو حصو بنائي ٿي ڇڏي.

عاشقين جون ڪي نيون شمعون جلايو
پريت ڪيسين رات ڪاري ساڻ رهندي.

هلياسين چوڏسائن ۾ رڳو اماس ملي
پڳاسين پيار جي پاسي آ پريات ملي.

رسوايون، سڀ سور ۽ صدما سانڍي رکنداسين
پيار ڏنا هي سارا تحفا سانڍي رکنداسين

پيار ڪي ڏوهہ سڀ چون، مون ڪي
آئي هن مان ثواب جي خوشبو

پريت پاڻهي آ پيار تي ويندو
ڪير ڪنهن کان پڇي ڪندو ناهي

ڇڏ تہ يلي ماڻي منزل ڪي
محبت منجهہ مهار نہ وجهجهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي چيچ جهلي هلندا هن
دردن کي جهلجي تہ پلا ڪئين

پيار ۾ هو مدهوش سراپا ڏسجي پيو
پنهنجا پيي ڪجهہ پير ٽڙيا جي چا تي پيو.

اڄي سار دامن ڇهيو ٿئي اسان جو
اسان تنهن کي پاڪر پري پئي جياسين!

جڏهن جڳ جهان پاڻ لئہ اوپرو ٿيو،
پرين توکي پنهنجو ڪري پئي جياسيين!

رهو ڪجهہ دور دور ڊپ تو ٿئي،
ڪوئي ڪنهن کي ڪٿي وٺي نہ وڃي!

هوءَ جا چاهت ۾ وئي آ ڪاري ٿي،
ڀڏوا مئلن ۾ سا ڳٽي نہ وڃي!

مشرقي شاعري ۾ عشق تصوف جي راهہ جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو، عشق، ذريعو آهي جيڪو محبوبيت جي وصال ڏانهن تہ ضرور وٺي وڃي ٿو پر اهو آگهي ۽ عرفان جي منزلن تائين پهچڻ جي ڏاڪڻ بہ ضرور سمجهي وڃي ٿو .رخسانہ مشرقي شاعري جي ان ورثي کان پلي پيت آگاهي رکندڙ آهي .

عشق وارن کي ملن ٿا ڪيترا رستا نوان
ڪيتريون سوچون نيون ۽ ڪيترا نقطا نوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير اونداهين ڏريو من ۾
عشق فانوس تي ٻريو من ۾

بنيادي طرح مونکي محسوس ٿيندو آهي تہ تصوف جي رمز ۾ ويڙهيل عشق جو غزل ۾ بيان انتهائي ڏکيو آهي تنهڪري سنڌ جي سر موڙ غزل گو شاعرن بہ تصوف تي لکڻ وقت شاعري جي صنف غزل بجاءِ ڪافي، وائي، نظم کي چونڊيو آهي. ڪلاسيڪي ورثي جي ابتڙ رخسانہ وٽ عشق فقط وسيلو ناهي پر وٽس عشق رازِ حيات ۽ مرڪزِ زندگاني آهي، عشق وٽس زندگي جو ذريعو نہ پر انکي چڪي سگهڻ وارو ذائقو آهي.

عشق کان جو بہ آشنا ڪونهي
تنهن لئہ سچ پچ تہ ڪا سزا ڪونهي.

ڪيترن ئي صوفين جيان فلسوفين وٽ بہ عشق ادراڪ جو وسيلو آهي ۽ انکي علميت ۾ اها ئي حيثيت حاصل آهي جيڪا سائنسي علم ۾ سينس پرسيپشن کي هوندي آهي. عشق ڪٿي بذاتِ خود ڄاڻ جي معنيٰ ۾ ورتايو ويو تہ ڪٿي وري ڪائناتي راز جي ڪنجي طور ان جي راز پروڙڻ جي وٽ سمجهو ويو.

ڪا ڳوڙهي ڳنڍ ٻڌي وچ ۾
تو ڪُل سان جُز ملائي، عشقا

عشق هوئنن بہ سرمدي سنت ۽ منصوري مام آهي، اهي جن ان جي چڪي پيتي اهي اجل، فنا تي، سڙي خاڪ ٿيڻ وارين سمورين راهن مان سرخرو ٿي گذرن ٿا ۽ دائمي آجپو ماڻين ٿا.

پاڻ ساڙي سراپا خاڪ ڪري
عشق تنهنجا ڪمال ڏسنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گليون عشق واريون اجل ڏانهن وڃن
گليون ڪنهن جون ٿئي هي ٻڌايل چري

عاشقي جو عرق اوتيو
آ ڪيو آجو فنائن

One pain is cured by another. Catch new infection in your eye and not the position of old one would die...(Tagore)

هڪ درد جو علاج ٻي سان ٿئي ٿو، اکين ۾ هڪ نئون درد پال تہ جئين پراڻو ختم ٿي سگهي.(ٽئگور)

رومانس ۾ عشق جي اڙانگن پيچرن تي درد پوروچوٽ لڪيرن جيان گڏوگڏ هلي ٿو. درد رومانس جي ڪک مان ڦٽي نڪري ٿو ۽ تڏهن ئي تخليق جو عمل انجام پذير ٿئي ٿو.

جذبن کي پنهنجي ڳاهجي ۾ پاڻ پيڙهجي
ائين درد ڪائنات جو ڪاٽو لڳائجي.

تون پنهنجي ميڙ پيو مايا
مان پنهنجو درد پئي جوڙيان.

درد تخليق جو استعارو، رات سان ڳنڍيل جيون يگ ۾ درد اڻ ڪوٺيو ئي مهمان بڻجي وجود ۾ ٽڪيو پيو آهي.

درد ڪئي آبياري دل تي،
ڏس ڪيڏو اسري ويا آهيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Let me not pray to be sheltered from dangers
But to be fearless in facing them.
Let me not being for the stilling at my pain, but
For the heart to conquer it.
(Tagore)

پريت جو غزل ان سموري سفر جو ساٿي جنهن ۾ دل عشق جي اڙانگين گهٽين سان گڏ سماج جا ڪيترائي ڏگ لتاڙي ٿي. سندس غزل ۾ پڻ دل جي ڌرتي کان شروع ٿي، ديش جي مٽي تائين پهچڻ واري عاشقي جي وارتا ۾ ڪيترين ئي منزلون اهڙيون جتي پريت تخليق لاءِ دل جي روشني سان گڏ پنهنجي شعور کان پڻ راهنمائي وٺندي رهي ٿي.

دکي هر فرد سان رشتا
اسانجا درد سان رشتا

سچو ماحول ميرو، پر
زمين جي گرد سان رشتا.

بنهہ ننڍي بحر جي غزل ۾ درد جي رشتي کي فرد جي فريم مان ڪڍندي ان کي زمين جي گرد سان ڳنڍي ان کي اهڙو توازن بخشي ڇڏي ٿي.
جنهن جي محوريت فرد، شاعر کي ماحول جي ميرائپ کان اوچو ڪري زمين جي گرد سان ڳنڍي ٿي ڇڏي.
درد جي استعاري کي ائين خوب استعمال ڪيو آهي، جتي درد بيچين ڪندڙ، ڦٽڪائيندڙ احساس بجاءِ هڪ توازن ۽ بيلينس جو احساس ڏياري ٿو.

پئي درد آ دکي ڪيو
اڄ درد کي دکائجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثرين ۾ سڀ جي ياد جي نيري ندي رکي آ،
سانديل ڪو درد دل ۾ ديوانگي رکي آ

درد سان ديوانگي ڪي ائين نيوٽرل ڪندڙ جو درد بيماري جي شڪل ورتل آهي ۽ نه وري ديوانگي خرد جي جامي مان نڪتل پائنجي بس هڪ لطيف احساس ته ياد جي فريم ۾درد ۽ ديوانگي ٻئي في الوقت حالتِ سڪوت ۾... ...اندر ئي اندر جهرندڙ پر ياد سماري وجود کي ڏِڌ ڏيئي ويل ٿا ڀاسن .

درد، رونشا تماشا ڏسندي ئي
مان ڊڪي پنهنجي ڊائري ۾ پڳس.

ڊائري جيڪا شاعري جو تمثيلي اظهار پر شاعره لاءِ ڇڻ ته هڪ محفوظ پناهگاه جو تصور پيش ڪندڙ آهي .درد سدا اڻ ميو، اڻ ڪٽ ٿئي ٿو ان ڪري ان جي ماپ، ڊيگهه ۽ ويڪر ماپڻ ته پري پر جنهن درد جي بيان کي گهٽ ڪري سگهجي پريت وٽ ان جو ٻه ڪو تصور موجود ناهي.

گهٽ دل تان هي بار ڪيئن ٿئي
درد ۾ اختصار ڪيئن ٿئي.

پر اها درد جي دل سان ويڙهاند جڳاندرن کان هلندي، جڏهن سندس ورثي ۾ اچي ٿي ته اتي پريت پنهنجي دل جو پاسو ڪٽندي نظر اچي ٿي.

ڪٿي مات مجبي، وڏي ويڙه وڙهبي
اجان درد دل کان ڪتيو ئي ڪٿي آ!

درد کي رخسانه ديوانگي نه پر آگهي جو ثمر سمجهي ورتايو آهي، جنهن کي ڏس ته ڏڪارڻ بجاءِ هر وقت آجيان ڪرڻ لئه منتظر ٿي نظر اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کليو دل جو رڪين ٿو در
تہ ايندئي درد ٿئي اڪثر

After a great pain
A formal feelings come
The nerves sit ceremonies
Like tomb. (Emmily Dikenson)

اتاه درد ڪانپوءِ
رواجي احساس اڀرن ٿا
۽ اعصاب چڻ تہ قبا..........

املي ڊڪنسن جو درد جي انتها واري هن گهري احساس جا اولڙا بہ پريت وٽ نظر اچن ٿا .پر ڊڪنسن جي ا بتڙ جتي درد فاتح ٿي وڃڻ ڪانپوءِ وجود جي مزار جي قبي جي سڪوت واري حالت ڪي هڪ ٽڪجي پيل احساس جيان ظاهر ڪري ٿو، رخسانہ وٽ اها ويڙه اجان پنهنجي منطقي انجام تائين نہ پهتي آهي.

ڪٿي مات مجبي، وڏي ويڙه وڙهبي
اجان درد دل ڪان ڪتيو ٿئي ڪٿي آ!

رئندي گذري رات اسانجي
درد لڏي آ ذات اسانجي

فني سٽاءُ جي ڏس ۾ اڇوتن الفاظن سان رديف جي نت نون تجربن ، رخسانہ جي غزل کي اجان وڌيڪ حسناڪي بخشي آهي تقليد بجاءِ رخسانہ ڪيترائي اڻ ڇهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الفاظ رديف ۾ ڪتب آڻي هڪ طرح سان سنڌي غزل کي نواڻ ڏني پر هن رديف جي استعمال سان ڪنهن ماهر وانگي سٺاءَ ۽ جرٽ ڏئي لفظن کي ائين بيهار يو آهي جو خيال سميت غزل جي نغمگي جي اثر کي نيچو ڪرڻ بجاءِ ان کي اجان وڌيڪ روماني بڻائي ڇڏيو آهي .

تنهنجي ئي آ تات ساري ساڻ هلندي.
عمر ڀر جي بيقراي ساڻ هلندي.

هڪڙو لمحو سونهن جي جلوه گري هئي
دور تائين تابڪاري، ساڻ هلندي.

تابڪاري، ڪو شاعراڻو لفظ آهي نہ وري ان لفظ سان ڪو روماني تصور ڳنڍيل آهي پر مٿين شعر ۾ جنهن پس منظر ۾ رخسانہ جنهن رديف سان ڪٽي ائي آهي، اتي اهو لفظ بہ نج پچ رومانيت سان ڀرپور تاثر رکي ٿو.

اڄ نيڻن ۾ آ رڳو پاڻي
ڏسبا منظر جڏهن سُڪو پاڻي.

يادون سانديون سپنا سانديا
اکڙين ۾ اوجاڳا سانديا.

پنهنجو پاڻ اندر ۾ پيڙيون،
خود ۾ چو هي گهاٽا سانديا؟

سوچ جي آوارگي وڌندي وئي.
تنهنڪري ئي شاعري وڌندي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار تي وڏنديو ويون جيئن بندشون،
تيئن اڳيان هوءَ سانوري وڏندي ويئي!

هن غزل ۾ خيال جي پختگي ۽ اندر جي اڌمن جو بيباڪ اظهار، خوبصورت رديف جي حسين امتزاج سان ائين فني ڪماليت جو نمونو پيش ڪندڙ جو ان کي بلاشبہ سنڌي جي چند بهترين غزلن جي شمار ۾ رکي سگهجي ٿو.

سراپا خاڪ ٿيڻو آ
مگر بي باڪ ٿيڻو آ

رفوگر اڳ پيا ڳولهيون
هي دامن چاڪ ٿيڻو آ

رلائن عشق جون تانگھون
ڪٿي ڪو تاڪ ٿيڻو آ!

پرين هئين پيار جي ڏيندين
هيئون هيراڪ ٿيڻو آ

سيئي گوندر گذرگاهون
مگر رولاڪ ٿيڻو آ

هتي بک درد تنهائيءَ
سندو ادراڪ ٿيڻو آ

اکيون، نيڻ رڳو غزل ئي نہ پر شاعري جي هر صنف ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ، پر پريت، هن شعر ۾ "اکڙيون" جي رديف، غزل جي روايت کي برقرار رکندي انکي آگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اهڃاڻ قرار ڏيندي ان سان زمانا بدلائي سگهڻ جو پر اعتماد اعلان آهي، بلڪ هڪ چيلينج جهڙو لهجو اختيار ڪيل آهي تہ ٻي پاسي انهن اکين جي نهار جي آزادگي کان اندر ۽ ٻاهر جي دنيا تبديل ڪندڙ سگهہ کان خوفزده زماني ياران ڊپ ۾ ويهاريل پيرن جي ڳالهہ چيڙيل آهي، هتي صرف شعر جي غزل گهڙڻ واري خوبصورتي ۽ ڏان ۽ جي ڳالهہ ناهي پر شعر جي اندر جو اهو اعتماد بہ هنن شعرن ۾ جهلڪي ٿو تہ اکيون موهينديون تہ آهن، پر اهي جي آزدگيون ماڻين تہ امڪانن جا دشت بہ ٽپيو وڃن

رڪن سڀ آگهيون اکڙيون!
چون ٿا چا ڪنديون اکڙيون!

پلي هٿ پير تون ڪڙجان
ڪڏهن توکان ڪڙيون اکڙيون!

اوجاڳا آگهي جو ادراڪ ٿين ٿا، ذات جي اندر هڪ گهري ٿبي جيان لهن ٿا، اها من جي تڙپ هجي ٿي، ساڃاه جي سُرت هجي ٿي جيڪا شاعر کي سمهڻ نٽي ڏي، پريت جي انهن اوجاڳن واري جاڳ سان همڪلامي جهڙو اظهار مون اڄ تائين ڪٿي بہ نہ پڙهيو آهي .

لونءُ لونءُ چڻ تہ لتاڙين ٿا پيا
ذات اڪيلي ڏڻ اوجاڳا!

جاڳائي ڪڻ ڪڻ ڊاتو ٿئي،
هاڻ سمهان، مون اُڻ اوجاڳا

شعري معنويت سان ڀرپور اهڙو اظهار سنڌي شاعري ۾ ڪنهن شاعر ورلي استعمال ڪيو هوندو. لونءُ لونءُ ۾ ڪڻ ڪڻ معني جسم جو هڪ هڪ سيل لتاڙجي، ڊاهجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ ان جي ٻيھر اٽت ڪجي، ناھجي سنوارجي..........تخيل جي ان وھڪري ۽ بلندي جو ٻيو ڪو مثال مشڪل سان ملندو.

رخسانہ جي شاعري اڻ ڪٿي پياس جيان جيترو پي، ڊوءُ نہ ٿئي، ھتي بہ چوندڙ مشڪل تہ ڪمڙي غزل کي فھرست ۾ متاھون رکجي، پر حقيقت اھا آھي تہ سندس نسواني لھجي جي سگھہ، رومانس جي تخيل ۽ اڏمن جي اپتار ۾ سندس بر ميچڻ مشڪل آھي. رخسانہ کي ان حوالي سان ٽرينڊ سيٽر شاعره بہ چئي سگھجي ٿي تہ رخسانہ کان پھرين اھڙو بيباڪ عورتاڻو لھجو ۽ اظھار ائين شدت سان سنڌي ادب ۾ پنھنجي جاءِ والاري نہ سگھيو آھي. جو تہ مرد شاعرن وٽ حقيقي عورت بجاءَ تخيل جي اھا عورت چانيل آھي جيڪا سندن فنتسي مان جنم ورتل آھي. مثلن

تنھنجون چاتيون ڪيڏيون آتيون پاڻ ڇُھائڻ لاءِ
منھنجون اڪڙيون چا تہ اُبھريون تن کي پائڻ لاءِ

تنھنجا عضوا ڪئين نہ لچن تا ڪتڪاڙين ڪارڻ
ڳولن تا پيا ڪنھن کي پاڪر، ڳل لڳائڻ لاءِ

اھو ممڪن آھي تہ مرد نقاد ھن قسم جي عورتاڻي لھجي کي ايروٽڪ شاعري جي ذمري ۾ آڻي ان جي قبوليت لاءِ ڪا جاءِ پيدا بہ ڪري وجي پر شاعراڻي اظھار ۾ ان کي عورت جو حقيقي ترجمان نہ ٿو چئي سگھجي. ٻي پاسي عورت شاعرائن وٽ سماج جي اھا سينسر ڪينچي وڏيڪ تکي ٿيل ھئي جن سان اھي شاعرائون عورتاڻي اڏمن جي بيان، وصل جي راحتن جي بيان ۾ پھريدار سماج ۾ پاڻ ئي پنھنجا پر ڪترينديون رھيون آھن ۽ پنھنجي حوالي سان سماج جي طئي ڪيل راه سان بغاوت ھلڪو ليڪو پوڻ بہ نہ ڏنو اٿن. جيئن پريت جون ھي سِٽون

اکين جون لاليون ڪوئي تہ سمجھي
اھي رداليون ڪوئي تہ سمجھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽي نہ ڦيريل، ڇڳون ھي الجميل
اکيون ھي آليون ڪوئي تہ سمجھي!

سمھي تہ پيئي مگر اڪيلي،
اِھي بہ ڳالھيون ڪوئي تہ سمجھي!

نہ وڃ روح پنھنجو پريو ئي ڪٽي آ
اڃان سڄ مٿان آ لڙيو ئي ڪٽي آ

نہ رڙھ رات جلدي پرھ ترس ٿورو
اڃان پيار دل تي ڪيو ئي ڪٽي آ

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ تہ شايد اھي مثال ڳولھڻ مشڪل پر جي وري بہ شاھ سائينءَ سان رجوع ڪجي تہ سر سامونڊي ۽ سر مومل راڻي ۾ عورتاڻي جذبن جون اھي شدتون ۽ جدتون، جا بجا ملنديون .شاھ جيان پريت بہ انتھائي مھارت سان عورت جي اھڙن سينشوئلسٽ اڌمن کي چٽيو آھي.

ڪينئن وجود وڏي ويندا آھن سارو،
ھي جوين جا وار پرين کو چا چاٽي!؟

ايئن لڳي لونءَ لونءَ ۾ ڪنھن اڳنيون اوتيون
ملندي ئي چپ چار پرين کو چا چاٽي!

لونءَ لونءَ ۾ اڳنيون اوتڻ واري حدت ان ڪان اڳ نسواني لھجي ۾ ڪٿي بہ نظر نہ ٿي اچي.ان جي بيان سميت پريت ان جي سماجي حدبندين جي بہ پوري ڪٽ رکي ويٺي آھي ، جنھن ۾ سماج ھڪ ماھر ڪاسائي جيان اڳ ئي ڪوس لاءِ تيار نظر اچي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ جي آوارگي جي حد ڇاتم،
۽ بدن تي بندشن کي مون ڏٺو هو!

مجبورين جا مقتل،
لڇندا شباب هوندا!

تنهنجي پهلوءَ ۾ پو بہ پئي پڙڪيس،
چاهتن سان ڇتائون ساڻ رهيون!

چاهتن سان ڇتائن واري تمثيل وري بہ شاهہ جي يادگيري ڏياري ٿي تہ ،

مون کي چاڙهي ڇپ، وڻجارو اوهري.

جتي شاه جدائيءَ کي نيري باه جي هلڪي فليم سان ڀيٽي ٿو اتي پريت بہ آڙاه ۾ جلي ويل ٻير جي ٻرندڙ ڪوئلن سان حياتي کي ڀيٽيو آهي.

هيءَ حياتي ڇڻ تہ ڇرپيلي هلون پيا،
ٻير ڇالا، نيڻ ڇو الا پڇين ٿو!

پريت پنهنجي جنهن غزل مان هن سور ستن ۽ محبت ماڻ سان ڀرپور غزلن جي ڳٽڪي جو عنوان چونڊيو آهي، اهو غزل سنڌي شاعريءَ ۾ نئين جماليات جي تخليق آهي. اهڙي جماليات جيڪا تخيل جي ان معراج تائين پهچائي ٿي جتي خيال جي تجريديت پگهرندي محسوس ٿئي ٿي. عشق جي سرشاريءَ سان ڀرپور هن غزل ۾ پريت اردو غزل جي ڪعبي ۽ صنم جي تمثيل جيان خماريل ڪفر جو ذڪر پراڻن شرابن جيان ڪيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت ۽ ڪونهن وفائن جا سجدا!
گناهن جي پيو ڪان خدائن جا سجدا!

سچو هڪڙو سجدو بہ اگهجي وجي ٿو،
وڃن جاڙ ڪن جا ايامن جا سجدا!

هي اولهہ، هي اوير، .ڏکڻ ۽ اتر ڇا،
دليون پنهنجون ڪعبا ۽ ساهن جا سجدا!

ڇڏي خلق رڙندي مڙيا مسجدن ڏي،
هي، منصف ڳٽيندي ملائن جا سجدا!؟

اوهان پل سراپا جهڪو سرزمن تي،
اسان جا پرين ڪي نگاهن جا سجدا!

غزل سان منسوب جرئت ۽ ڪفر جي بات اڄوڪيّ زماني ۾ متروڪ ٿي چڪي آهي پر پريت هن غزل ۾ ان روايت کي نہ رڳو نئون جنم ڏئي ٿي پر گڏوگڏ اهڙي برجستگي ۽ بيخوفيءَ واري اظهار کي بلنديءَ تائين ڪٺي وڃي ٿي. جتي احساسن جي قوت اڏام دنيا جي حدبندي لتاڙيو وڃي . پرين کي نگاهن جي سجدن جهڙو رومانوي تصور جنهن خمار ۾ ويڙهيل آهي ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.ڪو بہ وڏو آرٽسٽ پنهنجي سماج جي لاهن چاڙهن هيٺ متاٿهين، حادثن ۽ تضادن جي باري ۾ نہ رڳو حساس هوندو آهي پر سندس اردگرد جو ماحول جنهن جي مٽيءَ ۽ خوشبوءَ ۾ سندس آرٽ ڳوهجي، جڙي راس ٿئي ٿو ان سان وابستگيءَ جو سوال سدائين وٽس جيئرو رهي ٿو بيشڪ تہ ان وابستگيءَ کي نظرئي جي نوڙ سان ٻڌڻ جي ضرورت نہ هجي پر جيڪو آرٽ پنهنجي سماج کان ويڳاڻپ ۾ جنم وٺي ٿو اهو ڪٿي بہ مرڪزيت نہ ٿو ماڻي، اعلي آرٽ جون پاڙون هميشہ پنهنجي سماج جي ڪک مان ڦٽي نڪرنديون آهن، جيئن سماج جو تحرڪ تخليقي سگهہ کي متحرڪ ڪري ٿو اينئن سماج اندر موجود سياسي سماجي نظرياتي تحريڪون ان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبياري سان گڏ ان جي تخليقي سگهہ کي بہ پروان چاڙهن ٿيون. رومانوي مزاج رکڻ باوجود پريت جو غزل سماجيات کان ڪٽيل نہ ٿو لڳي. سماج ۾ جتي بک بيماري جا دوزخ جيئرا هجن اتي محبوب جي لمس ۽ چاهہ جي چمين سان گڏوگڏ گوندر ۾ گذاريندڙ خلق جي جهان اجارڻ لئہ بہ سندس قلم ڪڇي ٿو.

وڃي پل جلي آخري رت ڦڙو،
آ مقصد تہ جڳ ۾ اجالو ٿئي

رڙهڻ سان ٿي ڪا راهہ سجهندي آ
وقت پل پل ٿي اينئن ڇٽي نہ وڃي!

ڪنڌ هڪ ڀيو جهڪيل ڪڇي ويو آ،
خيال رکجو ڪوئي لٿي نہ وڃي!

بک ماڻهوءَ کي ڪاٿي پهچايو،
ڪنهن ڇڏي پونءِ، ڪنهن ڀڳوان ڇڏيا!

جتي مايا جي ماپ سان ماڻهپا ماپجن اتي پريت بي اختيار چوي ٿي

ماڻهو، ماڻهوءَ کي ماپي مايا سان،
ڪيئن هلي پيو زمانو هي اڄ جو؟

خيال جي خوبصورتي بہ پريل پيٽ سان مشروط ، اتي سندس اظهار

پيٽ ٿو خيال ۾ خلل آڻي،
ڪيئن حل ٿئي هي مسئلو پنهنجو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فن اورانگهي ويو سرحد کي،
بک تي پر فنکار اهو ئي!

جيڏانهن آه نظر پئي گوليون گماو ڌماڪا ها،
هاڻ لکي هن ديس جا نوحا، سانڍي رکنداسين!

دنيا جي ميڙ کي ڇڏي سچ ۽ سونهن جي پاسي ڊر تي بيهڻ جي سگهه ٻه سماج ۾ هن وقت ناپيد ٿي ڏسجي پر پريت اتي هجوم جي تقليد بجاءِ پنهنجي ڪوتا سميت سچ جي اقليت سان بيٺل نظر اچي ٿي.

هاڪاريءَ جي هرڪو پويان،
ڪو تہ بيهي انڪاريءَ سان گڏ!

دنيا قاتل سان بيٺي آ،
منهنجي ڪوتا ڪاريءَ سان گڏ!

امر سندو
10 آگست 2014

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاهن جا سجدا

منهنجو هي ڪوتا ڪتاب "نگاهن جا سجدا" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي. جڏهن بہ هي ادبي پورهيا ۽ محنتون سهيڙجي مجموعي جي صورت وٺي تخليقڪار جي هٿن تائين پهچنديون آهن تڏهن سچ پچ تہ تمام گهڻي سرهائي محسوس ٿيندي آهي، پر ان ڪان بہ وڌيڪ خوشي جو احساس ان وقت ٿيندو آهي جڏهن اهي ڪوتائون، اهي ڪاوشون جهنگ جهر سفر ڪري انهن ڏورانهن علائقن تائين پهچنديون آهن ۽ انهن ماروئڙن جي بصارتن مان گذرنديون آهن جن جي احساسن ۽ جذبن کي اسان تخليقڪار ٿي زبان ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جنهن خوشي جي ڪَٿ ٿي نٿي ڪري سگهجي. پنهنجي ڪوتا ڪتاب تي لکندي، اندر اوريندي هڪ ننڍڙو واقعو ذهن تي تَري آيو آهي. سوچيان ٿي اوهان سان شيئر Share ڪندي هلان.

سال 2013 ۾ سنڌ جي انتهائي حَسِين ۽ اوتري ئي محروم ۽ نظر انداز ڪيل علائقي ٿر ڏانهن پنهنجي سهيلين سان گڏ وڃڻ ٿيو هو جيئن هر انساني وجود اندر هڪ صحرا ضرور هجي ٿو تيئن ٿر وري مونکي سنڌ جي اندر جو صحرا محسوس ٿيندو آهي. توڙي ان وقت تہ ٿر سائو هو. ڪافي مرڪندڙ مُک بہ نظر آيا پئي پر پوءِ بہ ان سائي چادر اندر صدين جي اُڃ محسوس ڪري ورتي هئم. ڪارونجهر جي ڪيپيل وجود کي پنهنجي هٿن سان ڇُهي ڏٺو هو جنهنکي ٺيڪيداري سسٽم ۾، ڳاڙهي پٿر جي حاصلات لاءِ وڍيو پئي ويو. ڪارونجهر جي وچ مان وهندڙ آبشار ائين لڳو هو ڄڻ سندس ڳوڙها هجن. سنڌ جي هن مختلف ۽ منفرد پهاڙي سلسلي ڪارونجهر جي زخمي وجود سچ پچ تہ بي چين ڪري وڌو هو. اتي ئي ننگرپارڪر ۾ صبح جي نيرن ڪرڻ دؤران جنهن اخبار جي حصي ۾ ماني ويڙهجي آئي هئي ان ۾ منهنجون ڪجهہ تخليقون ڇپيل هيون. منهنجي هڪ پياري سهيلي اتي مُرڪندي چيو هو "پريت جي شاعري ڪارونجهر تائين بہ پهچي وئي آهي". سچ پچ تہ ان هڪ جملي کي پاڻ لئہ هڪ Complement ڀانئيو هئم. پوءِ ننگرپارڪر جي ئي گيسٽ هائوس ۾ صبح جي اُيرندڙ سج ۽ اڏول بيٺل ڪارونجهر سامهون، پنهنجي سهيلين جي اِسرار تي، اخبار ۾ ڇپيل اها شاعري ڪين پڙهي ٻڌائي هئي. رات جو محفل موسيقي ۾ صادق فقير (جيڪو منهنجي پسنديده فنڪارن ۾ شامل آهي)، ڪيترن ئي وڏن شاعرن اياز، استاد، فيض، فراز ۽ ناصر ڪاظمي جي شاعري ٻڌائڻ ڪانپوءِ جڏهن اوچتو منهنجو غزل "ڇپ سُرخي سان جو ڍڪيل آهن، درد تِن ۾ بہ ڪجهہ لِڪل آهن"، شروع ڪيو هو، جنهن جي ڪمپوز ٿيڻ جي خود مونکي بہ خبر نہ هئي، تہ مونکي ڪجهہ حيرانگيءَ سان گڏ دل ۾ هڪ خوشيءَ جو احساس بہ اُڀريو هو. ڏِن بہ لاجواب هئي. ٿر سان تعلق رکندڙ هن لاجواب فنڪار صادق فقير جو، پنهنجي ئي ليکي شاعري جي چونڊ ڪري ڪمپوز ڪرڻ ۽ ان رات اسان جي سامهون ۽ ٿر واسين اڳيان بہ ڪمپوز ڪندو رهڻ مون پنهنجي ادبي پورهئي جي ڪاميابي سمجهي هئي. سنڌي ادب ۾ پنهنجي ننڍڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Contributionسان شاعره طور سچاٽپ هجڻ کي بہ مان پنهنجي لاءِ خوشنصيبي سمجهان ٿي.

عورت هجڻ ناتي توڙي گهر ۾ تہ بهتر ماحول مليو پر سماجي طرح اٿڻ ويهڻ ۾ پنهنجون ذميواريون نڀائڻ ۾ انتهائي سوڙهائپ محسوس ٿي. مشاهداتي اک رکڻ باوجود ڪائنات جي ڪيترن ئي منظرن جو سڌو سنئون مشاهدو نہ ماڻي سگهي آهيان. جنهن لئہ عورتن لاءِ قائم ٿيل ۽ گهٽي پاڳي نظر نہ ايندڙ مخصوص حد بنديون ذميوار آهن. زندگي دائرن ۾ گذاريندي جيڪي انساني وجود منهنجي مشاهدي ۾ آيا انهن سان هم ڪلام ٿيندي رهي آهيان. سندن اندر ۾ ليئو پائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي ۽ سندن خالي توڙي ڀريل اکين کي پڙهندي بہ رهي آهيان. انهن تحريرن جا عڪس منهنجي تخليقن ۾ پَسي سگهجن ٿا.

طبقاتي طرح لوئر مڊل ڪلاس سان تعلق هجڻ ڪري ڪافي دفعا معاشي Frustration جو بہ شڪار رهي آهيان. ڪيترائي ڪتاب چاهيندي بہ ان وقت نہ پڙهي سگهي هئس ڇاڪاڻ تہ اهي منهنجي قوتِ خريد کان وڌيڪ مهانگا هئا. هتي اهو بہ اعتراف ڪندي هلان تہ جي ذات ديويءَ جو ڪَرم، مون جهڙي سوين تضادن جو شڪار، ڪيئي زخمي احساس پنهنجي اندر ۾ سانڍيندڙ ڇوڪريءَ تي نہ ٿئي ها تہ آئون سچ پچ تہ ڪيترن ئي نفسياتي مونجهارن کان بچي نہ سگهان ها.

شاعري منهنجو شوق نہ منهنجي پناهہ آهي. هن، نہ ڄاڻ ڪيترائي ڀيرا مون کي ذهني گهُٽ ۽ ٻُوسٽ واري عجيب صورتحال ۾ Ventilate پئي ڪيو آهي. هن ڪيترن ئي احساساتي بحرانن ۽ زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي ويل Emotional Upsets مان ٻاهر ڪڍيو آهي، پنهنجي هنج ۾ سمهاريو آهي. جتي ڪيترن ئي اوجاڳن کي آرام مليو آهي ۽ ايئن آءُ وري نَوَن حوصلن ۽ نئين همٿن سان زندگي ۾ داخل ٿي سگهي آهيان. شاعري خبر ناهي ڪيترين Emotional Traumas تي پنهنجي شفقت جو هٿ رکي Heal پئي ڪيو آهي. شاعري نہ صرف ڪيترين ئي بي قرارين ۽ بي چينين جو Catharsis بڻي آهي پر ڏرتتي وانگر ساڙيندڙ زندگيءَ ۾ ڇانورا آڇي ، ساهي پٽڻ جا موقعا بہ ڏيندي رهي آهي.

ڪيترائي ڀيرا مونکان اهو بہ سوال ڪيو ويو آهي تہ ڊاڪٽري ۽ شاعري جو سفر پوروچوٽ ڪيئن طئي ڪيو آهي؟ ان سوال جو جواب بہ هيءُ ئي آهي تہ منهنجي تخليقي سگهہ ۽ شڪتيءَ ئي مون کي پنهنجو مسيحائيءَ وارو سفر ڪاميابي سان طئي ڪرايو آهي. هن شعبي ۾ رهندي مون زندگيءَ، ڀُک، درد ۽ موت جهڙين اڪيلاين ۽ لاوارثين کي ويجهي کان ڏٺو آهي. مون ڊاڪٽر طور اسپتال ۾ ڪم ڪندي لک ٻتي ماڻهو کي رت اوڳاڇي اوڳاڇي اڪيلو مرندي ڏٺو. ناسُور بڻجي ويل گهاوَن کي پرڻ لاءِ دوائن سان گڏ محبتن ۽ پنهنجائپ جو احساس بہ درڪار هجي ٿو جيڪو هنن کان ڪوهين ڏُور بيٺل هيو. مون ڀُک ۾ فقيرياڻي بڻجي ويل عورت ۽ وقت جي نامهربانين سان ڏاڙيل بڻيل هڪ شخص جا لاش ڪئي هفتا اسپتال جي سردخاني ۾ ڏٺا جيڪي بعد ۾ ڊاڪٽري هٿن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوزارن سان وڍجي ڪَٽجي ويا. انهن جي ڪنهن بہ وارثي نہ ڪئي. هن قِسم جي واقعن منهنجي ذهن تي گهرا اثر ڇڏيا ۽ منهنجي تخليقي ذهن کي جهنجهوڙيو. عشق ۽ درد منهنجي تخليقي عمل جا بنيادي محرڪ آهن. عشق ۽ درد جن جا سمنڊ جيان ٻيا ڪِنارا آهن ئي ڪونہ، جيڪي ڪائناتن تي ڦهليل آهن، عشق جيڪو ڳنڍجڻ جو عمل آهي، جيڪو تڪميل جو پنڌ آهي ان جا سيئي رستا درد مان گذرن ٿا،عشق جوڙيندو آهي هتي تفريق جائز ناهي، عشق تقسيم نٿو چاهي. هيءُ وحدت آهي، ڪيترن ئي جزن کي ڳنڍي ڪُل جي حيثيت ڏئي ٿو. هيءُ اوچ نيچ ۽ هر قِسم جي مت ڀيد کان مٿاهون جذبو آهي ۽ هن ۾ اعليٰ پڻي جو هر جوهر سمايل آهي.

جڏهن انسان پاڻ مان ”مان“ کي ڪيڏي ڦِٽي ڪري ٿو تہ تڏهن عشق ”مي رقسم“ واري خاصيت اپنائي ٿو. جڏهن باطل قوتن کي للڪاري ٿو تہ تڏهن شاهہ عنايت بڻجي موت قبولي ٿو. جڏهن وقت جي حاڪمن جي فرمانن کان منڪري واري ٿو تہ تڏهن سقراط ۽ شهيد بشير خان جيان وهہ اوتي ماريو وڃي ٿو. هيءُ سڀ عاشقين جا اهي روپ ۽ رنگ آهن جيڪي تاريخ ۾ امر بڻجي وڃڻ سان گڏوگڏ تخليقي عمل جو محرڪ بہ بڻجي وڃن ٿا. تخليقڪار ۽ تخليقون پڙهندڙ ٻنهي جا ذهن هميشہ بي چين هوندا آهن. تخليقڪار پنهنجي تخليقن ۾ نجات جي رستن ڳولڻ جي جستجو ڪندي نظر ايندو آهي ۽ پڙهندڙ انهن تخليقن مان رهنمائي ۽ ماڳن ڏانهن ويندڙ رستن جا نشان ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سوچ، لوچ ۽ سمجهہ کان دور بيٺل ذهن هميشہ پُرسڪون نظر ايندا آهن اها خوشحالي نہ پر ذهني ڏيواليپڻي جي نشاني آهي.

منهنجي ذات جتي مونکي درد جي ڪيترن ئي روپن کي سمجهڻ جو ادراڪ بخشيو آهي اتي ٻُک جهڙي هانءُ جهوريندڙ حقيقت جي آگهي پڻ ڏني آهي. مون لکندي ئي محسوس ڪيو آهي تہ اکين مان وهندڙ لڙڪن جي ڳاٽيتي سان درد کي نٿو ڪَٽي سگهجي.

ٻُک انساني سماج جي هڪ اهڙي ڪڙي حقيقت آهي جنهن کي هميشہ دعائن جي صحرا ۾ ڦِٽي ڪيو ويو آهي نتيجي ۾ ڏاڍن هميشہ ٻُکين تي راڄ ڪيو آهي. اهڙن ناحقن کي تخليقڪار ئي واڪو ڪندا رهيا آهن. هڙين حالتن ۾ شاعري هنن پتڪيل احساسن جي ڇيچ جهڙي ڪين طاقت ۽ حوصلو ڏئي جدوجهد جي پنڌ تي آڻي بيهاري ٿي ۽ اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ جدوجهد ۾ ئي حاصلات آهي. ڪيترائي ڪتاب پڙهي مون محسوس ڪيو آهي تہ تخليقي ادب ۾ اها طاقت آهي، اها سگهہ آهي جنهن سان ماڻهن جا گس ئي نہ پر طرف بہ تبديل ڪري سگهجن ٿا.

ڪاري موري حيدرآباد ۾ هڪ ڪمري واري گهر ۾ منهنجو جنم ٿيو هو ۽ جنهن پنهنجي گهر ۾ مون پنهنجو تخليقي سفر شروع ڪيو هو ان وچ ۾ ست اٺ مسواڙي گهر تبديل ٿي چڪا هئا جنهنجي نتيجي ۾ دربدريءَ جو شديد احساس منهنجي وجود ۾ ٻالڪپڻي واري زماني کان ئي شامل ٿي ويو هو. ذهن ۽ سوچن ۾ اضطراب ۽ بي چيني پنهنجي چوگرد انتها تي پهتل Unevenness ۽ جنسي مت ڀيد Gender

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Discrimination جا وجود کي لوڏي چڻيندڙ واقعن ڪري پيدا ٿي هئي. بي چين روح رکندي شيخ اياز جي شاعري ۽ ڪابي ڏر جو رُوسي ادب پڙهندي منهنجي اندر ۾ هڪ سنگمرام مچي ويو هو جيڪو اڄان تائين جاري آهي. تخليق جي سفر ۾ منهنجو قلم ۽ عملي جدوجهد ۾ منهنجا پير وس ۽ وت آهر هلن پيا، ضمير جو آواز ڪنائن پيا.

ذات ديويءَ جا بہ پنهنجا موڊ ۽ مزاج رهيا آهن. ڪڏهن تہ آبشار بڻجي ڪيترن ئي صفحن جي اُڄ اُجهايو ڇڏي تہ ڪڏهن رُڃن ۾ واڪا ڪندي رهجي وڃجي، هڪ اکر بہ اُڃ اُجهائڻ لاءِ نہ ملي. ڪيترائي دفعا همڙين ڪيفيتن مان بہ گذري آهيان پر ڪجهہ سمي ڪانپوءِ وري تخليق جي ديوي گهتائن جو گهونگهٽ ويڙهي اُجايل وجود کي سيراب ڪرڻ لاءِ اچيو پهچي ۽ پوءِ ڪيترين ئي سوچون، خيال، احساس، دل لڳي، درد، وشواس، ويساهہ گهاتيون، مُرڪون ۽ لڙڪ اندلتي رنگن وانگر تخليقن ۾ نڪري نروار ٿين.

سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم دؤران ”اسان کي تون سائين سدائين خدايا، ڪرم سان اُپائين نپيائين خدايا“ ۽ ”اچوڙي پينر راند رچايون، ننڍڙي گُڏڙيءَ کي پرڻايون“ جهڙي شاعري پڙهندي اڄ پنهنجي سنڌ واسين کي غزل جي صورت ۾ محبتن جي شاعري، بغاوتن جي شاعري آڇي رهي آهيان. آءُ هڪ عورت آهيان ۽ هن ڪتاب جي سموري شاعري هڪ عورت جي قلم مان سرجيل آهي. جنهن ڌرتي تي عورت پنهنجي مرضيءَ سان، ساهہ کڻندي بہ ڪئي دفعا ڇرڪندي هجي، جتي الزامن ۽ تهمتن جا ڪارا ڪکر بارهو ئي هن جي وجود جي آسمان تي ڇانيل هجن اها محبتن جا جذبا پنهنجي من ۾ ڪيئن تي سانڍي سگهي؟ نينهن جا اهي سمورا نعرا جيڪي لڳڻ کان اڳ سندس نڙي ۾ گهُٽجي ويا، انهن نعرن جو آواز پنهنجي تخليقن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اهي سموريون نينگريون جيڪي محبتن جي ڏوهہ ۾ ڪاريون ٿي ڪُسجي ويون انهن جي آخري دانهن بہ منهنجي شاعريءَ جي سِٽن ۾ محفوظ آهي.

عشق جون دنيائون، بغاوتن جون دنيائون آهن. اهي سموريون بي حسيون ۽ مجرماڻيون خاموشيون عشق جي جهان مان جلاوطن ڪيل آهن.

لکڻ وارا هٿ بنهہ ٿورا ۽ عذابن جا تمام گهڻا ۽ ڏکها داستان آهن. دانهن جا پڙاڏا ڪنهن هڪ ڏِسا کان نہ پر چوڏسائن کان سماعتن ۾ محسوس ٿين ٿا. جن تي ضمير جون اکيون پوري نہ ٿيون سگهجن. هي سڀ ڪجهہ اسان جي سامهون ۽ آسپاس ٿئي ٿو، جنهن تي سوين هزارين بي حِس بڻجي ويل ذهن پلي سجاڳ نہ ٿيندا هجن پر تخليقڪارن جي قلم ۾ جنبشون ضرور اچن ٿيون.

منهنجي سموري شاعري پيار جو پورهيو ۽ سفر آهي، جيڪو وِک وِک ڪٽي طئي ڪيو آهي. نہ ڪڏهن تڪڙي شهرت جي ضرورت محسوس ڪئي اٿم نہ ئي ڪنهن کو Shortcut ورتو آهي. هميشہ پنهنجو پاڻ تي ۽ پنهنجي قلم تي اعتماد ڪيو آهي. پنهنجي تخليقي ڪم سان هميشہ Commitment ۽ وابستگي رهي آهي. شاعراڻي ماحول نہ ملڻ جي هميشہ شڪايت رهي آ. پنهنجو گهر تہ آهي پر پنهنجي ان گهر ۾ ”منهنجو ڪمرو“ نالي ڪا بہ جاءِ ناهي. ان ڪري Compose ٿي نہ لکي سگهي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس ڪڏهن ڪتي ڪا شيءِ لکي ڪڏهن ڪتي. اها ئي صورتحال رهي آهي. هاڻي هڪ ادبي ڪُنڊ ضرور نصيب ٿي آ، جيڪا مون کي هڪ پوري ڪائنات لڳندي آهي، اتي جڏهن ويهندي آهيان تہ پاڻ ۾ زندھ هجڻ جون سيئي نشانيون نظر ايندي آهن. ادبي ڪتاب، ڊائريون، رجسٽر، رسالا، اخبارون سڀ منهنجي ويجهو پيل هونديون آهن. هن ڪُنڊ ۾ ويهندي جڏهن قلم کڻندي آهيان تہ پَل اندر منهنجا خيال خبر ناهي ڪيترو، 180 ڊگريءَ جو سڌو ۽ 90 ڊگري تي عمودي سفر ڪري منهنجي شاعري لاءِ ڪيترو ئي Raw Material کڻي ايندا آهن. جيڪو پوءِ مختلف صورتون وٺي تخليقن ۾ شامل هوندو آهي. هن ڪائنات جيڏي ڪارنر ۾ منهنجي هر جذبي جو اظهار ٿيندو رهي ٿو، ڪڏهن مرڪن ۽ ڪڏهن لڙڪن ۾، ڪڏهن لکڻ ڪڏهن پڙهڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايئن ئي چُپ چاپ خاموشين سان گفتگو ڪري بہ هانءُ هلڪو پائيندي آهيان. اڪثر لکڻ واري ٽيبل تي خيالن ۾ گُم ڏسي منهنجي ننڍڙي پُٽ ”ڪبير“ مٺڙو ڏيندي چيو هو ”امان مون کي لڳندو آهي تون پنهنجي Poetry سان اسان کان وڌيڪ Love ڪندي آهين“! مون جواب ۾ مُرڪي ڏنو هو ۽ کيس ڀاڪر پائيندي چيو هو ”منهنجي عشق ۾ ڪوتائون، ڪبير ۽ اهي سڀ شامل آهن جيڪي مون سان پيار ڪن ٿا“.

هن منهنجي سموري ادبي سفر ۾ منهنجون سَهيليون، گهر جا ڀاتي جن ۾ پنهنجي ڀاءُ عبدالرحمن چنڙ جو نالو خاص طور تي وٺڻ چاهينديس، ادبي ساٿي، پيار ڪرڻ وارا ۽ مداح شامل آهن.

آءُ ٿورائتي آهيان امر سنڌو، عطيہ دائود، اياز گُل ۽ محترم امداد حُسيني صاحب جي جن منهنجي هن ڪتاب تي مهاڳ ۽ پنهنجا قيمتي رايا لکيا. ڪتاب جي پبلشر ممتاز بخاري جو پڻ ٿورو مڃڻ نہ وساريندس جنهن خوبصورتي سان ڪتاب پبلش ڪري اوهان جي هٿن تائين آندو.

ڪتاب جو خوبصورت ٽائيٽل ناهڻ تي نامياري مُصور ۽ شاعر فتاح دائود پوٽي جا پڻ ٿورا مڃيان ٿي.

رخسانہ ”پريت“

حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسيائي شعور رکندڙ شاعره رخسانہ پريت

فنون لطيفہ سان تعلق رکندڙ مڙني شعبن جي پيٽ ۾، عورت تخليقڪار شاعريءَ جي ميدان ۾، خاص ڪري غزل جي صنف لکندي وڏيڪ مخالفت سٺي آهي، ڇاڪاڻ تہ مڙهيل روايت موجب مرد عاشق ۽ عورت معشوق هجي ٿي .صوفي شاعرن جن خود عورت بڻجي لکيو انهن کي قبوليت ملي . شاعرن عورت کي آبجيڪٽ بڻائي پيش ڪيو تہ اهو پڻ قابل قبول هو، پر جڏهن عورت خود پنهنجي جذبن جو اظهار بي باڪيءَ سان ڪيو تہ نقاد ۽ ادبي تاريخ جا مورخ وضاحت واري انداز ۾ چوندا رهيا تہ مرڪان شيخڻ ۽ جادل جتڻي.انهن اها شاعري پنهنجي مرشد يا مڙس جي عشق ۾ ڪئي . عشق جي ڇتي اظهار ڪرڻ جي انهيءَ روايتي بند کي ورهاڱي کان ا ڳ شاعره مونس هالائي ۽ ورهاڱي کان پوءِ نور شاهين غزل ذريعي ٽوڙيو آهي .رخسانہ پريت جنهن دور ۾ غزل لکڻ شروع ڪيو تہ اهڙا دائره ٽٽي چڪا هئا ،پر پوءِ بہ ڪن جي حصي ۾ هم عصرشاعرن /نقادن جا تعصباڻا رويا آيا . ادب جي تور تڪ ۽ ڇتاپيڻيءَ واري هٽ ٺوڪئي ڪلاس روم ۾ پلي ڪيس پهريون ، ٻيون ،ٽيون يا چوٿون نمبر جو ٺپو هڻن پر هوءَانهيءَميدان ۾ تخليق جو جهنڊو ڪوڙي چڪي آهي ۽ هوءَ اهڙي ڪنهن ٺپي جي محتاج بہ نہ آهي.

پريت وٽ ڏانءُ، ذات، درد ۽ نسيائي شعور ڀرپور ملي ٿو. هي نسيائي شعور ئي تہ آهي جو محبت ۾ محبوب جي قدمن تي ليٽڙيون پائڻ جي تمنا بدران برابريءَ جي طلبگار آهي.

سارا چو اوتيا تئي مون ۾،
تون بہ پرين ڪجھ ڪڻ اوجاڳا.

پريت رومانس جي شاعره آهي، پر هوءَ اهڙي پيار کي رد ڪري ٿي ،جيڪو سندس انا ۽ ايگو کي ڇيهو رسائي.

پريت جي شاعري ۾ عورت انسان آهي جنهن جون سڀ خصلتون جبلتون انسان وانگر ئي آهن.

پيار ۾ هو مدهوش سراپا ڏسجي پيو
پنهنجا پڻ ڪجھ پير ٿڙيا جي ڄا ٿي پيو

پريت سماج ۾ عورت سان مت پيد واري سلوڪ ۽ ان جي درد کي غزل جهڙي نازڪ صنف ۾ ڀرپور طرح اوتيو آهي.

مس سورهن سالن جي هوندي،
پر صدين جو لوڙي وئي آ
هوءَ هڪ ٻئي غزل ۾ چئي ٿي،
جنهن مٿان تاج محل هو اڏڻو،
سا تہ جيئري ڊهي وئي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريت جي شاعريءَ جي جيڪڏهن ايمانداريءَ سان ڪٿ ڪئي وڃي تہ هوءَ پاڪستان جي صف اول جي قديم طوڙي جديد غزل گو شاعرن ۾ مظبوطيءَ سان بيٺل نظر ايندي . اڄ نہ تہ صبحاڻي ادب جي تاريخ سندس سلامي ڀريندي.

عطيہ دائود

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي نالي جو پيار شاعري ۾ اوتيندڙ شاعره

رخسانه پريت، سنڌيءَ جي انهن ٻن چئن شاعرائن مان آهي جن جي شاعريءَ سدائين مونکي موهيو/ متاثر Inspire ڪيو آهي. اسان جو روايتي سنڌي سماجُ، جنهنجو ايڪيهين صدي ۾ به ڪجهه بگاڙي ناهي سگهي ۽ جيڪو اَڄ به عورت کي برابريءَ جو درجو ڏيڻ جو سوچي ئي، باهه جيئن پڙڪي ٿو پوي يا شڪي شڪي ٿو ٿئي، اهڙي سماجَ ۾ رخسانه پريت جهڙي شاعره جو، اهڙي بولڊ نموني پنهنجي احساسن کي اظهار ڪرڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي.

ايئن به ٿيندو رهيو آهي ته، ڪيترن شاعرائن لکڻ شروع ڪيو، سُٺو لکيو ۽ پوءِ ڪنهن نه ڪنهن رنڊڪ سبب، لکڻ ڇڏي ڏنو. رخسانه پريت پنهنجي تخليقي سفر جي شروعات کان اڄ تائين نه رُڳو لڳاتار لکندي رهي آهي، پر فني ۽ فڪري حوالي سان سندس هر وِڪ اڳتي ئي رهي آهي. پنهنجي هڪ الڳ تلڳ ۽ سگهاري سُڃاڻپ سان، رُخسانه پريت هاڻي پاڻُ ئي پنهنجو نالو آهي.

غزل هجي، وائي يا ٻيون صنفون، اَهم ڳالهه اُها ٿي ٿئي، ته انهن صنفن رستي شاعر پنهنجي دِل جي ڳالهه، ٻين جي دل جي ڳالهه ٻڌائي سَگهيو آهي يا نه، ۽ هُنَ جا لَفظ عام جي دَردَن جو درمانُ ٿي سگهيا آهن يا نه؟ — ڏسبو ته رخسانه پريت، پنهنجي نالي جو سمورو پيارُ ڪمال ڪاريگريءَ سان، پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائي وئي آهي — هُو منهنجي سُٺي دوست آهي ۽ تمام سُٺي شاعره به ۽ سچي ڳالهه اها آهي ته پنهنجي پوئين سُڃاڻپ ڪري رُخسانه پريت مونکي وڌيڪ عزيز آهي.

اياز گل

20 مئي 2014

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت ۽ ڪونهن وفائن جا سجدا!
گناهن جي پوَ ڪان خدائن جا سجدا!

سچو هڪڙو سجدو بہ اگھجي وجي تو
وڃن جاڙ ڪن جا، ايامن جا سجدا

سَهڻ اَهنج پيي هڪ عبادت وڏي آ،
هي سورن جا سجدا عذابن جا سجدا!

هي اولهہ، هي اوير، ڏکڻ ۽ اتر ڇا
دليون پنهنجون ڪعبا ۽ ساهن جا سجدا.

ڇڏي خلق رڙندي، مُڙيا مسجدن ڏي،
هي، منصف ڳڻيندي ملائن جا سجدا؟

ڪنين ڪي مليو رهگذر ئي ڪندن جو،
۽ پيرن ۾ ڪنهن جي گلابن جا سجدا.

اوهان پل سراپا جهُڪو سر زمين تي،
اسان جا پرين ڪي نگاهن جا سجدا!

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو من ۾ موھ وانگي هو!
پرين پاٻوھ وانگي هو.

هون هن سان محفلون برپا!
هو هڪ انبوھ وانگي هو!

مان چڻ ڪا ڪاغذي ٻيڙي،
هو ڇولين ڇوھ وانگي هو.

ڪڏهن هو ڄر جيان ڄاتم،
ڪڏهن هو پوھ وانگي هو.

گهٽا ئي بار ها هن تي،
نہ لچڪيو لوھ وانگي هو.

هُون جن جون نيتون کوٽيون،
عمل پڻ ڊوھ وانگي هو.

پرين آڏو ڏسي، ٻئي ڏانهن،
ڏسڻ پڻ ڏوھ وانگي هو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دکي هر فرد سان رشتا،
اسان جا درد سان رشتا!

وڇوڙي جڻ ڇڏيا جوڙي،
ها موسم زرد سان رشتا!

وري سڀ ياد پئجي ويا
سياري سرد، سان رشتا

سڄو ماحول ميرو، پر
زمين جي گرد سان رشتا!

پڇو هر ڪنهن پڇي، ڪهڙا؟
انهيءَ همدرد سان رشتا

نڀاهيا "پريت" ڪيئن آخر
پرينءَ! بي درد سان رشتا!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ تي تو بنا سري جانان!
تي نہ مون ڪان تون پَل پري، جانان!

منهنجي ڀر ۾ تون ڪڻ ڊگهي ساهي،
توکي ڏسڻو آ دل ڀري جانان!

تنهنجي آوارگين جون سڀ ڳالهيون،
مون سان هر ڪو ٿو، چو ڪري جانان!

ڪو ڀلي آڇي ڪائنات سڄي،
دل تي تو ڪي ئي هيءَ گهري جانان!

هي جدايون جو تئي طويل ڏنيون
ڇا مليو توکي، ايئن ڪري جانان!

ڪئي دفعا مونکي ڄڻ تہ جياريو آ
تُنهن جي هڪڙي ئي آسري جانان!

منهنجي هٿ ۾ جي هيءُ هجي، ڪاتي
تنهن جي پهلوءَ مان ٿيان پري جانان!

جيئن ڳنڍِي تو سان دل اسان جي آ،
پيار ڪو ڪو تو ايئن ڪري جانان!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُجيارا ائين جڻ تہ تر ۾ هئاسين،
ڏسڻ ۾ تہ بادل جي پر ۾ هئاسين.

ڪنئيا پير پنهنجا سدا نفرتن تئي،
اسان نينهن جي ڪٽ نظر ۾ هئاسين!

ڏسيو ماڻهو ڪهڙا جنين ماڳ ماڻيو،
اسان پي تہ صديون سفر ۾ هئاسين!

سراپا هُو ماڻهو پٿر جو نهيل هو
اسان ڏڙڪندا تنهن پٿر ۾ هئاسين!

دنيا ڪان ئي ڪنجي الڳ راهہ ورتي،
مگر پوءِ بہ هر ڪنهن خبر ۾ هئاسين.

هُيون چار ديوارون ڇت پي، الائجي؟
هيو قيد ڪوئي، يا گهر ۾ هئاسين.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق وارن کي ملن تا ڪيترا رستا نوان.
ڪيتريون سوچون نيون ۽ ڪيترا نقطا نوان.

زندگيءَ سوڙهو ڪيو هو سوچ ۽ هر ساهه کي،
پو پيي ڏسنداسين جيئڻ جا پيا اسين سپنا نوان.

موهه جي شڪتي سان ڏاهي ڏوهه کي وجهبو هتي،
تي پون پيدا اگر من جي اندر جذبا نوان.

حوصلا هُن جا حوالا تي ٻريا تاريخ ۾،
هُو سدا سهندو رهيو تاريخ جا هاجا نوان.

پيڙهه پنهن جي پيار پائي درد پيو دل کي ڏکائي
۽ وري ڪو روح تي چاهي پيو قبضا نوان!!

ياد آ، يا ڇڻ ڪوئي طوفان آ من ۾ اٿيو،
چنڊ اوجاڳن جا هن آڇيا وري تحفا نوان!

پيا پڇن ڪيئن تا ڪريو هيءَ شاعري تن کي چئو
نينهن لکرائيندو آهي روز هي نغما نوان.

✵[1]

---

[1] "نارائڻ شيام جي هڪ غزل جي زمين ۾ لکيل غزل"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارو سُک چين ڦٽائي عشق!
تو گيڙوءَ ويس ڍڪائي عشق!

ڪي جاڳيل تو مدهوش ڪري،
ڪي سُتا تو جاڳائي عشق!

هي رڳ رڳ ۾ تو روڳ رَلي
من گوندر ساڻ گڏائي عشق!

تو نيڻن مان نروار ٿئي،
۽ ڳوڙهن مان ڳالهائي عشق!

ڪا ڳوڙهي ڳنڍ ٻڌي وچ ۾،
تو ڪُل سان جُز ملائي عشق!

تو چانڊوڪين ۾ ڇُهڪ وجهي،
۽ سارا سمنڊ ڇُلائي عشق!

تو خاڪ منجهان شعلا ٻڌجي،
ڪٿ اگنيون پاڻ اُجهائي عشق!

ڪو هِن مان مُڪت ٿيڻ چاهي،
ڪو سارو پنڌ پڇائي عشق!

تنهن دل جو ڪوئي درد پسي،
جنهن دل ۾ ديرو لائي عشق!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جيڏي، مان دل لڳيءَ ۾ پيگس!
چڻ تہ اونڌهہ مان روشنيءَ ۾ پيگس!

هر شناسا جڏهن اکيون ٻوٽيون،
مان وري دنيا اوپريءَ ۾ پيگس!

درد، رونشا، تماشا ڏسندي ئي،
مان ڏکي پنهنجي ڏائريءَ ۾ پيگس!

سچ تہ "حاسد" جي شاعري پڙهندي،
ائين لڳو چڻ سندس گليءَ ۾ پيگس.

پئي ڏنئين موڏانهن، جو ڏنئين ٻئي ڏانهن،
چڻ تہ بارش مان ڌرتيءَ ۾ پيگس!!

ائين جو سامهون سچڻ ڏسي، سچ پچ،
خودڪشي گس تان زندگيءَ ۾ پيگس.

❋[2]

---

[2] "حاسد : خوبصورت غزل لکندڙ شاعر ارجن حاسد"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين ۾ سڀ جي ياد جي نيري ندي رکي آ!
سانديل کو درد دل ۾ ديوانگي رکي آ!

رولاڪ خيال پنهنجا، پنڌ پير کن جدا پيا
کنهن روح پنهنجي ۾ هيءَ آوارگي رکي آ؟!

محبت جو هر لمحو جڻ سانديو آ ساهه ۾ مون
محبت جي هر لمحي ۾ جڻ زندگي رکي آ!

پئي سور سڀ سٽايان سرتيءَ جان جڻ تہ پانئيان
هيءَ منهنجي پر ۾ منهنجي جا ڊائري رکي آ!

هر مک تي پيڙا پڌري، هر اک پري پئي آ،
وک وک تي، احتجاج، رڙ، ناراضگي رکي آ!

محبت جو جام ڇلڪيو، مايا بہ ڄار اڇليو،
ويو ڏن تي کو وکامي، کنهن دل لڳي رکي آ!

بادل لڪايو اپ مان سارنگ نہ ڳولجان تون.
تو لئہ سنيالي سانول هڪ سانوٽي رکي آ!

بوٽيان تہ تون ئي تون آن کوليان اکيون تہ سامهون،
هڪ عڪس من ۾، سامهون بي آرسي رکي آ!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوڻ آيو سارون آيون.
ڪيڏيون ياد ميارون آيون.

پهرين سار اڪيلي آئي،
روڪيسين تہ، قطارون آيون.

الزامن ۾ جاتي ڪاتي،
آهن هيءَ اُڏارون آيون!

دل يي ٽوڙن، هٿ يي جوڙن،
ڏاڍيون تن تي خارون آيون.

اندر منجهہ اداسي ساڳي،
ڪهڙيون يار بهارون آيون.

دل تہ سڀي هن ڪي ئي ارپي،
موٽي تنهن جون ٽارون آيون.

اوهي واهي جنهنجو ڪونهي،
تنهن ٿي فصل تي جهارون آيون!

جيئڻ لاءِ جهڳو ڪونهي ڪو،
توکي ياد مزارون آيون.

پاتالن ۾ جيت رهي چو؟
اوچائن تي هارون آيون.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ اکڙيون ۽ مڻ اوجاڳا.
ڇا هي سهنديون! ڇڻ اوجاڳا.

سارا ڇو اوتيا تئي مون ۾،
تون بہ پرين ڪجهہ ڪڻ اوجاڳا!

پيار اندر ۾ پوکي ويئين،
هاڻ پئي تون لُڻ اوجاڳا.

مون وٽ ساز، نہ ڪو آواز ئي،
ويهہ وڄي پر، سُڻ اوجاڳا.

جيڪو نينهن ڪري، سو ڄاڻي،
سهنجا ڪين سهڻ اوجاڳا.

لونءُ لونءُ ڇڻ تہ لتاڙن ٿا پيا،
ذات اڪيلي ڌڻ اوجاڳا.

جيون ڄڻ تہ ڪوئي درخت آ،
وڻ ويڙهيءُ جان ڄڻ اوجاڳا.

جاڳائي، ڪَڻُ ڪَڻُ ڏاتو تئي،
هاڻ سُمهان، مون اُڻ اوجاڳا.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکن کان ڏار تي وڃجي.
گهڙي پل ٻار تي وڃجي.

پرينءَ جي جيت، تنهن آڏو
سراپا هار تي وڃجي.

اُتان کان جڳ کي پسجي،
نگاهِ يار تي وڃجي.

ملي کا پيار جي ٻستي،
وڏي والار تي وڃجي.

لڱن الزام جا پٿر،
ها! گنهگار تي وڃجي.

چو هينئن هاڪار هر ڀيري،
ڪڏهن انڪار تي وڃجي.

وڃائي ساري ئي هستي،
صنم جي سار تي وڃجي.

چئي دل تي، وري هن جي،
هِنئين جو هار تي وڃجي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي اهڃاڻ پئي ڳوليان.
مان خود کي هاڻ پئي ڳوليان.

نہ ڪنهن ٻيي ڊوڙ ۾ شامل،
مان پنهنجو پاڻ پئي ڳوليان.

جيئان جيئرن وجودن جان،
مان اهڙي جاڻ پئي ڳوليان.

در ـ و ـ ديوار جي اندر،
مان چا اڻڄاڻ پئي ڳوليان؟؟

جا مونکي ڀروسو بخشي،
مان سا، واڪاڻ پئي ڳوليان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري چنڊ چاهڻ تي دل ٿي چوي.
وري دل لڱائڻ تي دل ٿي چوي.

وڏو بار ساهن آ سر تي گهٽو،
جو مقتل پڄائڻ تي دل ٿي چوي.

پون ٿيون اڏارن تي جيئڻ بندشون،
ته اپ سارو ماٽڻ تي دل ٿي چوي.

اوهان جي چڏيو تا ته پل ڏيو چڏي،
اسان کي نياهڻ تي دل ٿي چوي.

جي تي پئي تو سپ ڪجھ اسان جو ته پوءِ،
وري ڪجھ وڄائڻ تي دل ٿي چوي.

ڪئي ڳالهيون دل جون هون دل ۾، سيئي،
الئه چو ٻڌائڻ تي دل ٿي چوي.

ڏکن ڏيل ڏاري وڏا ايترا،
جو گوندر کي گهائڻ تي دل ٿي چوي.

اڙي موت پيڇو نه ڪر تون اجان،
حياتي گذارڻ تي دل ٿي چوي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنين ڪا سار ڪوليندي،
رُني پَئي وار ڪوليندي.

ڪڏهوڪي آس، دروازا
اسان لئہ پيار ڪوليندي؟

پَسَن پُوريون پرين، ڇا لئہ
اکين ڪي يار ڪوليندي!؟

چوي دل تي تہ، اڄ پايان
تون ٻانهن هار ڪوليندي!؟

زمين ڪان اپ ڏي هلجي،
سيئي اسرار ڪوليندي.

گهڻو انڪار تي بيهندي؟
آ پڪ اقرار ڪوليندي.

جي ڇئين مهڪار ڪي ماڻيان،
تہ پهرين خار ڪوليندي؟

شهر جو شهر تئي باغي،
گهٽا تون دار ڪوليندي؟

✻

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.
هر خوشيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

عڪس اندر جو نہ آ چٽجي سگهيو،
آرسيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

ڪو سڙيل پٽ تي نہ پروانو ڏسان،
روشنيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

بي وفا ناهي، ڪٿي، سوچڻ تہ ڏي،
دوستيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

اڄ نہ اڏري تي چڪوري چنڊ ڏي،
چانڊنيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

هن عقيدن جا ڪلي پيا راز، يا
بندگي ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

دل ڪي دل سان راهہ آ، شايد ڪٿي،
عاشقيءَ ۾ آ ڪمي رهجي وئي.

❋

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

نہ وچ روح پنهنجو پَريو ئي ڪتي آ!
اجان سچ مٽان آ لڙيو ئي ڪتي آ!

ڇيئي سمنڊ جيڏو، اتي بس نہ ڇئبي،
اجان قرب تو ۾ ڪٽيو ئي ڪتي آ!

ڪتي مات مڃبي، وڏي ويڙهہ وڙهبي،
اجان درد دل ڪان ڪٽيو ئي ڪتي آ!

نہ رڙهہ رات جلدي، پرهہ ترس تورو،
اجان پيار دل تي ڪيو ئي ڪتي آ!

هتان پيار پڄرون، هتان ڏات ڏڏري،
اسان جان ڪو جڳ ۾ جهريو ئي ڪتي آ!

پرينءَ موڪلايو، هئي آس ورندو،
رهيو دَرُ ڪليل ئي ڪڙيو ئي ڪتي آ!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ساري جي اک ٿمي ٽيندي!
سحر ڪيڏي نہ شبنمي ٽيندي!

سوچيو سيني اندر پٿر رکجي،
دل جي رکبي تہ دل لڳي ٽيندي.

سِٽ نئين ڪا نہ ايئن لکي ٽيندي،
سُور نئون ڏيو تہ شاعري ٽيندي.

شخص هڪڙو چو پياس ڪي پوڳي،
اڄ سڀ لئہ پتي پتي ٽيندي.

ڳولين ساگر جو ٻيو ڪنارو پيو،
تو ڪان منزل پو ڪيئن لڌي ٽيندي؟

نہ ڪو اڪڙين جو عادتون مٽبيون،
نہ ئي دل دادلي جهَلي ٽيندي!!

پاڻ جي پيار ڪان پَلي وجبو،
پيڙ لونءِ لونءِ ۾ لازمي ٽيندي.

❃

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻؤن نڪرن نير الائي ڇا جي لاءِ؟
من ۾ آهه اُڪير الائي ڇا جي لاءِ؟

هُو تہ سراپا من ۾ آ موجود رهيو،
ڏئي ويو آ تصوير الائي ڇا جي لاءِ؟

پار پرين جي ڪوڙ ڪتوري ساڻ ڪري،
هر هر گهائي هير الائي ڇا جي لاءِ؟

مرڪ ڪي جڻ تہ ڏني ڪنهن آه جلاوطني،
ڳِل ڳِل آهه ڳِنڀير الائي ڇا جي لاءِ؟

جا ڀي دل تي پيار جو خواب ڏسڻ چاهي،
تنهن ۾ سؤ سؤ جهير الائي ڇا جي لاءِ؟

بس يادن جو سمنڊ بچيو آهي تنهن جي،
هر هر وچڙي وير الائي ڇا جي لاءَ؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاتي ڪاتي پيار ڏکي ٿو.
من اندر ۾ آر ڏکي ٿو.

مند مينهوڳي ماٺي هر ڪو،
ڪڻ ڪڻ منجهه ڪنيار ڏکي ٿو.

ناريءَ من چو آئيني اڳيان،
ڏسندي چانديءَ تار ڏکي ٿو.

اڄان بہ هن پيارا ماڻهو هت،
موت تي جن جي دار ڏکي ٿو.

سڪڻا ماڻهو مرڪي گهارن،
پيارا سوچ ويچار ڏکي ٿو.

رڃ جو راهي ڪونہ ڏسي جڏ،
توهر ۾ تڏڪار ڏکي ٿو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي زندگانين جي ڪتا رنگين ڪانهي ڪا!
اندر ويران رڻ وانگر ادا رنگين ڪانهي ڪا!

اسان جي سوچ جي دنيا ڀلي رنگين ڪيڏي ڀي،
مگر جا چوطرف دنيا اها رنگين ڪانهي ڪا.

اسان جو روح ڀي زخمي ۽ هي ڏس پير ڀي زخمي،
جو هٿ ۾ آ قلم زخمي ڪلا رنگين ڪانهي ڪا

خدا ڀي جڻ مصور ڪو ۽ دنيا ڪينوس وانگي،
اسان جي هٿ ترين تي پر دعا رنگين ڪانهي ڪا.

اوهان جي زندگيءَ ۾ سڀ چڱايون ڏوهه ڪوڪونهي،
ڀلي بيشڪ هجي، پر پو بہ سا، رنگين ڪانهي ڪا.

جو آ آزاد ماڻهو رنگ موسم جا پسي پل پل
قفس ۾ گهاريندڙ لئہ ڪا فضا رنگين ڪانهي ڪا.

عڪس، بک ۽ پريشانين، ظلم ۽ بي وفاين جا،
"پريت" آهي غزل پر ڳالهہ ڪا رنگين ڪانهي ڪا.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپ عروج و زوال ڏسنداسين
هجر، سارا وصال ڏسنداسين

پاڻ ساڙي سراپا خاڪ ڪري
عشق تنهن جا ڪمال ڏسنداسين!

پنهنجون اوچائيون بہ ڏسنداسين
موت تنهنجا بہ چال ڏسنداسين

نيت اظهار پيار جو ٿيندو،
ڏينهن، مهينا ۽ سال ڏسنداسين!

ڪنهن ڪي ايئن پيي آ چاهبو! هن ڪان
پڇي نِنڍڙو سوال ڏسنداسين

چئبو جيون ڪي الوداع، پويان
پيدا ڪهڙا ٿيا خال ڏسنداسين!

هيءَ حياتي آ وهہ، ڳهي تنهن ڪي
”پريت“ پنهنجا پو حال ڏسنداسين.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزاج پيي پڙهڻا هن، ڪتاب پيي پڙهڻا هن
سايبان ملي نہ جن کي، سي خواب پيي پڙهڻا هن

هر دؤر ۾ اکين کان اوجهل رهيا هميشہ
تاريخ مان ڦلهوري سي باب پيي پڙهڻا هن

جيون اسان لئہ رهندو آيو نشان سوالي
تنهن جا اسان کي ڳولي جواب پيي پڙهڻا هن

هر لڙڪ ۾ وڏو تو ڪو داستان لکل ٿئي
اک اک مان جي هي جاري سي آب پيي پڙهڻا هن

جا رات جي راڻي آ تنهن کي بہ جاچڻو آ،
شرميلي ٻوٽي تنهن جا حجاب پيي پڙهڻا هن

جن لئہ هميشہ پونئرو آ بي قرار رهندو،
ويهي سي فرصتن ۾، گلاب پيي پڙهڻا هن.

هيءَ جا حياتي تَنهن جو هر پاسو جاچڻو آ،
آ، سونهن پيي پڙهڻي ۽ سراب پيي پڙهڻا هَن.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کليو دل جو رکين تو در،
تہ ايندئي درد ئي اڪثر!

ڏکن هنئي پاڙ نيٽن ۾
نہ تو موهي ڪوئي منظر

ٿياسين ايڏا پسماندا
ڏسئون تا خواب ۾ ڪندر!

قيامت روز ڪاٽن جي
انهن کي چا ڪنداَ محشر

اسان اهڙا ئي ماٺهو هون
اسان کان ڳوليو بهتر

رڳو پنڌ ناهہ پوڄا آ
هي رسندو ماڳ تي آخر

ڪِريا سپ لڙڪ دامن تي
”پِريت“ ڪجهہ ضبط ڪر اندر

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصا دل چريءِ جا ٻڌڻ تا گُھرو!
اوهان ٻيي تہ ڇا ڇا ٻڌڻ تا گُھرو!

ڏکِي ڏاڍي جيون کهاڻي پرين،
ٻڌايو ڪٿان ڪان ٻڌڻ تا گُھرو؟

جتي ٻولي گوليءَ جي ٻڌجي، اتي
اوهان ڪير؟ نغما ٻڌڻ تا گُھرو.

ڪنن مان ڪڍو دير ڪجھ آڱريون
اگر لوڪ واڪا ٻڌڻ تا گُھرو

سيئي سور ٻلجي، اڇي پهچبو
اگر ڪجھ دلاسا ٻڌڻ تا گُھرو.

ويا سارا چوري تي تاريخ مان،
اوهان جيڪي صفحا ٻڌڻ تا گُھرو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينهن جي گر نظر ڪڍي ڇڏجي،
ماڻڪي جڻ پٿر، ڪڍي ڇڏجي.

رات جاڳي صفحن تي اوتيندي،
دل چوي سڀ زهر ڪڍي ڇڏجي.

تير تنهن جا ڪُنڻ جا ڪونهن ڪي،
سوچيون پنهنجو جگر ڪڍي ڇڏجي.

ديس وٺندو سو؟ جنهن جي نقشي مان،
پرين تنهنجو شهر ڪڍي ڇڏجي!

پيار ٿڦڪيءَ سان ٻيي نہ ڪلندو آ،
سو تہ بهتر آ در ڪڍي ڇڏجي!

جتي نفرت جا رڻ ڦٽن اوڏانهن،
نينهن جي هڪ نهرڪڍي ڇڏجي.

پوري ڪيئن ٿئي ڪهاڻي سقراطي،
زهر جو گر ذڪر ڪڍي ڇڏجي؟!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سار جا ايندي جهوري ويندي!
سارا ڦٽ ڦلهوري ويندي!

هوءَ جا وير چڙهي آئي آ،
واريءَ جو گهر ڀوري ويندي.

لونءَ لونءَ منجهه لٽي چاندوڪي،
چاهه چرئي کي چوري ويندي.

ورنائي سڌ کو کو ميهر،
مُنڌَ ته سرڙو گهوري ويندي!

سوچ سوچ سنگهريل آ، پوءِ بي
منزل ڏي ڏک ڏوري ويندي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئندي گذري رات اسان جي!
درد لڏي آ ذات اسان جي!

جيون هون اوندھ سان اٽڪيا،
هاڻ تہ ٿئي پريات اسان جي.

هر ڪنهن ڳالھ ڪئي پنهنجي ٿئي
ڪنهن نہ ٻڌي ٿئي بات اسان جي

اهڙي ٻيي هوندي اک ڪائي
جنهن ۾ هوندي تات اسان جي

هر ٻيري ايئن چو ٿيندو آ
جيت اوهان جي مات اسان جي

”پريت“ نہ هَو پنهنجو ٿيو ڪو ئي،
ڪيئن ٿي پئي هيءَ ڏات اسان جي

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ ايندو، آس ۾ آهيون اسين
ڪنهن وڏي وشواس ۾ آهيون اسين

لوچ، سُڏڪا، درد، پيڙا نيٺ ڇا،
عشق جي اپياس ۾ آهيون اسين!

پيار جي احساس ايئن اوچو ڪيو،
جڻ اُڏيا آڪاس ۾ آهيون اسين.

ڇا سنڌءِ من ۾ به موهه آ ساڳيو،
انهي ٻڏتر قياس ۾ آهيون اسين.

نيٺ اوسيئڙا به ماڳ ماڻيندا،
بس انهي احساس ۾ آهيون اسين.

ايترو اوتيوسين پوءِ پي جڻ اُڃيا،
”پريت“ ڪهڙيءَ پياس ۾ آهيون اسين.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسيو ڪجهہ، ڪتي هي خوشيون تيون رهن؟
اسان ڪان تہ هر دم رُنيون تيون رهن!

هوائن جا جن ڪي ملي ويا مزاج،
اهي قيد ۾ ڪجهہ ڏکيون تيون رهن

اهي يادون گڏ گڏ رهن تيون ڪتي،
اهي روح ۾ جڙ رچيون تيون رهن.

اهي خيال سان تاڪ ڪجهہ ٻيڪڙيو،
انهن ۾ اسان جون اکيون تيون رهن.

گلابي گلن جا سنيها مليا،
ڪتي هاٽي پونئريون رکيون تيون رهن!!

لڳي ساريون اگنيون اجهامي ويون،
اسان جي ٿي دل ۾ دکيون تيون رهن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات آ روشني کي گذرڻ ڏي!
پنهنجي پر مان خوشي کي گذرڻ ڏي.

پيار جو پئجي سپ پتو ويندو،
جوش ديوانگيءَ کي گذرڻ ڏي!

رڳو هڏ ماس جڻ بچيو آهين
پاڻ مان زندگيءَ کي گذرڻ ڏي

مهڪ آڻيندي ساڻ ساجن جي،
هير مان تون دريءَ کي گذرڻ ڏي.

سونهن تان پاڻهي هٿ کڻي ويندا،
ترس هن سانوريءَ کي گذرڻ ڏي!

تي سگهي تو پڄي هو دل تائين،
اکين مان اجنبيءَ کي گذرڻ ڏي.

سرمئي شام تون به ماڻيندي،
بن رڳو ڏرتتيءَ کي گذرڻ ڏي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اکڙيون ٽيڻديون ٽاڪ پرين!
کي رهندا ات رولاڪ پرين!

تو گهر جي در جي ڳالهه ڪئي
مون دل جا کوليا ٽاڪ پرين!

هڪ پيار جي دل ۾ چٽڪ ڏکي
ٻيو چنڊ ڪري دل چاڪ پرين!

جا سُرڪي تن سيراب ڪري؟
جي عرصن جا هڙاڪ پرين!

تا پهرڻ هي جذبا چاهن
ڪا پيار سندي پوشاڪ پرين!

ها ڪو تہ اچي مومل کي ماڻي،
ڪو تہ ڪڪوري ڪاڪ پرين!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ دل تان هي بار ڪيئن ٿئي؟
درد ۾ اختصار ڪيئن ٿئي؟

عاشقين جا هي امتحان وڏا
آ وڏو انتظار، ڪيئن ٿئي؟

هو ٽِڙيو پل لئہ خود سنيالي ويو
گهٽ اسان جو خمار ڪيئن ٿئي؟

نانءُ پهتو جو هر زبان تي هو،
سو، رهي برقرار، ڪيئن ٿئي؟

اوتِي خيالن ۾ ڪوڙ خوشبو آ
پر سُڄي رُت بهار ڪيئن ٿئي؟

سچ کي ڪُفر چئي ويو آهي
ڏيندو ڪافر قرار، ڪيئن ٿئي؟

هي جو ”هڪ“ اٿڪي پيو انيائن سان
سوچو هڪ مان هزار ڪيئن ٿئي؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن ڏرتي ڪان هو ڏڪاٽو هو
ڪيس کو گهر نہ نڪاٽو هو

ڪير آهين؟ ۽ پيو وڃين ڪيڏانهن
ڪيڏو وک تي تيو پڇاٽو هو

سمجهہ مطلب جي تون تہ تلخيءَ ڪي
مجون لهجو تہ عارفاٽو هو

خلقہ احباب کو وڏو ڪونهي
دوست هڪڙو هو پر پڙاٽو هو

ڪيڏو بي چين پو بہ ڏسجي پيو
هو جو سجدن ۾ تي پيو ساٽو هو!

چار ڦهليا وري هي دوکن جا
اوچو اڄ کو وري اڏاٽو هو

نيٺ هن اک کٽي ڏنو موڏانهن
مون لئہ سچ پچ تہ آجياٽو هو!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشقي جا ماڻ ۽ مايا پڇين ٿو؟
قربتن جا ڪنهن ڪيا ڪاٿا پڇين ٿو؟

هيءَ حياتي جڻ تہ چربيلي هلئون پيا!
پير ڇالاءِ نيڻ چو آلا پڇين ٿو؟

ڪيترو بيزار ٿي آخر پوان ٿي،
هڪ تہ مون ڪان سوال تون ڏاڍا پڇين ٿو!

ڇو پيلا پئي پاڻ اوپرو پانئين،
تون بہ مون ڪان، منهنجا ئي پاڇا پڇين ٿو!

خيال جي دنيا جو تون ڪٿي ماڻهو،
ڪيئن جڙن ٿا خيال ۾ خاڪا پڇين ٿو!

مان سُتي ماٺيو جو، ڪنهن ڪٿي جاتو
منهنجا ڪهڙا نند سان ناتا پڇين ٿو؟

هينئنءَ جو خاموشين سان گفتگو آهي،
راز ڪهڙا ها نوان ڄاتا، پڇين ٿو؟

سرد راتين ۾ وڇوڙو موت جهڙو،
ولهہ ۾ پئي ڪيئن مٽيا پاسا پڇين ٿو؟

نانءُ جو پي ڏيوس جيءُ جهوري وڃي ٿي،
دل لڳي جا چو هڙئي نالا پڇين ٿو!؟

⁂

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ، او سانول!
سڪ ۾ پوءِ پيو ساءُ او سانول!

جوين تي ساوڻ جي رُت آ
هاڻ ڪٿي تون آءُ او سانول!

پيار ڪي رانڊ پئي سمجهو تو،
دل اچلي مون داءُ او سانول!

ساپيائون گهرجن، تئي ڪيسين
سپنن سان سرچاءُ او سانول!

هٿ سان جا نہ ڇُهي سگهجي تنهن
سڪ ۾ ڪهڙو چاءُ او سانول!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جون لاليون ڪوئي تہ سمجهي؟
اهي رُداليون ڪوئي تہ سمجهي؟

ڦٽي نہ ڦيريل چڳون هي اُلجهيل
اکيون هي آليون ڪوئي تہ سمجهي

سُمهي تہ پيئي، مگر اڪيلي،
اهي بہ ڳالهيون ڪوئي تہ سمجهي

ڏسيو پيار کان، اسان پلا ڪيئن
جدا ٿي جاليون، ڪوئي تہ سمجهي

اسان نہ سمجهون اوهان جون ڳالهيون،
نيون نراليون، ڪوئي تہ سمجهي!؟

”پريت“ درد کان دليون هي سڀ جون،
آهن نہ پالهيون، ڪوئي تہ سمجهي

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي پير تي هيءَ ڏري ڇوڪري!
تي ٻالهين جي وچ ۾ ٻري ڇوڪري!

ننگيون سڀ نگاهون متس تيون پون،
مگر مگّ متن تي ڏري ڇوڪري!

آ غربت گذارو نہ مانيءَ ٻيو،
مگر پوءِ بہ ٻهه ٻهه ٻري ڇوڪري.

هي الزام ايڏا ۽ ننڍڙي وهي،
ڪري يي تہ ڇا هيءَ ڪري ڇوڪري!؟

تئي سمجهو سين خود کي ويجهوسندءِ،
مگر هوءَ آ سڀ ڪان پري ڇوڪري.

هي شيشا، هي موتي ۽ گج ۾ راجان،
ڪي احساس جذبا پري ڇوڪري!

تئي مرڪي ۽ ڪنهن پل تئي سڏڪڻ لڳي،
لڪي پيار ڪنهن سان ڪري ڇوڪري!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تہ پيار وارا پئي ناتا ڇِنا ڪيا!
چرڪي پياسين هن جو ارادا ڇِنا ڪيا!

ڇا لئہ آ ڏيھہ ڏمريو ڪارڻ ٻڌائجو،
اسان تہ ڪجھہ احساس ۽ جذبا ڇِنا ڪيا.

ڇهرا ئي ويا ها لٽجي، ڪنهن ڪي نہ پيو پتو،
عرصن ڪان پئي اوهان تہ آئينا ڇِنا ڪيا.

منجهيا مسيحا ۽ سيئي دارون ڪٿي ويا.
اسان جو سور پنهنجا سراپا ڇِنا ڪيا.

دنيا سموري پهچ ۾ پنهنجي مگر خدا،
ڪنهن راز ڏانهن ويندڙ ڪٿي رستا ڇِنا ڪيا؟

هاڻ ئي هُلي ڳالهيون ويون ڇوڏس، اجان اسان،
ڪاتي سمورا پيار جا پاسا ڇِنا ڪيا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھہ ڳُجھہ جي آ ڪو سُڻي نہ وڃي!
ڪوئي اعتبار ايئن ڪٽي نہ وڃي!

رڙهڻ سان ئي ڪا راھہ سجهندي آ،
وقت پل پل تي ايئن ڇٽي نہ وڃي!

رھو ڪجھہ دور دور ڊپ تو ٿئي،
ڪوئي ڪنهن ڪي ڪتي وٺي نہ وڃي!

معاملا دل جا يي پيا، سلجهايو،
ڳالھہ اڳتي مگر گهٽي نہ وڃي!

هوءَ جا چاهت ۾ وئي آ ڪاري تي،
ٻُڌو! مئلن ۾ سا ڳٽي نہ وڃي!

ڪنڌ هڪ بيو جهڪيل ڪجي ويو آ،
خيال رکجو، ڪوئي لٽي نہ وڃي!

✻

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارا ڏسن ٿيون منظر پوءِ پيي رهن اجاريون!
پتو نہ پئي ٿو اکڙيون کهڙيون اسان بہ ڏاريون؟

اڇن نہ سمجهہ ۾ ٿا دستور دل سدا هي،
ڪوئي اسان کي ساري ڪنهن کي اسان ٿا ساريون.

هر ڪوئي خيال سهڻو ٿو اوپرو لڳي هت،
اکڙيون ڪيون ڇا ڪاريون وارن کي ڇا سنواريون!

تاريڪيون نہ رستا هن ديس جا پڇائن،
احساس ۽ کي جذبا بارڻ ڪري پيا باريون.

جيون ۽ جئاني جاتي اپمان ٿئي ٻنهن جو،
پترائجون اتي يا، خود ميڻ جيان پيا ڳاريون.

دنيا سبق سمورا ڪيئن پيار جا پڙهي وئي،
اسان اڃان تہ پيا ٿا پهريون اکر اچاريون!

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها! ڪي پيارا، عجب ڪرا ماڻهو!
ڪي ها! سهڻا ڪي سانورا ماڻهو!

ڪي تہ هڪجهڙا بنهہ ساڳيا ئي
۽ ڪي سڀ ڪان لڳا جدا ماڻهو

رنگ نسلن ۽ ذات جا ويچا
پيا تا پوڳن سجي سزا ماڻهو

نيٺ ڏسجو تہ ماڳ ماڻيندا
جيئن ئي گڏجي سيئي پيا ماڻهو

نيٺ ڏمريو چو: ”هُو“ گهرن تا جي
اجهو ڪپڙو ۽ ڪجهہ ڳيا ماڻهو

جي تا گڏجن تہ هيءُ وڏي طاقت،
باقي تنها لڳن جڏا ماڻهو.

تون عبادت جا ڳول محور يل،
منهنجو ايمان ۽ خدا ماڻهو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا بہ تي پئي تون بھر صورت لک!
وقت جي اھم آ ضرورت لک!

سونھن کي کڻ ۽ ڪجھہ ستارا کڻ،
۽ پو تخليق خوبصورت لک!

پين، ڪاغذ ۽ ھي ڏکيو رستو،
ڪونہ ملندئي ڪائي سھولت لک!

پوئي دل داڻا پيار تسبيح ۾
۽ پو اجلائي سڀ ڪدورت لک!

جي بہ انبياءِ سان تا اٿکن پيا
تون بہ اچ تن ۾ ڪر شموليت لک!

ذات جي ڏيھہ کي تون ڏئي وڃ ڪجھہ،
جي نہ آ. ڪائي پي قبوليت، لک.

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن جون سڀ صدائون ساڻ رھيون
۽ سچن جون ادائون ساڻ رھيون

تنهنجي پهلوءَ ۾، پو به پئي پڙڪيس،
چاھتن سان چتائون ساڻ رھيون

ڪهاڻ، گوليون ۽ گهاٽا دار ڪٽي،
سچ چوندي سزائون ساڻ رھيون.

ڏکيئن، ڪاتي ڪڏھن ۽ چو چا نئه،
پيار تو سان پچائون ساڻ رھيون.

ساز نهي ھان جڏھن ٽُٽي پئي ھان،
عشق تو ساز انائون ساڻ رھيون!

پيار جو رهگذر ۾ ۽ تون ھئين،
جي به جڙيون ڏکائون ساڻ رھيون.

مان تصور [illegible] اکيان پهتس،
مون سان ھيون [illegible] ساڻ رھيون.

چنڊ ھو [illegible] چاتي،
تون جو ڪڏھن [illegible] ساڻ رھيون.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اجا مس آچيو آغوش هو!
مون چو ان کان اڳ وڃايو هوش هو!؟

عاشقيءَ جا ڳهر ها، سڀ جي متان
ڪنهن سنڀاليو هوش، ڪو مدهوش هو

ڏل لڳيءَ اکڙين منجهان ڳالهيون ڪيون
پئي لڪايئين ڳالهڙ، خود خاموش هو.

زندگي جون سڀ سچايون تيون ننگيون،
هن خوشين جو جيئڻ هٿايو پوش هو.

ڇا مليو ۽ ڇا رُليو سو جاچجي،
ايترو ڪاتي اسانکي هوش هو.

پيڙ ۾ پنهنجو ئي مُک ويس وسري،
آئينن جو کهڙو تنهن ۾ دوش هو.

پاپ دنيا ۾ نہ ڪو پريشان هو،
نيرَ ڳاڙيندو رهيو نردوش هو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ چاهيون پيا!
من لُيايون پيا!

سج تئي هي پرين،
توکي چاهيون پيا

پٽرن جو شهر،
دل لڳايون پيا!

درد دوکا سهي
مسڪرايون پيا

هيءَ گهڙي پي پُڳي،
موڪلايون پيا.

ٻَوءُ ويو ٻيلجي،
ٻونءِ ٻانئيون پيا

هانءُ پَرجي پيو
گيت ڳايون پيا

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال کھڙي ۾ آ وطن ڪان پڇو؟
ديس چاهي جلا وطن ڪان پڇو؟

اڄ تہ سنڌو ندي بہ آ پياسي،
درد تنهنجو تہ ساحلن ڪان پڇو؟

هاڻ ۽ هاري وهن ڪي بيا هوندا،
هيءَ اسان جي ها، حوصلن ڪان پڇو!

منهن جي ڌرتي صدين ڪان آ منهن جي،
پل تہ تاريخ جي صفحن ڪان پڇو؟

نينهن اکڙين مان سڀ نمايان آ،
جو تا سڀ ڪجهہ اوهان چپن ڪان پڇو؟؟

ڪوڙ جو هي قلم نہ آ قائل،
تيون ڏسين آگريون هتن ڪان پڇو؟

پيرَ تَن تي سفر ۾ ڪنهن جا ها؟
پل تہ دل جي اڇي دڳن ڪان پڇو؟!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليو ڪو، نہ ڪنهن سان رَلي دوستو،
آ ويو واءُ اهڙو گهُلي دوستو.

اڪين سچ سارو تي اظهاريو،
زبان سان ويو سڀ ڪجهہ الي دوستو.

جڏهن ڪو نہ غمخوار پر ۾ ڏٺو،
اسان پيي ڏنوسين ڪِلي دوستو.

ڏسو ڇانو ڪاٽي نہ، اڇجو اُتي،
اسان جي اکين ۾ هلي دوستو.

ڏجو در تي دستڪ اُتي تورڙي،
جي پئي پنهن جي وچ ۾، گلي دوستو.

اڃان مس ڪٽي نيڻ مون ڏانهن ڏنئين،
آ وئي ساري دنيا جلي دوستو.

ڪري ڇڏجي يا سوچجي، پر اڳي،
ويو پيار پنهنجو هُلي دوستو.

ڇڙيا ساز تهڪن جا محفل ۾ ها،
ڏٺي اڪ نہ ڪنهن، جا ڇُلي دوستو!

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاء اجان ڪجهه ڳاء پرين!
وياڪل من پرياء پرين!

پيار انگن مان ڇا ڄاڻي،
ليکو آ ڇا لاءِ پرين؟

دل وسندين ۾ جاءِ ڪپي،
رڻ ۾ ڪين رُلاءِ پرين.

مون ۾ ڪجهه منهنجو ڪونهي
سڀ ڪجهه آ تو لاءِ پرين!

مون سان ربط رهي تنهنجو،
ڪين گهرين جي ، گهاءِ پرين!

ڪين ڪڏهن سوچيو هوندو
جيءَ ۾ ملندي جاءِ پرين!

”چاهيان تو بي حد توکي“
بيهر چئو ورجاءِ پرين!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي سليئين هر بات اسان سان!
سَرتا! تون جيئين ڏات اسان سان!

نينهن ڪٽين ۾ پاند پُسي ويو،
بادل جان هَو رات اسان سان.

ڪهڙو سانگ رچيو، رهجي وئي،
ڳوڙهن جي برسات اسان سان.

سڀ ڪجهہ ساڻ ڪٺي ويو، پويان،
رهجي وئي آ تات اسان سان.

ڪر پنهنجي پاسي سارو جڳ،
عشق جي هڪڙي ڏات اسان سان!

ياسمين کو نہ پرين پاسي ۾
ڪهڙي تي پريات اسان سان؟

مان يادن ۾ قيد ڪنديس سا،
رهہ تون هڪڙي رات اسان سان!

✻

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرين پيار ڪيڏي آن گهايل چري!
پُسائي ڇڏيا تئي روئي ٻُل چري!

اتئي هي رواجن جي ڏرتي سکي،
ڪا، تي پئي نہ توکان وڏي ڀُل چري!

ملائي نمبر تو ڪٿي ڇو ڇڏيو،
ڪٿي آ سُتل، هيءَ آ جاڳيل چري!

ڪڏهن ڪوئي وٽجارو موتي بہ تو،
سيئي ديپ ڇو تئي اجهاميل چري؟

وري ڪيس ساڳين گسن تان سڏين،
اتئي واٽ هر ڪا پُڇايل چري.

سڄو جڳ نہ جاڳي پوي شور تي
تون وچ ڇوڙي پيرن مان پايل چري!

گليون عشق واريون اجل ڏانهن وڃن،
گليون ڪنهن جون تئي هيءُ ٻُڌايل چري!

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاھتون ۽ چنڊ گھائن!
درد پيا ويتر وڌائن!

مان رھان گوشہ نشين تي،
خواب تا مونکي رُلائن.

عاشقي جو عرق اوتيو
آ، کيو آجو فنائن.

روح جا سڀ رنگ ڊاتا،
درد جي برسي گھٽائن.

ساھہ سجڻن ۾ اسان جو،
کنھن کي پيا ھو روز گھائن.

پيار کيڏو ڏوھہ آھي،
مونکي سمجھايو سزائن.

مان متي جي مُٺ، مونکي
عشق پھچايو خلائن!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُماس پئتي پائنجي!
ڪو ديپ نئون جلائجي!

تنها سفر ڏکيو گھڻو
وِک وِک سان پئي ملائجي

پئي درد آ ڏکي ڪيو
اڄ درد کي ڏکائجي!

جو ذات پات کي ڏسي،
تنهنکي نہ پنهنجو پائجي

پَئي موت رقص ۾ ڏسان،
۽ زندگي پئي گھائجي.

ورهن جا واسطا هئا.
پلجي بہ ڪيئن پلائجي

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ ليکي مان اڪيلي تي وئي هان!
مان تہ سوچن جي سهيلي تي وئي هان!

بار هيڏو سارو پيا تنها ڪٽن جي،
آءُ تن جي ٻانهن ٻيلي تي وئي هان.

هر منو لهجو ٻڌي ڀُلجي پوان تي،
ڪير سمجهائي ڳُهَيلي تي وئي هان!

تون تہ پنهنجو آن چريا! من ۾ لهي پئہ،
مان پراون لئہ پهيلي تي وئي هان.

آجيان ڪهڙي؟ ميارون جا ڏيان مان؟!
مان ئي هر پيري اويلي تي وئي هان!

آ ڏکهيري ٻانهن ٻيڻل جڙ تہ خالي
هن حياتيءَ جي هٿيلي تي وئي هان!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءُ پنهنجو جهريل سراپا آ،
سور پوءِ پيي لڪيل سراپا آ.

ڪيئن آخر جدا ڪندين هن ڪي،
هو تہ مون ۾ مليل سراپا آ.

ڪونہ پٽڪيو عقل ڪٽي هوندو،
ها مگر دل ٻُليل سراپا آ.

ڇو هو بد دل آ ايترو تي پيو،
در تہ پنهنجو کُليل سراپا آ.

پيار ڪعبي جان ڇڻ هيو سامهون،
اهل دل جو جُهڪيل سراپا آ.

آئينن جا دڪان رستن تي،
عڪس هر ڪو چٽيل سراپا آ.

پيار احساس آ پشم جهڙو،
منهنجو سچ پچ ڇهيل سراپا آ.

❃

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز جهيڙي اجان جهڪي ڪانهي!
نيٺ انسان آ ڳُڏي ڪانهي!

وار هن تي ڪي گهٽ تيا ناهن،
هوءَ ڊهي وئي آ پر ڊني ڪانهي!

دوڪا ويساهه گهاتيون ڏسندي،
دل پيجي پئي آ دل لڳي ڪانهي!

آهي هر امتحان مان گذري وئي،
آ لتي لحد ۾، لُڏي ڪانهي!

پيار جي راهه تي جو نڪري پئي،
پوءِ گهٽي هن وري مٽي ڪانهي.

وقت نامهربان رهيو هن تي،
جيڏي ڏسجي تي، هوءَ وڏي ڪانهي.

خوشين مالها مان، هُن خوشي هڪ هڪ،
آ چُهي بس ڏني ڇڳي ڪانهي!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو نہ تو سان ناهہ ٿيندو!
۽ نہ ڪو ويساهہ ٿيندو!

ساهہ وارو ڪوئي ماڻهو،
ڪَل، پرزو ناهہ ٿيندو!

ساڻ سوچي هل مون سان،
عشق آ آڙاهہ ٿيندو!

ٻُڪ ۾ جو پاهہ، تنهن جو
چنڊ سان ڇا چاهہ ٿيندو؟!

آس جذبا ۽ خوشيءَ تي
ڪونہ هاڻي ڳاهُہ ٿيندو

پونءِ ڪي والارين پيا
ڪيئن اندر ساهہ ٿيندو؟

ناوَ لهندي نينهن جي جي،
موج ۾ درياهہ ٿيندو!

خاڪ ٿيندين واٽ تي، آ
عشق بي پرواهہ ٿيندو

آ فنا ٿيندو اُهو جو،
سچ کان گمراهہ ٿيندو

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ جا گذاريون ٿا، سا زندگي نہ ٿي لڳي.
هلئون تہ پيرن هيٺان ڪا ڌرتي نہ ٿي لڳي.

هر ڪوئي آ سفر ۾ پر منزل نہ ٿي ليي،
ڇا لاءِ جو ڪوشش ڪا باهمي نہ ٿي لڳي.

ٻُڪ، درد جا احساس ڪئي ان ۾ پيا ٻڙڪن،
ڏاڍو اُيامي جا ڪُني، سگهٽي نہ ٿي لڳي!

هٿ، هٿ ۾ مگر دل جا ها رستا جدا جُدا
ڪو ٻيو ئي ناءُ ڏيوس، دل لڳي نہ ٿي لڳي!

جڏهن ڪان دوستن بہ آ تنها ڇڏي ڏنو،
تڏهن ڪان تنهائي بہ اوپري نہ ٿي لڳي!

ڪا سوچ، لوچ ۽ ڪوئي احساس هو لڪيو
پل ڇئو اوهان مونکي تہ شاعري نہ ٿي لڳي!

نہ ياد تو ڪري ڪوئي اڪ پيي نہ ٿي ڦري
سڪ پنهنجي ڪنهن ڪي اڄ ڇو ايتري نہ ٿي لڳي؟!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو تي ڏار آهي
ڪيڏو عيار آهي

ڏرتي وڏڻ هليو آ
تي پيو غدار آهي

هر باضمير لُچيو،
ٿوڙيو حصار آهي!

پيا ديس واسي، جاڳي
تيو شرمسار آهي

ٿاندا اڪيون ٻرن تيون
من بي قرار آهي

چو سنڌ چوڌي هن جو
اتڪيو اچار آهي

پنهنجو يي "پريت" نعرو
ڏرتي يا دار آهي!

❋[3]

(SPLGO ٻل جي اچڻ تي لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکن سپ آگھيون اکڙيون!
چون تا چا کنديون اکڙيون!

پلي هٿ پير تون کڙجان
کڏھن تو کان کڙيون اکڙيون؟

بي اُلڪيون ٻوٽجن پل ۾
سي هونديون ها ٻيون اکڙيون!

بچي هر دام مان نکرن،
کڏھن خود ڦاسنديون اکڙيون!

نظر جن جي رهي نيچي
اتي جئن ٻانهڙيون اکڙيون

نہ سوليون سمجھ ۾ اينديئي،
اٿئي ڏاڍيون ڏکيون اکڙيون!

کڏھن شرمائجي جھکنديون،
کڏھن هي، ها! کنديون اکڙيون!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير اونداھين ڏريو من ۾!
عشق فانوس تي ٻريو من ۾!

ڪو نہ آ رابطو پرين ممڪن،
ياد تورو گھٽو ڪريو من ۾!

سازِ دردن جا سپ ڇڙي پيا ھا
چنگ چاھت جو جيئن ڇُريو من ۾

جو ڏنئين غير سان پرين پنھنجو،
ويل تنھن ڪيترو جھُريو من ۾!

لڙڪ دامن سڄو پُسائي ويا،
ڇا تہ ھُو ميڻ جيان ڳريو من ۾!

جنھن کي چوندو ھو، تو سان نفرت آ،
تنھن کي قُدرت ڪان ھُن گھُريو من ۾.

ھاڻ اظھار سڀ ڪيو، پئي ھُو،
”پريت“ سالن ڪان سنبريو مِن ۾!

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويساهہ گھاتي!
سڄي حياتي!

لُڇيا اندر ۾،
وجهونِ جهاتي.

ٻُڪن ۾ تي ويو،
هوُ آپ گھاتي

ها ساهہ سوڙها.
ڇڳي پئي ڇاتي

ڪو مال ميڙي،
نِجو ۽ ذاتي.

ڦٽي ڪيل ڪنهن،
حيات پاتي.

جيئرن جي دنيا،
لڳي مماتي.

هي درد هاٺي،
گھرن جو ياتي.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سراپا خاڪ ٿيٺو آ
مگر بي باڪ ٿيٺو آ

رفوگر اڳ پيا ڳوليون
هي دامن چاڪ ٿيٺو آ،

رُلائن عشق جون تانگھون
ڪٿي ڪو تاڪ ٿيٺو آ؟

ڀڃن جي رت سان ڏوڀي
پنڌن ڪي پاڪ ٿيٺو آ

پرين هينئن پيار جي ڏيندين،
هينئون هيراڪ ٿيٺو آ!

سيئي گوندر گذرگاهون
مگر رولاڪ ٿيٺو آ

هتي ٻُڪ درد تنهائيءَ،
سندو ادراڪ ٿيٺو آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ، نہ جھٽ ۾ هار حياتي!
ڏي هٿ، هٿ ۾ گهار حياتي!

نينهن نگر، گڏ پاڻ پرين جي،
ٿي ويندي هيءَ پار حياتي!

اڄ اڄ مون ۾ پيار وسي پئہ
اندر اگنيون، ٺار حياتي!

ڇو پيو ايئن اوندھ کي لوئين
پاڻ ڪري آن ٻار حياتي!

جيءُ جهوريندئي، هاڻ نہ پوئين
هر هر وينو سار حياتي

هڪڙو تون نہ، ڪندي آ سڀ سان
ساڳي ئي هيءَ ڪار حياتي!

موت ميار نہ، آ ماريندو،
تون تہ موڪي مار حياتي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوپاسي روشني ڪجي دل کي جلائجي
هيءَ سوچ پنهنجي پارجي خود کي پلائجي

هڪ آس هئي جا خود ئي اسان وٽ ٽِڪي پئي،
زوريءَ پلا ڪنهن ڪنهن کي پاڻ وٽ، ٽِڪائجي.

دل جون هي حالتون پلا ڪهڙيون ٻڌائجن،
ٿاڪو ٿُني ٿو پئي وري نئون ٿو لڳائجي!

ڳالهين ۾، ڪيتريون نہ هو ڳالهيون پڇي ويو
باقي بچيو ئي ڇا هي جو هُن کان لڪائجي

جذبن کي پنهنجي ڳاهجي، ۽ پاڻ پيڙجي
ايئن دردِ ڪائنات جو ڪاتو لڳائجي

ڪو درد هو دلين ۾، ۽ ڪو انتظار هو
ٻيو ڪجهہ پي ڪونہ پاڻ وٽ، جنهنکي سنڀالجي.

هر ڪم تا دل لڳائي ڪرڻ لئہ چون هتي،
هڪ دل ٻڌاءِ ”پريت“ سا ڪِٿ ڪِٿ لڳائجي؟

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ ۾ حصيدار تي نہ سگھيو!
هُو، هَو عاشق، عيار تي نہ سگھيو

عمر اڪثرين جي آڏو گذري وئي،
وقت تي پر ڪو وار تي نہ سگھيو

مطمئن هو، يا هُو نہ هو زنده
عمر پر بي قرار تي نہ سگھيو!

نيٺ آخر ۾ هن بہ للڪاريو،
زير هو بار بار تي نہ سگھيو

ڪريون ذرتي جو سودو، تاريخي،
ڪو پنو داغدار تي نہ سگھيو.

پنڌ، پل ڪان صدين تي پهتو، پر
ماڳ سان همڪنار تي نہ سگھيو

خيال، ڏاڍا حَسين بڻاياسين
پوءِ بہ پن چڙ بهار تي نہ سگھيو

هاڻ، ساڳيو پريل، لکيو ڪيڏو
لهي ڪجھہ دل جو بار، تي نہ سگھيو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ڇا، نہ شخص ۾ آ!
ڪاتي سو عڪس ۾ آ!؟

تبريز جي آ صحبت،
رومي بہ رقص ۾ آ!

هر سونهن اک ڪان اوجهل
الجهي پيو نقص ۾ آ!

محبت ڪي ماڻجي ڇا
ملندي جا ترس ۾ آ!

ڪونهي سڪون ٻئي ۾
جو دل جي درس ۾ آ!

”ڪجھ ڪونہ“ ڪي ڇا ڄاڻي
ڏُريئون جو سرس ۾ آ!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪ، سُڪُ، ساعتون ڪسي ورتيون
عشق سپ راحتون ڪسي ورتيون

ڪيئن نہ ڏرتي ڪي اڄ ورهائن پيا
سياستن، وحدتون ڪسي ورتيون

هاڻ هر رُت رڙهڻ وڙهڻ جي آ
حالتن پيون رُتون ڪسي ورتيون

هن جي ويساھ گهاتين مورڳو،
ووٽ جون حُرمتون ڪسي ورتيون

جنهن ڪسيون وحدتون وطن جون ٿئي
تنهن ڪان سنڌ محبتون ڪسي ورتيون

تو ڪسي هيءَ آهي ڪراچي يا
جُوءِ ڪان جنتون ڪسي ورتيون

موھ ٿي موھ مٺيءَ جو دامن ۾
نينهن پيون رغبتون ڪسي ورتيون

❋[4]

(بٽي نظام SPLGO جي بِل اڇڻ تي لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او! چانڊوڪي ترپائين تي!
سار جيان تون پيي ڳهائين تي.

سوداڻ سرتي آهين ڪا،
پيار ڪري پو پڇتائين تي.

ڪو به نه ڳهاون ڪي گهوريندئي،
دامنِ دل ڪي سِرڪائين تي.

سُڏڪا ساز ٻڌائيندس مان،
جي تنهائي تون ڳائين تي.

دل ۾ درد اڪين ۾ اُلڪا،
واٽ وصل جي واجهائين تي.

ساهه سڄو، ويساهه ٽُٽل آ،
گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهٻرائين تي.

هي جو رڳ رڳ روڳ رليو تئي
ڪنهن ڪي او پوري پائئين تي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن تون شام ۾ ملجان!
جهُڪيل ڪنهن لام ۾ ملجان!

سڄي سنسار جي ڳجهه ۾،
۽ هر ڪنهن مام ۾ ملجان.

تون ٻڌجي خواب کو سهڻو،
اکين، آرام ۾ ملجان.

عدم جي ويڙهه هستيءَ سان،
انهي سنگهرام ۾ ملجان.

سيئي سر تي کڻي ويندس،
تون هر الزام ۾ ملجان!

ٻنيون ٿي وينديون مدهوشيون
ڪنئيل هر جام ۾ ملجان

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُجين خوشحال يا فقيريءَ ۾!
مون کي رکجان تون يادگيريءَ ۾!

کين آزاد ڪر اجان مونکي
ڏي رهڻ عشق جي اسيريءَ ۾

وقت ئي ڪو نہ هو خوشيون ڳوليون
عمر سورن جي وئي سفيريءَ ۾

آرسي جڻ ضمير هو ڪنهن جو،
ڪنهن ڪئي حد هئي بي ضميريءَ ۾.

هو جو جوڀن ۾ هو هتين خالي،
پر هُو خيالن جي هو اميريءَ ۾.

هُن ڪٽي پتِ، ڪيو الڳ گهر هو
وڃي محبتَ وئي ڪنهن جيِ، ويريءَ ۾

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن جي پڇاڻان من کي پل پي قرار ڪونهي
ساري زمين سامهون، دل جو ديار ڪونهي

برسيو گهڻو ئي بادل، اندلٺ پي ٿي عيان آ
پر چو لٿو اندر تان، پيارا غبار ڪونهي

هيءَ عاشقيءَ اجل جان ماڻهوءَ اندر مان گذري
ڪو ڪو انهيءَ سفر ۾، ڏس ڪا قطار ڪونهي!

موتيا، چنبيلي، پوپل، ڪهڙيا گلاب ڪَن ۾
پنهنجي چو آجيان لئه، پانهن جو هار ڪونهي؟

ڪئي قربتن قسم ها، پوَ هجر جا هميشه
ائين ميت سپ ميجايو، مُنڊ تي ميار ڪونهي!

سڪ سمنڊ ڪنهن اندر ۾، آتو آ "پريت" تو لئه
دل کي نه لاهجان گهٽ، تو لئه به پيار ڪونهي!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينهن لائي تہ ڏس!
خود پلائي تہ ڏس!

چنڊ چهرو تکي،
اک ملائي تہ ڏس!

عشق آڙاهہ تي،
من جلائي تہ ڏس!

مان اچي پهچندس،
تون سڏائي تہ ڏس!

ساهہ سر ڏئي چڙيان
آزمائي تہ ڏس!

خود برابر رکي،
مونکي پانئين تہ ڏس!

ماڻ هي پي جهان
دل لڳائي تہ ڏس!

رقص کن عاشقيون
چير پائي تہ ڏس!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفر ۾ خواب هي سارا!
نہ ڏي ايئن موت لامارا!

بهارون سڀ ملي موٽيون،
نہ آئين تون ئي ويسارا!

سموريون، ڏرتتيون ڪاٽيون،
تون هٽ ۾ هٽ تہ ڏي پيارا!

ڪنئيل هر وِڪ وئي ڪنيجي،
ڪُتا ڪٽ نينهن جا نعرا.

اڳيان سچ، ساھ سجدن ۾،
سراپا خيال پيي سارا.

ڏسيون چا تون بنا سائين
لنگهيون ڪيئن سانوڻيون، سيارا

ڏسي اُپ مان اڪيلايون،
ڪَتيون مُرڪيون، ڪِليا تارا

نہ پوريون آرزوئون ٿيون
ڪٿي پيا ساھ هي سارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلندا پيا ديوانہ هوندا!
جلي، اُجهي ويا ڪانا هوندا!

دل ڪا آهہ سفر ۾ دل ڏي،
ڪوڙ جڙيا افسانہ هوندا.

نيت ملي هڪ تي ويندا هو،
پوئتي سڀ بهانا هوندا.

نيڻ ڪٽي ڏسجان چوپاسي،
ڪي تہ اوهان جا جانان هوندا!

تون جي سچ سفر جو راهي،
تو سان ساڻ زمانا هوندا.

شمع جي روشن تئي ڪاتي،
”پريت“ اَتي پروانا هوندا!

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفي نہ کا ثبات آ!
خاموشي چپ چپات آ!

پهلوءَ ۾ کو پتو نہ پيو
هيءُ ڏينهن آ يا رات آ؟

پنهنجو سفر نہ کو پڇي،
پب هيٺان پلصراط آ!

هي عشق جو آ امتحان
جو سهڻي واڳونءَ وات آ!

مون لئہ هي ماڻهو اهم آ
غير اهم ذات پات آ!

مان ڪيئن ڪُلي لِکي سگهان
بند هيءَ ڏنگين ۾ ڏات آ!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هانءِ تون هارين متان!
هيل تون سارين متان!

جا نہ تنهنجي وس ۾
دل اها ڏارين متان!

شوق کيٰ ڪر سانت تون،
شوق کي ڪارين متان!

ڏاڍ جيسين، جل پيو
پاڻ کي ٺارين متان

ڏار ڏونگر سامُهان،
ڏيل کو ڏارين متان!

اڳتي جو آ سفر،
پوئتي تاڙين متان.

ماڳ ڏانهن جيڪو وڃي
سو ڳس، وسارين متان!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار تون ايڏو نہ ڪر
أيترو پنهنجو نہ ڪر

ڳالهہ وڇڙڻ جي هجي
سو پرين چرچو نہ ڪر!

سونهن کي ساراهہ پل
سونهن کي سجدو نہ ڪر

درد اوتي ڇڏ اندر
درد کي سُڏڪو نہ ڪر!

تي سڀي دنيا جلي
پيار کي پڙرو نہ ڪر

ڇڏ تہ پل اظهار جي،
قيد ڪو جذبو نہ ڪر!

تورڙو تي ويجهڙو
روح تي قبضو نہ ڪر!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي اڻ تڻ خدشا ساڳيا!
من ۾ يانئيا اُلڪا ساڳيا!

نرڙ مٿيءَ تي سپ جو ساڳيو،
سپ جا ناهن سجدا ساڳيا!

هيٺ پرين، مهتاب مٿي هو،
رنگ روپ ۽ نقشا ساڳيا.

ويساهن آتم هتيا ڪئي،
دل جي دڳ تي صدما ساڳيا.

غم، تنهائي ۽ اوسيئڙو،
تنهن جي پاران تحفا ساڳيا.

ساڳيون حد دخليون هون تنهنجون،
دل تي تنهنجا قبضا ساڳيا.

تنهنجو چاهه چٽو هر پيري،
منهنجا مبهم جذبا ساڳيا!!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي من جو راز تي کوليان
تي پنهنجو پاڻ کي روليان

ماڻ گهَري گهاوَ جيان آهيان
ڪُچان ۽ پاڻ کي جهوريان

هان پاڳل، چنڊ پئي چاهيان
۽ سڪ جو مان سڳو سوريان

تون پنهنجِي، ميڙ پل مايا،
مان پنهنجو درد پئي جوڙيان!

مان ڊوڙي وقت کي پڄندس،
سنڌ ۽ چو واڳ کي موڙيان.

تي ڪاري مان اجان ڪُسجان،
جي چاهت چنگ تي چوريان.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪوئي درد ئي هوندو نہ ڪا ديوانگي هوندي،
سو پڪ سان موت ئي هوندو نہ سا ڪا زندگي هوندي.

نہ پليو نينهن ئي هن ڪان نہ سپنا ئي سگهيا جهلجي،
هي ٿورو سوچجي، آخر ستي ڪيئن سانوري هوندي؟

اکين ۾ نينهن جي نچڻيءَ ٻڌا گهُنگهُرو سنجهئي ڪان ئي
ردم تي دل جي ڌڙڪي جي، نچي پئي دل لڳي هوندي.

اسان جي دل جي ڌرتي تي اچن ٿا پيار جا پنڇي،
رڳو ڪن اهل دل سمجهي سندن آوارگي هوندي!

هيءَ هٿ ۾ آرسي منهنجي، پريان پر عڪس هو هن جو،
ملي هڪ تي وڇڻ جي ڪا نشاني ٻي ڇٽي هوندي!؟

اگر ٿئي دل لڳي دريا، تہ سهڻيءَ جان لهي وڃجي،
ڪتورين ۾ اها خاهش، پرينءَ تائين پڳي هوندي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو ڪٽ جوڙ ماڻهن ڪي.
جيئڻ جاڪوڙ ماڻهن ڪي.

نہ تيون چو منزلون ڏسجن،
منجهائن موڙ ماڻهن ڪي.

ڪتي حيوان ڪي، اڄڪلهہ
لهوءَ جي لوڙ ماڻهن ڪي.

چنڊ تي جيڪڏهن ايندا،
بهانا ڪوڙ ماڻهن ڪي.

سيئي انسان هڪجهڙا،
پو چو هٽ جوڙ ماڻهن ڪي.

اڃان تائين غلاميءَ جا،
نڙيءَ ۾ نوڙ ماڻهن ڪي.

ڏسئون تي ڪاتي پهچائي؟
اها ڊڪ ڊوڙ ماڻهن ڪي.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ جي آوارگي وڌندي وئي.
تنهنڪري ئي شاعري وڌندي وئي.

پاڻ پئي پوڄا ڪئي سين پيار جي،
ڏيھ جي ناراضگي وڌندي وئي.

جيئن ڏکن جو ڏار تئي من ۾ وڌيو،
ڏات ۾ تيئن تازگي وڌندي وئي.

پيار تي وڌنديون ويون جيئن بندشون،
تيئن اڳيان هوءَ سانوري وڌندي وئي!

زندگي پرپور هئي پردي اڳيان،
۽ پنيان پئي خودڪشي وڌندي وئي.

جيئن اسان تي پيار هو جل ٿل وسيو،
اُڄ تئين ويتر سکي وڌندي وئي!

عڪس آئيني ۾ پئي پنهنجو ڏٺم،
عمر جڻ مون تي ڪلي، وڌندي وئي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ٽو سمجهين هنر آ حرفن جو.
آهي ڪوتا نچوڙ جذبن جو.

رهيو بس اڻ ڪتيل اندر، باقي
ڪاٽو پورو زمين ۽ سمندن جو.

هو جو هر ڪنهن اڳيان جهڪي پئي ٿو،
زيان ڪيڏو ٿئي پيو سجدن جو.

ڪري ڪشڪول هٿ، پني انسان،
هي آ امتحان اعليٰ ظرفن جو.

حال ڪهڙو آ سنڌ جي جئانيءَ جو،
جوڙ آ بس ڏکن ۽ ٿابن جو.

پاڻ گهاوَن جا سپ رفوگر هون،
پاڻ سمجهون ٿا ساز سڏڪن جو.

مونکي ڪاغذ گهٽا گهٽا گهرجن،
آهي لکڻو اتهاس دردن جو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دُور ڏرتي جا سيئي دکڙا ڪيو.
بعد ۾ آڪاش جا اُلڪا ڪيو.

توڙ تائين پهرين هڪڙن سان ڳنڍيو،
پوءِ پرين قائم نوان ناتا ڪيو.

عشق جون سمجهو نہ ٿا جي سرحدون،
ايئن چڪورن سان نہ پو چرچا ڪيو.

سمنڊ کان گهرا ۽ اُوچا اُڀ کان،
قرب جا کهڙا پيا ڪاٿا ڪيو.

هو نہ اچڻا هئا نہ ئي ايندا ڪڏهن،
تن جا اوسيئڙا پيا کهڙا ڪيو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هر ٽُٽي پئون ٽا!
ٻيهر جُڙي پئون ٽا!

تو کان ڇڇي او جانان،
هر هر ڇڇي پئون ٽا.

هن کي ڇيو، نہ اڇبو،
سڌ تي مُڙي پئون ٽا.

بس هاڻ پيار پلبو،
ڇئون ٽا، جھُري پئون ٽا.

هي پيار آ يا امرت،
ملندي ئي جي پئون ٽا.

سِک ۾ بہ سحر آ کو،
مدهوش تي پئون ٽا.

خاڪا هون، هُو ڇُهي جو،
تصوير تي پئون ٽا.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽڪن خواب بسيرا ڳولن.
ڪنهن جي دل ۾ ديرا ڳولن.

اونداهين سان الجهي الجهي،
هاڻي نيڻ سويرا ڳولن.

ڪهنيا ڪوڙ گلاب ڪڙيا هي،
پونئرن جا ڪي پيرا ڳولن.

امن لڏيو آ جيئن ڌرتيءَ تان،
ملڪ ڀيو ڪو، ڳيرا ڳولن.

دل چورائي ڳُم ٿي ويو آ،
سوچون تَنهن جا پيرا ڳولن.

من ۾ موهه لٽو آ جن جي،
ٻانهن جا تيون گهيرا ڳولن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يادون ساندييون سپنا سانديا.
اکڙين ۾ اوجاڳا سانديا.

خوشيون اسان کي پانءِ ئي کاٽي،
درد آهن ڄڻ جاڙا سانديا.

منزل ڏانهن سفر ۾ ساٿي،
سور مليا جي، سارا سانديا.

لهجا پي ته ڏکائن ٿا، سي،
اندر منجهه اجايا سانديا.

پنهنجو پاڻ اندر ۾ پيڙيون،
خود ۾ چو ھي گهاٽا سانديا.

مند ملهاري واٽ مٽي وئي،
ڏرتتي ۽ ڪاڙها سانديا.

”پريت“ آ پياس اها ساڳي ئي،
من ۾ سمنڊ سراپا سانديا.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿ ڪو ڏي نہ تو ڏسي تنها.
ايئن ئي گذري پئي زندگي تنها.

ڪي اڪيليون گهڙيون بہ گذرن ٿيون،
شل نہ ٿئي ڪوئي دائمي تنها!

عڪس ڪيڏا اندر ۾ سانڍي ٿي،
خود ۾ ڪيڏي آ آرسي تنها.

ڪجهہ حصو تنهنجو پي پرين هوندو،
ڪيئن پلا ٿيندي، دل لڳي تنها!!

آ خوشي سچ ونڊڻ ورهائڻ لئہ،
ڪيئن خوشي ڪائي چاهبي تنها.

ننڊ آهي تہ ساٿ سپنن جو،
چا ڪنداسين سجاڳ ٿي، تنها!

آ هلي ايندي من جي آڱنڌ ٿي،
جيئن ئي ڏسندي آ شاعري تنها.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال كيئي.
خيال كيئي.

محبتن ۾،
ملال كيئي.

عروج تورا،
زوال كيئي.

دل ٽوڙڻ ۾،
كمال كيئي.

حوصلن جا،
مثال كيئي.

كمائي ڪوڙا،
بحال كيئي.

چو قرب جا،
ئي كال كيئي.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٽ لڳندس تہ گهائجي ويندو،
نيٺ ماڻهو، سنيالجي ويندو!

ڏينس آگر هو اجنبي آهي،
شهر نئين ۾ وڃائجي ويندو.

ماڻهو ڪيڏا تا هن کي چاهن پيا،
نيٺ ڏسجان ورهائجي ويندو.

موهہ من ۾ ڪٽي هو نڪتو آ،
دل ۾ ڪنهن جي سمائجي ويندو.

هُو جو ٻڌجي پيو آ افسانو،
ڪنهن نہ ڪنهن کان سُڻائجي ويندو.

وقت کي ڏس مهار ڪاتي آ؟
ڪيئن سوچيئہ ورائجي ويندو!

چا جي چنتا، وچن ڳهٽئي آهن،
ڪوئي رهندو، ڪو پاڙجي ويندو.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ سهڻي کا سار تي پئي آ.
شام جڻ خوشگوار تي پئي آ.

هر کا خاهش لڳي کلڻ جهڙي،
دل چو ننڍڙو کو ٻار تي پئي آ؟

آئي ، هٿ ۾ جو تنهنجي ٻهروپيا،
آرسي ڏار ڏار تي پئي آ.

تو تہ هئين هيڪلو هليو، هاڻي،
ڏس تہ هڪ مان قطار تي پئي آ!

چو پلا دل جي دنيا ڏانهن ويندڙ،
هر گهٽي خاردار تي پئي آ؟

پنهنجو جيون تہ تي پيو مفلس آ،
ذات پر شاهوڪار تي پئي آ.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوپٽ جهڙو چاهه پرينءَ جو.
هر رنگ جنهن ۾ آهه پرينءَ جو.

نفرت مان ڇاڻن ڇا، جن ۾،
هر دم آهي ساهه پرينءَ جو!

سارا لڪ لنگهي وڃبا هي،
جيڪر آ ويساهه پرينءَ جو.

لوڪ رُنو پرواهه ڪانهي ڪا،
گهرجي تو بس ٿاهه پرينءَ جو.

پنهنجي ئي دامن ۾ پربو،
هر ڪو ڏوهه گناهه پرينءَ جو.

جيون جڻ تہ سقل تي پئي هي
تي پئي جي نيپاهه پرينءَ جو.

عيب سَوين مون، اُلڪو ڪونهي،
اندر آ درياهه پرينءَ جو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن هتان هو گذر ڪري ويو.
شهر سڄو ئي پٿر ڪري ويو!

ورهيہ لڳي ويا جن کي مڙندي،
گهاوَ سمورا سڄر ڪري ويو.

هُو تہ لتاڙي ويو آڳنڌ کي،
پاڪ سمورو پڌر ڪري ويو.

هڪڙي نظر وڌائين، سارن،
قربن جو جڻ قدر ڪري ويو.

ساڻ وِکون کي چار هليو هو،
سَولو سارو سفر ڪري ويو!

ڪنڌ ڪپيو ٻوٽي ٻوٽي تيو،
پيار دنيا ڄمگر ڪري ويو!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڇو! هن ڏي ڇو ڏيان آ سارو؟
هُو تہ منهنجو جهان آ سارو.

گهاءُ ڪائي بہ ڏِس اجان سامهون،
عشق جو اِمتحان آ سارو.

پيار تنهن سان، جو پيار جو منڪر،
محبتن جو ذيان آ سارو.

رات تنهائي، درد، اوسيئڙو،
مليل هن ڪآن هي مان آ سارو!

هُو بہ مونکي ئي چاهي بي حد ٿو،
منهنجو شايد گمان آ سارو.

”چاهيان تو کي ٿي بس رکو توکي“
منهنجو بس هيءُ بيان آ سارو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجان جيئون هر مزا مليل آ.
اهڙي ڪنهن جي دعا مليل آ.

تنهائي ۽ اُپ چانڊوڪيون،
چاهت آ يا چِتا مليل آ؟

مجيئون حياتي سور سين جي،
درد هي دل جو جدا مليل آ.

ڪوٺن کي اورانگهي وئي آ،
شايد هن سان هوا مليل آ.

چُپ چُپ ۾ سڀ ڪجهه چئي ويو آ،
هن کي اهڙي ادا مليل آ.

ڪئي مسيحا، پر پيو ڳولي،
جنهن کان هن کي شفا مليل آ.

جو بہ لکون تنهن ۾ ڪجهه سچ آ،
۽ ڪجهه ان ۾ ڪتا مليل آ.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليون جڻ، آس کان خالي.
اکيون احساس کان خالي.

ڏسيو اندر اهو کهڙو،
جو آهي پياس کان خالي؟

سين جي سوچ هئي ٽاندا،
بدن هو ماس کان خالي.

ٿنگيل خود ۾ ئي خود آهيون،
نہ آ من ٿياس کان خالي.

ڏئي ڏک موت ۾ مرڪن،
سيئي ٿيا قياس کان خالي.

هتي هر ڪوئي ماڻهو جڻ،
لڳي وشواس کان خالي.

رڳو جذبات ۾ جل ٿل،
ذهن ايياس کان خالي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپر ۾ شام تيون ڳولن.
اکيون آرام تيون ڳولن.

اڳيئي تهمتون ايڏيون،
وري الزام تيون ڳولن.

سيئي چو رهبريون ڏوهي،
سنا انجام تيون ڳولن.

رهون گمنام، تا چاهيون،
چون تا نام تيون ڳولن.

نيون ڪي صورتون ڏينديون،
خوشيون هو خام تيون ڳولن.

نہ ايندين جهل ۾ ڪنهن کان.
دليون جي دام تيون ڳولن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي مجبوريون، ڳٺايان ڇا!؟
سڀ هتي ڇئي ڇڏيان لڪايان ڇا!؟

حادثو تي ويو اندر ۾ آ
تو کي ڏک جو سبب ٻڌايان ڇا!؟

هُو جو ڇرڪيو آ اڪ ملائڻ تي،
تَنهن جِي وِک سان مان وِک ملايان ڇا!؟

پاڻ پکڙيل هون ڪائناتن تي،
هيءَ چادر! مان خود سمايان ڇا!؟

ڪوئي محبوب آ جو جيئون پيا تا،
ورنہ جيون ۾ ڇا؟ گذاريان ڇا!؟

هُو آ قيدي ٻڌيو انائن جو،
سوچو! تنهن کي مان آزمايان ڇا!؟

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسمان اداس ڪنهن تارا ڪٽي ڇڏيا؟
۽ چوطرف ڏرتي تان نظارا ڪٽي ڇڏيا.

آخر تہ محبتن جو ٻيو رڪٽو پرم هيو،
الزام جي لڳا اسان سارا ڪٽي ڇڏيا.

قدرت اسان جي سامهون ئي منزل رکي هئي،
پر وجڻ وارا سيئي چارا ڪٽي ڇڏيا.

جا ناوَ هئي لهرن لتي، منزل تي سا پڳي،
پوئتي رهيا جنين ها ڪنارا ڪٽي ڇڏيا.

جو اوچتو نظر پئي رنگ برف جو ڏنو،
پتو نہ پيو تہ وار ڪنهن ڪارا ڪٽي ڇڏيا!

ڏاڍو هو شور سچ پچ دنيا ۾ چوڌسا،
جاتي ڏناسين نينهن جا نعرا ڪٽي ڇڏيا!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدين کان اسان جون هي ترسيون اکيون.
اڪيليون اڪيليون هي برسيون اکيون.

گهٽئي راز فطرت جا کولي ٻڌائن،
ڪڏهن تي پون تيون هي سرتيون اکيون.

اوهان جيئن ڪنئيا پيار ڏي پيرڙا،
تہ ٻڄي پيون پنهنجون ڏرتيون اکيون.

جڏهن تيون لنگهن هيءُ شباب منجهان،
تڏهن ڪن تيون توريون هي غلطيون اکيون.

اوهان کي ڏسي منهن جو موڙي چڏيو،
ڪو عرصو اسان کان نہ پرتيون اکيون.

ڪڏهن هٺاسين سامهون ڪڏهن تياسين گم ٿئي،
اسان بس اوهان جون ٿئي پرکيون اکيون.

جو ڏسبو، سو لکبو، اسان جون تہ آهن،
اڏاريون تہ ناهن هي ورتيون اکيون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن ڪان وسري ويا آهيون.
شايد ڪٿ پلجي ويا آهيون.

چاهيونسين سڀ لئہ چاندوڪيون،
اوندهہ سان اٽڪي ويا آهيون.

منزل جو بہ پتو ڪونهي ڪو،
گهر ڪان ٻي نڪري ويا آهيون.

دردن ڪي مرڪن ۾ ويڙهي،
ڪيئن جيئجي، سمجهي ويا آهيون.

درد ڪئي آبياري دل تي،
ڏس ڪيڏو اُسري ويا آهيون!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن انت لڌو اسرارن جو.
ڏس گهرجي تن انسانن جو.

تي ڍال وڙهيا طوفانن سان،
ڪو ڄاڻي درد ڪنارن جو.

جن پڳڙن مُٺ تي پونء وڪي،
ڇا ٿيندو تن ڪردارن جو؟

جن خواب ڏٺا خوشبو خوشبو،
آ پنڌ مليو تن خارن جو.

ٿا جي ٻه ملائن ماڳن سان،
ٿو ڇاهه رهي تن چارن جو.

پنتي جنهن پير ڪنئيو تنهن ڏي،
آ رهٽو قرض ميارن جو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين تو سان نہ رابطا رهندا.
ڪيئن دل تي پو ضابطا رهندا؟

موسمون ايندين ۽ پيون ونديون،
آس رهندي ۽ آسرا رهندا.

ڪا نہ وئي آ مري مسيحائي،
ڏيندا دردن کي ڪي دوا رهندا.

ايندا چهرا تہ ڪئي اکين آڏو،
عڪس ڪنهن ڪنهن جا پر چِٽا رهندا.

وجي سياڻي تي پل سڄي دنيا،
چنڊ چاهڻ لئہ ڪي چريا رهندا.

ڇڏيو، هڪبئي کي ڏاڍو چاهن ٿا،
وڙهي ڪيسين جدا جدا رهندا.

کهڙو چهرو سو، جنهن مٿان پل پل،
وار ڪلندا ۽ ٿي گهٽا رهندا.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي سهڻين جا طلبگار گهڻا.
ڏسو پر تن ۾ هن ميهار گهڻا؟

دل جون ڳالهيون ئي ڪونہ تا سمجهن،
باقي آهن هو سمجهدار گهڻا.

تير تاڻيا تہ تو گهڻئي هوندا،
ٿيا پر دل جي آر پار گهڻا؟

هُو، جي سڀ لئہ قرار پيا ڳولن،
خود چو ڏسجن پيا بي قرار گهڻا؟

اڪيون آهن ڪليل سين جون پر
ذهن ڏسجان تہ هن بيدار گهڻا؟

دعا بس هڪ، خدا ڪان، گڏجي پئون،
ميون آهيون تہ گنهگار گهڻا!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄو ڳڌجو تہ سيئي پيار ڪيون.
دل ۾ دردن کي ڏار ڏار ڪيون.

جو بہ چاهت جو گس جهلي بيهي،
انهيءَ ڏونگر کي ڏار ڏار ڪيون.

گهاءُ لڳندس تہ موت ڪائيندي،
پنڌ پيڙا جا خاردار ڪيون.

ڏوهہ ڀي ڪجهہ ڳڌيون ٿوابن ۾،
ٿورو جيون کي جاندار ڪيون!

جتي محبت ملي محبت سان،
اتي قائم ڪي يادگار ڪيون.

اڌيون بستي ڪا سُک سندي ساٿي،
پيار کي تنهن جو پهريدار ڪيون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرس دل جو درد ٿو ٿيندو وڃي.
ڪيڏو تنها فرد ٿو ٿيندو وڃي.

ذات جي ڏيئڙن کي ٻاريو ھي انڌيرو،
ڪيترو چوگرد ٿو ٿيندو وڃي.

ڪيس جي چاھن تا، تن کي رولي ھو،
دنيا جو ھمدرد ٿو ٿيندو وڃي.

دل جي درخت جي ڪري آبياري ڪو،
پتو پتو زرد ٿو ٿيندو وڃي.

چاھہ چٽنگن کي ھوا ڏئي، موٽ ۾،
پاڻ ڪيڏو سرد ٿو ٿيندو وڃي.

پيار، پيار، پيار ۽ بس پيار ئي،
اھلِ دل جو وِرد ٿو ٿيندو وڃي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا لئہ ھر ھر اھو تئي خواب آيو!؟
سوچي جنھن تي تي اک ۾ آب آيو!؟

وري وسڪار تي وئي وسندين تي،
پياس حصي وري سراب آيو.

آيو ميڙي لڳل پتر سارا،
پلجي منھنجو ڏنل گلاب آيو!

سو بہ جيون ڪتاب ڪھڙو ٿيو؟
پيار وارو نہ جنھن ۾ باب آيو.

وري ظالم جي جيت منصف ڏس!
وري دردن تي ڏس عتاب آيو!

ٻولي گيتن جي نيٺ سمجھي ويو،
ھو جو رڳ رڳ ڪري رباب آيو.

پيار ھر ڀيري نئون لڳو مونکي،
نئون ھر ڀيري تئي حجاب آيو.

✻

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي نيڻن ۾ اڄ رڳو پاڻي!
ڏسبا منظر جڏهن سُڪو پاڻي!

پئي ڪليا مهل موڪلائڻ جي،
پر ٻنهي جي اکين ۾ هَو پاڻي.

ڪيت هُن جو اُجارو رهجي ويو،
مند چڙهندي ئي، هَو پڳو پاڻي.

هي چو، جهٽ ۾ اپيون ڪهاڙيون تيون،
ڪنهن وري ڪنهن جو آ پڳو پاڻي!؟

اڄ چؤنري ۾ ساڳي، ترياڻيءَ،
عمر پر هو ڪنو ڪيو پاڻي!

هينئنءَ يي ڏرتيءَ ڏٺي گذارن پيا،
آ رُڪي ماني، گڏ چُڪو پاڻي!

جي وري تئي ڪروڙي دريا هِي
لوڙهي جهُريل جو ئي، جهڳو پاڻي!

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيو ڪنهن جو پيِ تہ گذر ڪونهي.
ڇو دل ۾ آخر در ڪونهي.

مون هر صورت جو درد ڏٺو،
ڪو رهجي ويو گوندر ڪونهي.

اک پوريل، سوچ سفر ۾ آ،
ٻيو پيرن کي بہ صبر ڪونهي.

ڪو هُن جي دربدري سوچي،
هڪ گهايل دل، ٻيو گهر ڪونهي.

ڪو چاندوڪين سان حال ڪيان،
پر گهر کي ڪو بہ پڌر ڪونهي!

آ خواب ڪنيڻ جي ڪوشش پر،
خوابن تي ڪو بہ اثر ڪونهي!

ڪو چاهڻ آهہ لڳو ڪنهن کي،
تيو برپا ڪو محشر ڪونهي!

هيءَ آڳ عشق جي آ، آخر،
پگهلي ويندو، پٿر ڪونهي!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چا تہ تون آن حسين“ چيو آهي!
چنڊ کي وهم جو تيو آهي؟

جسم تنهن جي تي شاعري ٿئي ٿي
روح تنهن جو ڇو اڻ ڇهيو آهي؟

مون جو هر زخم جو اپياس لکيو،
بڻجي ڪوتا ڪتاب پيو آهي.

مون تہ پيڙا ڪان جڻ پڙهيو پئي آ
هر سبق سورڪان سکيو آهي!

جي نہ ٿي تُنهن جي دل، ٻُڌي تُنهن جو
منهن جو من هي بہ، بي چيو آهي!

ڪا نہ مصلحت، نہ ئي ڪو سمجهوتو،
مُلهہ ان لئہ وڏو پريو آهي!

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوڙ اُلڪا، ڪئي گمان چڙيا.
هر گھڙيءَ پنھنجا ھا نشان چڙيا.

ڪئي دفعا ھو حدن کي اورانگھيو،
ڪئي دفعا ھا زمان، مڪان چڙيا!

اوچتو ھينئنءَ ڏسي سڄڻ سامھون
سوچ ٽِپي بدحواس، ڏيان چڙيا!

ٻُک ماٽھو کي ڪاٽي پھچايو،
کنھن چڙي پونءَ کنھن پڳوان چڙيا.

ھڪڙو ماضيءَ جو ياد منظر پيو،
وقت يادن جا کولي تان چڙيا.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٿي سات ۽ سنگ نہ هوندو.
دوريءَ جو ڪو ڏنگ نہ هوندو.

ناحق سان بينل هوندا ڪئي،
اڻڪيو هڪڙو انگ نہ هوندو.

ويڙهہ نہ هوندي، وات نہ هوندي،
هي پيرن ۾ ونگ نہ هوندو.

ڏوکا، دشمن، ڏنگ نہ هوندا،
ڇُرندو چاهت چنگ نہ هوندو.

ڏانهن پڙاڏا تي ويندي ڪا،
ٿڪن جو آهنگ نہ هوندو.

پٿر هوندا، پنڌ نہ هوندو،
جيون جهاڪا جهنگ نہ هوندو!

ڇڙوڇڙ هجوم نہ هوندا،
رِهبريءَ جو رنگ نہ هوندو.

وهم، عقل جي ويڙهہ نہ هوندي،
ذهنن تي هي زنگ نہ هوندو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظرن جو سفر اڪيون مُرڪن!
ساڻ مون سان، سيئي سڪيون مُرڪن!

درد جي پَل ڪي چئہ پري بيهي،
روز ڪاتي تيون هيءُ دليون مُرڪن!

تون جي سُڏڪين تہ هيءَ حيات رُني،
جي تو مرڪين تہ زندگيون مُرڪن!

لڪيو، بيهر لڪيو، لڪي ڊاتو،
مونکي ڏسندي تيون ڊائريون مُرڪن.

ماڻهو مايا پنيان زماني جا،
هيءُ ڏسي پنهنجون سادگيون مرڪن.

وصل جي واٽ تي مَتو ميلو،
رقص ۾ روح، دل لڳيون مُرڪن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستارن ۾ تو اٽڪي پئي.
نظارن ۾ تو اٽڪي پئي.

هلي جي، ماڳ تي پهچي،
سهارن ۾ تو اٽڪي پئي.

سڏائي انقلابي پر،
سُڌارن ۾ تو اٽڪي پئي.

وري هو ناوَ لاهي ۽،
ڪنارن ۾ تو اٽڪي پئي.

رُڃُن مان اڄ ڪا لهندي!؟
سرابن ۾ تو اٽڪي پئي.

يلا ڪيئن ماڳ ماڻيندو،
قرارن ۾ تو اٽڪي پئي.

ڪرڻ دل جو سفر چاهي،
نِهارن ۾ تو اٽڪي پئي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتن جي بندگي ڪندو ناهي.
زبان هو زندگي ڪندو ناهي.

ڇو رڳو ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا؟
درد ڇو خودڪشي ڪندو ناهي؟

آهي هر هر هُو آرسي اُگهندو،
پنهنجي صورت ڇِٽي ڪندو ناهي.

خود حقيقت پسند نہ تو بڻجي،
وقت سچ پچ ننگي ڪندو ناهي.

پاڻ پڙهجو اکين جون تحريرون،
ڪير سڀ ڪجهہ سچي، ڪندو ناهي!

”پريت“ پاڻهي آ پيار تي ويندو،
ڪير ڪنهن کان پڇي ڪندو ناهي!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح جي رڻ ٻڏي نہ تو ڪوئي.
پيار مان ڏس سڏي نہ تو ڪوئي.

هر ڪو مونکي ئي ڏوهي چئي ويو آ،
ڪيس ظالم سڏي نہ تو ڪوئي.

ٽورڙو خوش ڏسي مُڙي هيڏانهن،
دَرد ڪي ڏس! جهلي نہ تو ڪوئي!؟

زندگي تلخ آ حقيقت آ،
پر حقيقت مڃي نہ تو ڪوئي.

ڪوڙ آجيان لئہ بينو هر هنڌ آ،
واٽ سچ جي ڏسي نہ تو ڪوئي.

رنگُ وارن، چڙيو مٿائي آ،
سمجهہ ۾ پر اچي نہ تو ڪوئي.

”پريت“ چا ٿيو آ هن زماني کي؟
تا چِنن سيِ، ٻُڌي نہ تو ڪوئي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو يلي چئي سراب پوکي ڇڏ.
تون وڏي ڪجهه گلاب پوکي ڇڏ.

سوچ زرخيز تو اگر چاهين،
سوچ ۾ ڪجهه ڪتاب پوکي ڇڏ.

ڏس تہ دردن کي ڪيئن سجائي ٿي،
اڄ مٽيءَ ۾ ڪي آب پوکي ڇڏ.

پيار موتي نہ وڃي، اکڙين ۾،
ايئن نہ ايڏا حجاب پوکي ڇڏ.

ڪير چاهت کي ڏوهہ تو ڪوٺي؟
چاهتون ڪر، ثواب پوکي ڇڏ!

سوال نفرت پريا، انهن جا پي،
پيار سان سڀ جواب پوکي ڇڏ!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊهي پيهر ٺهي ويا آهيون!
درد ڪيڏو سهي ويا آهيون!

وڏين اوچائين تي پهتاسين،
تنهنجي دل تان لهي ويا آهيون!

وڙهون ساهيءَ بنا، نه چئي ڪوئي
حالتن سان ٺهي ويا آهيون!

مجون، آ وهه ڳڙي حياتي، پر
جيئڻ لئه ڏس! ڳهي ويا آهيون!

ايئن لڳي زندگيءَ جي نيڻن مان،
لڙڪ بڻجي وهي ويا آهيون!

”پريت“ دنيا ڪٿي رهڻ جهڙي؟
پوءِ به ان ۾ رهي ويا آهيون!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ۾ ناهه يي ضروري آ!
تورو اُتساهه يي ضروري آ!

ڳالهه سپنن جي تو ڪري تن لئه
آرام گاهه يي ضروري آ!

سونهن ايئن خود ۾ نامڪمل آ
سونهن ۾ ساهُ يي ضروري آ!

ماني، ڪپڙو، اجهو يي بيشڪ پر،
دل لڳي، چاهه يي ضروري آ!

ايڏي اڻ تڻ آ چو يلا سائين
ڪجهه تہ ويساهه يي ضروري آ!

هو آ پتر جو، چئوس ماڻهو لاءِ
جذبو، دل، ماهُ يي ضروري آ!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد هر انسان کي ڏاهي ڇڏي ٿو.
حوصلو ٻيهر وري ناهي ڇڏي ٿو.

هڪڙو لمحو پيار جو سچ پچ پرين،
ٽڪ حياتيءَ جو سڄو لاهي ڇڏي ٿو.

جيڪڏهن پل کو پريشان ٿو ڪري،
ٻيو لمحو ايندي ئي اتساهي ڇڏي ٿو.

زندگي آ روئڻو ڀي ڳائڻو ڀي،
آ ڇريو! پل ۾ ئي دل لاهي ڇڏي ٿو.

سو، ڀلا جيون ۾ ڪيئن ناڪام ٿيندو،
جو بہ ڪنهن کي هڪ دفعو چاهي ڇڏي ٿو!

وقت نازڪ گل جيان هر ڪنهن وهيءَ کي،
گردش ۾ پنهنجي جڻ ڳاهي ڇڏي ٿو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي نيت وچ ۾ حجاب ڪهڙو!؟
اسان پو ماڻيو شباب ڪهڙو!؟

اسان ڪيون جو، گناهه سڄي
ڏسي مگر ڪو، ثواب ڪهڙو!؟

ادا ادا ۾ حسن آ هوندو
ادا ڍڪي جو، نقاب ڪهڙو!؟

پڇن، محبت اوهان ڪئي آ؟
ڏيون انهن کي جواب ڪهڙو!؟

قلم سان جيڪر جڙي تعلق،
آ ڏوهه ان ۾ جناب ڪهڙو!؟

تو ماڻهو سڄي چڱو ئي هوندو
آ ماڻهو تيندو خراب ڪهڙو!؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا وائکا ڪٽ پٽر سوچ جا،
ڪٽي ٿا رهن چو ڏڪر سوچ جا؟

اوهان ڪان نہ پيرن جا پنڌ هي جهليا،
اوهان ڪان ٿيا رکيا سفر سوچ جا!

ڀلا چو ٿا ڏسجن پريشان هو؟
جڏهن پي ٿا نڪرن ڏڪر سوچ جا.

نہ گهُٽ ٿئي نہ سورج ٿي ساڙي ڪڏهن،
سدائين ڏڪن ٿا ڪڪر سوچ جا.

ڏنو ريج خيالن سڄي پونءِ ڪي،
ڳڻين ٿا تو مورک نگر سوچ جا.

سدا ٻاندي سوچون، سڀئي سوچيون،
تہ ڪيئن نيٺ ٽُٽندا سنگهر سوچ جا.

هي سوچي، پو سوچن ڪي جهلجهو پرين!
اسان جا اٿئي ذهن گهر سوچ جا!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شناسايون ڏنگينديون هَن.
ڪي تنهايون ڏنگينديون هَن.

پڄڻ جي ماڳ تي چاهن،
تنين ساهيون ڏنگينديون هَن.

هليا پيارا آهن ويندا،
پنيان جايون ڏنگينديون هَن.

محبت جي تي هارائي،
پو رسوايون ڏنگينديون هَن.

جي ڳالهيون خود پلايوسين،
ڪنهن ورجايون ڏنگينديون هَن.

”پريت“ جي آس ڪي چڏبو،
نراسايون ڏنگينديون هَن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوچ ئي لوچ آ قرار ڪٿي؟
عشق جو پنڌ آبشار ڪٿي؟

تنهنجي دل ۾ جو دل ڏري وينس،
هاڻ جيئندس پرين مان ڌار ڪٿي؟

قيد رسمن جي آهيان لوڙهن ۾
عشق مون ۾ مان ٿيو آرپار ڪٿي؟

چنڊ منهنجي اڱڻ هلي ايندو،
مونکي ايندو هي اعتبار ڪٿي؟

عمر ساريءَ مان پل نہ پنهنجو ٿيو،
ڪنهن کي اهڙي ڏجي ميار ڪٿي؟

چاهتون ۽ چتائون ساڻ رکي،
تو ڏني اهڙي ڪائي نار ڪٿي؟

عاشقي روح رڳن مان گذري جي،
پونءِ ٻٽبي پيڙ، بهار ڪٿي؟

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سارا رشتا سجاڻ لڳاسين!
سپنا خواب اکڙين مان ڇاڻ لڳاسين!

جڏهن پي محبت جا انڪاري ٿياسين،
لڳو دل جون ڌڙڪنون وڃائڻ لڳاسين.

مليا جو سين ڪي گلابن جا تحفا،
اسان لڙڪ پنهنجا لڪائڻ لڳاسين.

جڏهن پي پرينءَ تي ڏکيو وقت آيو،
اسان ڇو اندر ۾ وسامڻ لڳاسين؟

جڏهن محفلن ۾ پي تنها رهياسين،
تہ يادن سان محفل مچائڻ لڳاسين.

نہ دعوىٰ ڪا الهام جي، پر پري ڪان،
اهو درد، سچ پچ سڃاڻ لڳاسين.

محبت جو ڪيڏو تو مقدار گهرجي،
پڇو هن تہ، بس مُسڪرائڻ لڳاسين!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ گهائي ڇا ڪنداسين!؟
جي جلائي ڇا ڪنداسين!؟

سُتت ئي هن جو پڇايون
پو پڇائي ڇا ڪنداسين!؟

بي دلين جو ديس آهي
دل لڳائي ڇا ڪنداسين!؟

اڄ تُنهن جا يار سڏجون
پو سڏائي ڇا ڪنداسين!؟

مُلهه تي مٺي ڪپائي
يونءِ لڄائي ڇا ڪنداسين!؟

سمنڊ جيڏو سور سانديو
ها ! ٻڏائي ڇا ڪنداسين!؟

پيو هلي دهمان دڙڪو
گيت ڳائي ڇا ڪنداسين!؟

ويڙهه جون واتون يُلائي،
سُک پائي ڇا ڪنداسين!؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا نہ وس ۾ اسان جي آهي دل
پيار تو سان ڪرڻ تي چاهي دل

نينهن ڇُلندو رهي تو سمنڊن جان
ڪو تہ ديوانو تنهن ۾ لاهي دل

پيار ماڻهوءَ کي پيو گهڙي ناهي
تو وڏي ڪنهن کي، ڪنهن جي ڳاهي دل

تو سان دل تي وئي اسان جي آ
۽ چيو تو، ”ٻڌاءِ ڇا هي دل“؟

هو جو پٽ ڏئي آ پيار کي بينو
سمجهو! سيني ۾ تَنهنجي ناهي دل

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترو غم سهي وئي آهي.
سچ ڄاڻ دل لهي وئي آهي.

جنهن مٿان تاج محل هو اڏيو،
سا تہ جيئري ڍهي وئي آهي.

هِير تو کي ڄا آ، ڇُهي آئي،
ساهہ ۾ جڙ لهي وئي آهي.

جنهن گهڙيءَ توکي بي قرار ڪيو،
پهرين مون وٽ رهي وئي آهي.

هوءَ حياتي کي ڪهڙو نانءُ ڏئي،
ڳاهہ آ سا، ڳهَي وئي آهي.

ڪائي وک تي نوڪرون هاڻي،
درد سان دل ٿهي وئي آهي.

ڪيئن جوين آ هن جو گذريو، جڙ
واري مُٺ مان وهي وئي آهي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايترا چو پيا جهان ڳوليو؟
ڪيس پنهنجو ئي پاڻ مان ڳوليو!

هي آ مقتل ڪدي جيان دنيا،
اوهان تنهن ۾ پيا مهربان ڳوليو.

درد گهٽبو تہ ڪجهہ رجهي پوندو،
روح جو ڪوئي رازدان ڳوليو.

هي سيئي اڳ لڳي چڪا آهن،
هاڻ الزام ڪي نوان ڳوليو.

آ رهيو پيو اوهان ۾ صدين ڪان،
اوهان تنهنڪي بہ پيا اجان ڳوليو!

جُز ۾ خود خدا وسي تو پيو،
چو زمينون ۽ آسمان ڳوليو؟

سچ جي راهہ تي هلڻ چاهيو،
۽ پيا رستا سيئي سنوان ڳوليو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون قيد خانن جون راهون نهارن
اسان جون انهن ڏي نگاهون نهارن

ڏسڻ تي جي پئجي وجن بندشون تيون
کلن سوچ ڳڙکيون، اتاهون نهارن

وري پئتي نِيرن ۾ جهنڪار ٻڌجي
وري تن ڏي پنهنجون هي ٻانهون نهارن

سندن آهي هر ڪائي حس جڻ مري وئي
ٻڌي کهڙيون مظلوم دانهون نهارن!

امر سي ئي تاريخ ۾ تا رهن جي
ڪڙيل پير پو پيي پرانهون نهارن!

سدائين چو هيٺن جي ڏرتي تي آخر
تا ڏاڍا ڪرڻ لاءِ ڪاهون، نهارن

آ ماڻهوءَ جو کهڙو نسل ٻولي مذهب
کي ماڻهو انهيءَ کان متانهون نهارن

سدا "پريت" پيرين اگهاڙين پنڌن ۾
کتي پيار تو ڏانهن پناهون نهارن

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن انڪار جي موسم.
ڪڏهن اقرار جي موسم.

نہ تي آ جيت عرصن کان
هلي پئي هار جي موسم.

سدائين قيد خانن ۾،
رهي اظهار جي موسم.

ڇو ٿيندي مختصر آهي؟
وصال يار جي موسم.

ڏسون محبوب جي پر ڪو،
۽ ڪنهن لاءِ دار جي موسم.

سدائين آ پئي وٺندي،
پرينءَ جي پار جي موسم.

اسان ڏي پيار جي، تو وٽ،
رڳو واپار جي موسم.

سڄو ئي سال ڇا هلندي؟
صنم جي سار جي موسم.

۞

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کول ٻانهن کي پيار ڏي مونکي.
اوت جانا! خمار ڏي مونکي.

آءُ تحليل تي وڃان تو ۾،
اڄ ته هيءُ اختيار ڏي مونکي.

جڻ ته ڪا ڄر اندر ۾، پئي پڄران،
آ گهٽا جان، قرار ڏي مونکي.

تون ڀلي هڄ سراپا ٻئي ڪنهن جو،
مان گهران ”دل ديار“ ڏي مونکي.

مان ڪيان عمر ڀر اتي گردش،
پنهنجي من جو مدار ڏي مونکي.

ساهه سان سچ، سچو سنياليندس،
او! پرين پورو پيار ڏي مونکي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتون ڪيتريون پيا مٽجو.
آئينا پر ضمير جا ڏسجو.

هر نئون خواب قيمتون گهرندو،
هر نئون خواب خيال سان ڏسجو.

پيٽ تو خيال ۾ خلل آڻي،
ڪيئن حَل ٿئي هي مسئلو پنهنجو

پيار ڪان وڌ نہ ڪا عبادت آ،
منهن جي هي سنگِ لحد تي لکجو.

ماڻهو، ماڻهوءَ کي ماپي مايا سان،
ڪيئن هلي پيو زمانو هي اڄ جو.

بک ۽ ڏک نہ مسئلو هُن جو،
هو رکي پيو حساب سجدن جو!

جي نہ دشمن، سڄڻ سڄاتوسين
سنڌ سڏبي دڙو پو موهن جو.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرينءَ جي پار مان نڪتل.
لڳو سنسار مان نڪتل!

پڄي ويو روح تائين ، جو
هو جسمن چار مان نڪتل!

ڏئين تنهن کي پيو دڙڪو،
جو آهي دار مان نڪتل!

جيئڻ ئي ڪو نہ تو چاهي،
صنم جي سار مان نڪتل.

سڄو سنسار جيتِندو،
جو آهي هار مان نڪتل.

اجان تائين لڇي تو پيو،
نگاهہِ يار مان نڪتل.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهن دل جا قول ڪڙيا جي چا ٿي پيو!؟
سارا رشتا سرد مليا جي چا ٿي پيو!؟

دل ۾ هر دم نينهن جو نغمو گونجي پيو
وسريا سپ آلاپ ٻيا جي چا ٿي پيو!؟

دل جي جئاني، عمريون ڪو نہ ڪسي سگهنديون
چاندي، چاندي وار ٿيا جي چا ٿي پيو!؟

پيار ۾ هو مدهوش سراپا ڏسجي پيو
پنهنجا پيي ڪجهہ پير ٿڙيا جي چا ٿي پيو!؟

هن جي گهر ڏانهن ويندڙ رستو ياد رهي
گس سمورا ٻيا وسريا جي چا ٿي پيو!؟

روح اڪيلو هن جو آهي صدين کان
هٿ ۾ هٿ هي ڪوڙ مليا جي چا ٿي پيو!؟

سمجهہ، عقل پيي ڪاتي هَن پلجي ويندا
پنهنجا گر ڪجهہ خواب پليا جي چا ٿي پيو!؟

هڪ پل مونکي پانءِ سجايو ٿئي جيون
سارا پل پو پار چٽيا جي چا ٿي پيو!؟

”پريت“ اسان جا گيت گلابي رهڻا هَن
رنگ نہ جيون منجهہ پريا جي چا ٿي پيو!؟

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا امتحان ۾ رهيون محبتون!
اسان کان پڇو ڪيئن ڪيون محبتون!

هوا ۾ ڪو احساس بڻجي گهليون،
اسان ساهه ۾ سپ ڪنيون محبتون!

زمانن ڪي محبت آ ميڙائيو،
زمانن ڪڏهن هيءُ ميڙيون محبتون؟!

ڪڏهن پيار جو جڻ ڏڪر ڏيهه ۾،
ڪڏهن تي نديون هيءُ وهيون محبتون.

ڪنا ڪانڊ ڪارا، ۽ ڪاريون به ڪئي،
مگر ڪو نه ڪُسجي سگهيون محبتون.

بنا نينهن جي ڪجهه ڏسن ڪو نه تا،
اتئي عاشقن جون اکيون محبتون.

اوهان ”خود“ ڪي محبت جي رنگ ۾ رنگيو،
اسان جي اندر ۾ لٿيون محبتون.

نه ڪو مال دولت چنڊيئون پاند تا،
اسان وٽ ڏسو هي رڳيون محبتون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسيئڙا ۽ آرَ چڙِي ڏي.
پاڇولن سان پيار چڙِي ڏي.

ساجن آيو جوين موٽيو
کهڙي هاڻ ميار، چڙِي ڏي!

ٿي وئي تارئون تار محبت
ٿي ويندو اظهار، چڙِي ڏي!

تنهنجي حلقي منجهه فرشتا
۽ مان گنهگار، چڙِي ڏي.

آخر تون ماڻهو ئي آهين
ڪٽندي ڪيڏا بار، چڙِي ڏي.

ايڏو پيار محبت هوندي،
ڪو جي ٿئي تو ڏار، چڙِي ڏي.

مند ملڻ جي محبوبن سان،
ويڙهيا ٿئي چو وار، چڙِي ڏي.

ڦاٿي آهه ڪٿي آزادي،
وجهندي ڪيڏا چار چڙِي ڏي.

پلجي پي نہ چوي ڪو مونکي،
”پريت“ پرينءَ جو پار چڙِي ڏي

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ کان تون پيار گھرين، تو.
بي جا تين نروار، گھرين تو.

ماٺھو ڏاڍو مورک آھين،
توھر کان تڏڪار گھرين تو.

بادل ڪونہ جھبو ايندئي، جو
واريءَ تي وسڪار گھرين تو.

تورو سوچ سھي او! ڳھلا
سنگھر کان سھڪار گھرين تو

تون بہ سھي، چڙ تڪجي پيو آن،
دردن لئہ جو دار گھرين تو

خوش تي ڪينئن گذاري سگھندين.
سک ۾ جو سنسار گھرين تو.

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ پچ سندر رات وئي ٿي.
پيار ڪندي پريات وئي ٿي.

مون به چيو، هو پي سمجهي ويو،
ڪونه چُريا چپ، بات وئي ٿي.

هو ته ويو گهائي پر، پويان
چڻ ته ڍهوٽي ڏات وئي ٿي.

ڪونه اثر دردن ۾ آ، يا
دل نهري ڪا ذات وئي ٿي.

پيار ڪرڻ وارن جي آڏو،
هر سختي سوغات وئي ٿي.

”پريت“ نه پيار پتو خود ڪي، ڪينئن
وائي هر ڪنهن وات وئي ٿي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبا پارا پار تي پيا.
ڏکيا هت گذارا تي پيا.

ڪوڙو چمڪو جن موتين ۾،
هوا لڳڻ تي ڪارا تي پيا.

جنَ تي ڏاڍو مان ڪيوسين،
تن جا قرب ڪسارا تي پيا.

جڏهن به چاهن من کي گهائن،
درد به هن وس وارا تي پيا.

آهه وجي ڪا اپ سان ٽڪري،
زخمي چنڊ ستارا تي پيا.

هن جو نيڻ ڪنئيا، ايئن پانيو،
واريءَ تي وسڪارا تي پيا.

سچ جي شڪتيءَ سان شاعر جي،
گيت چپا، سي چارا تي پيا.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاھتن کي او! پرين مبھم نہ ڪر.
درد ڳھائي تہ گھٽو برھم نہ ڪر.

ڳھاوَ سڏ ڪن تا ريجھائج سانت سان،
چانڊني چنچل نہ ٿي چم چم نہ ڪر.

شوق مان گلڙن جو ايئن انگ چمي،
ايترو جذباتي ٿي شبنم نہ ڪر.

اڪ بچائي، لڙڪ پنبڻين مان اگھي،
چئي ويو آ ”خوش گذارج غم نہ ڪر“.

جڻ وڏي لونءِ لونءِ چڙي آلاپ تو.
لئي ڏئي لفظن کي تون سرگم نہ ڪر.

ڪَئي ڦٽن لئہ گيت تا ٻڌجن پيا،
ڏات ڳھائي ڏيان تون مرھم نہ ڪر.

دل جي دروازي تي ڏس دستڪ ڏئي،
پاڻ پاسي تي ايئن پريتم نہ ڪر!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپ سان اورڻ هاڻ سکيو آ.
ڏک کي ڏورڻ هاڻ سکيو آ.

ڏاڍ آيو ڏمري آ، تنهنجي،
ٻک ۾ ٻولڻ هاڻ سکيو آ.

گوندر گهور وجهي او جيڏا،
سک کي سورڻ هاڻ سکيو آ.

لڇي لڇي تڪجي، جوڀن کي،
تنها ڇوڙڻ هاڻ سکيو آ.

پل کو ٻيي نہ پرولي رهندو
کن کن کولڻ هاڻ سکيو آ.

پهرين رهندڙ ڇڏيو روڪي تي،
ڊيپ ۾ ڊوڙڻ هاڻ سکيو آ.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تند تپي کا سانت ٿُني پئي.
ديپ جلي کو، رات ٿُني پئي.

سار اها جا، پل ۾ سامهون،
ساجن پهچي، تات ٿُني پئي.

سور نه کر سنگسار ايئن جو،
سپنن جو محلات ٿُني پئي.

جذبو جي ادڙيو، توپيو ويو،
پر نه اسان جي ذات ٿُني پئي.

سٽ سٽ ۾ امرت اوتيون جو،
زهر سندي ئي ذات ٿُني پئي.

ڪيڏا ڏات ڏئي ڏي، تنهن ڏينهن،
جنهن ڏينهن تي جذبات ٿُني پئي.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا جي سار اچي ويندي آ.
تي پو رات ڏکي ويندي آ.

پير رکڻ سان واٿ پتو پئي،
سوچن ۾ تہ سڌي ويندي آ.

چارا چائنٺ اوهان جي ڪٽندا،
ساگر ڏانهن ندي ويندي آ.

پيار ڪپي بي انت اسان کي،
سڪ توري تہ ڪپي ويندي آ.

ايئن ڪو چنڊ چتائي ڪاتي،
صورت ڪا تہ وڏي ويندي آ.

جيون پيو جرڪي ڪوتا ۾،
مٽي ماسَ، وڏي ويندي آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندي هري ويا آهيون خيالن جي ميڙ ۾.
گهبرائجي وڃون تا ماڻهن جي ميڙ ۾.

هُن پيار هو ڪيو بس، دنيا ۾ ايئن لڳو،
پاڳل اچي ويو ڪو ٻارن جي ميڙ ۾.

چرڪي پئي هي ڪيڏو آئيني جي هوءَ اڳيان،
گوري تي اک پئي جو، ڪارن جي ميڙ ۾.

حيلا گهڻئي هلائي آخر ۾ پياسين تڪجي،
ساپيان ڪنيو نہ گهونگهٽ، خوابن جي ميڙ ۾.

پئي جو نظر پرينءَ تي محفل ۾، ايئن لڳو،
چنڊ هو ڪو چڻ وهيءَ سان تارن جي ميڙ ۾.

پر مان تہ ويو هو گذري چپ چاپ پر پنيان،
تيلي آ چڻ ڏئي ويو ڪانن جي ميڙ ۾.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جي ذرتي اجڙي ويئي.
جڻ هر بستي اجڙي ويئي.

مرڪ املھ هئي جيسين، مهڪي،
تي جو سستي اجڙي ويئي.

ماڻيل پيار ورهايل نڪتو،
من جي مستي اجڙي ويئي.

جيئن ڀانيا رهبر ويڳاڻا،
ساري شڪتي اجڙي ويئي.

مايا ڏانهن مڙيو، جيون جِي،
سڀ سرمستي اجڙي ويئي.

صديون "پريت" سفر ۾ هئي ڪا،
پيار نہ پهتي، اجڙي ويئي.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن ڪون چئون تا سهارا ڪپن تا.
رڳو ڳڻ هلڻ لئہ ڪي پيارا ڪپن تا!

نہ مليو آ سولو ڪڏهن پيار، ان لئہ،
سوين ڳوندرن سان ڳذارا ڪپن تا.

سندو وقت جو سمنڊ جهاڳي پيو تڪجي،
هاڻي تات ترهي ڪنارا ڪپن تا.

سڪي نوٽ تي وئي آهي دل جي ڌرتي،
هاڻي نينهن نديءَ ۾ ڪي گهارا ڪپن تا.

نہ ئي موت ۾ موهہ منٿن سان ملندو،
نہ ئي پيار ڪنهن کي اڌارا ڪپن تا.

اسان توڙ تائين گهريا سات ڪاتي،
پلن لئہ سهي پر سگهارا ڪپن تا!

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو پيارو ماڻھو جيون ۾ مان گذريو ھو.
سياھ ڪڪر ڪو بنا وسئي ڇڻ ٽر مان گذريو ھو.

علم سمورا پاڻيءَ جيان ڇڻ پئي پيتائين پر،
پاڻ ٻُلي ويو جنھن پل عشق اکر مان گذريو ھو.

سپنو ھو يا ھئي ساپيان ڪجھ ياد نہ پورو آ،
هڪڙو پاڇو ھو جو دل جي در مان گذريو ھو.

جھٽ ۾ ڪيئن لھي ھو من جي پاتالن ۾ ويو،
ڳالھ ڪلھوڪي آھ، اڃان تہ نظر مان گذريو ھو.

ھو تہ ڏنگو ڏونگر جيان ھو ڪيئن ميڻ ھو ٻڻجي ويو،
ڪونہ پتو پيو ڪنھن پل پيار پٿر مان گذريو ھو.

ھير ڪٽي آئي خوشبو ڪجھ ڄاتل ڄاتل آ،
شايد اڄ ھو منھنجي ھن ئي شھر مان گذريو ھو.

جيون ۾ "ھو" خواب ٻلا ھي ڪيئن ٻُلي سگھندو،
ھٿ ۾ ڪنھن جو ھٿ ھو، نينھن نگر مان گذريو ھو.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ ڇلي ساحل سان اوري.
پير پٿون پايل سان اوري.

ڪيڏا درد سمائي نڪتو،
وهندڙ ڳوڙهو ڳل سان اوري.

شاعر ساري رات سَنو جوّ،
هاڻ پيو محفل سان اوري.

جوڀن ۾ جئانيءَ جون ڳالهيون،
پيلو پن پوسَل سان اوري.

تنها ”پريت“ جيئي ٿي پوءِ ڀي،
گذري ٿو، تنهن پل سان اوري.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن من ۾ ڪا تان وڏي آ.
اڪڙين ۾ آلاڻ وڏي آ.

سچ پچ مون تہ نہ هي چاهيو هو،
سڪ جي ڏاندي پان وڏي آ

ٽارچر سيل جيان، جوين ۾،
جذبن جي رَت ڇاڻ وڏي آ.

ڪنهن جا گهاوَ وري ٿيا تازا،
چوڏس جو سرهاڻ وڏي آ.

زخمي پير ٿيا جهاڳيندي،
موت ۾ ها! ڪجهہ ڇاڻ وڏي آ.

”پريت“ آ ڳالهہ ڪئي گهري جو،
محفل ۾ مانڌاڻ وڏي آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڪجھ سندر خواب اکين ۾،
باقي سارا آب اکين ۾.

چقمق وانگي چاهت آڏو،
رهندا ڪيئن حجاب اکين ۾.

اک اک جي پنهنجي ڏسٽي آ،
ڳڏ ڳڏ سمنڊ، سراب اکين ۾.

ڳولين پيو کهڙي ڪاغذ تي،
سارا نينهن نصاب اکين ۾.

ڪيئن ساريون سَتُ، نينهن ڪٽن جو،
ڪجھ تہ گھٽايو تاب اکين ۾.

عمر! وهامي وچ تہ پلي وچ،
ساندِيا ڪوڙ شباب اکين ۾.

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چمڪي چمڪي تو من گھائي.
چنڊ کي چئو ڪا چولي پائي.

سرت ۽ سوچ ڪسي جا، سرتي!
”ڪا“ نہ منڊي اهڙي ڪا پائي.

پاڻ سان ويڙهہ وڙهي پو جهولي،
ڪو آڏو ڪنهن جي ڦهلائي.

ماٺي سوپ اهو ڪِوتا ۾،
جو ساڙهيءَ ۾ سمنڊ سمائي.

ماڳ ماٺا وڏندا ويا، مرهم،
ڪير پٽن تي زور لڳائي.

چئو ”هُن“ ٻئي جو عڪس چٽڻ لئہ،
مون اڪ پتليون ڪين وڃائي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن جي نيڻ نهار او! سپرين
جڻ تہ وهيءَ تي وار او! سپرين

ڪا ڪا جيت بہ جڻ ڪُڪُندي آ،
ڪا ڪا سندر هار او! سپرين.

ڪونہ گهڙيون گهرجون آهن، بس،
ڪجهہ ٻانهن جا هار او! سپرين.

اٽڪيون جو ارڏن سان اکڙيون،
کهڙا هاڻ قرار او! سپرين.

روح جون راهون روشن ٿينديون،
ملندا جي چپ چار او! سپرين.

هاڻ اوهان جي آهہ هٿن ۾
مون مَنَ جي تہ مهار او! سپرين.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورج ڏانهن چتايو ڇو تا؟
هرجائن کي چاهيو ڇو تا؟

پاڻ بڻائي ست رنگ پوپٽ،
شاعر کي الجهايو ڇو تا؟

لفظن مان هتيار ڪو ٺهندو!
گيتن کان گهبرايو ڇو تا؟

جن کان تنهنجي وات وئي وسري،
تن لئي نيڻ وڇايو ڇو تا؟

مس مس نيڻ ڪنيا سَتُ ساري،
ڌاڻ اوهان شرمايو ڇو تا؟

پنهنجو ٽيڙو ناهه "هو"، هر هر
ڳالهه اِها ورجايو ڇو تا؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر پاسي لڙڪن جون ڳالهيون.
ڪجهه تہ ڪيو ٺهڪن جون ڳالهيون.

هاڻ سهڻ ڪان زور ويون ٿي،
زنگ لڳل ذهنن جون ڳالهيون.

تنهنجي لئہ ڪوتائون، پر هن
باغي ڪجهه جذبن جون ڳالهيون.

سايبان ڪانہ سَنيِ ڪنهن ڪان ٿئي،
پڇو وري سپنن جون ڳالهيون.

اڪثر اڪ پرجي ايندي آ،
سارينديِ جوين جون ڳالهيون.

”پريت“ پلا نهنديون آهن، چئہ
پيار ۾ ڪي پردن جون ڳالهيون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تيون شعرن ۾ جدتون گهرجن.
ڏاڍيون سوچن ۾ شدتون گهرجن.

نيڻ مس تا سُکن، وري آلا،
اجان مرڪڻ لئہ مدتون گهرجن.

آس ميجتا جيءَ تا رکن، سچ پچ،
ڪونہ شاعر کي شهرتون گهرجن.

پاڻ ئي ايندا، حجائتا آهن،
ڪين دردن کي دعوتون گهرجن.

گهاوَ گهرا بہ تا وجن پرجي،
توررڙيون بس محبتون گهرجن.

”پريت“ سچ پچ ٻڏاءِ چا توکي،
رڳو ڪاغذ سان قربتون گهرجن؟!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجون وٽندڙ گلاب جي خوشبو!
ڳالهہ پر ٻي شباب جي خوشبو!

ڪونہ ڇاتئہ تہ آ پڳي ڪا تي،
ڇري! تنهنجي حجاب جي خوشبو.

پيار ڪي ڏوهہ سڀ ڇون، مون ڪي،
آئي ان مان ثواب جي خوشبو.

زندگي جڻ ڪتاب آ ڪوئي،
پنهنجي هر ڪنهن آ باب جي خوشبو.

ڇهرو پيارا اڃان لڪل پويان،
واسيو جنهن، آ نقاب جي خوشبو.

”پريت“ بس توررڙو ڪيو هيڏي،
ڏسون ڪينئن آ شراب جي خوشبو!

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪنڌ لئہ ڪاتي ٻڻجون.
چو اهڙا جذباتي ٻڻجون؟

اتي ڪري هو سور سواڳت،
اچو سيئي سا ڇاتي ٻڻجون.

چو سڌجون پوياڙيءَ پاڇا،
پل ڪوئي پرپاتي ٻڻجون.

دل ڌڙڪي پئي، مرڪ نچي پئي،
آ تہ خوشي اٽڄاتي ٻڻجون.

لونءُ لونءُ ڌرتيءَ جي آڳمجي،
موسم سا برساتي ٻڻجون.

وجي تات ۾ چنيجڻ وسري،
اک اهڙي ڪا آتي ٻڻجون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي خلوت ۾ خواب ڏيندو آ.
ڪو ڪو چهرو عذاب ڏيندو آ.

جڏهن ملندو آ، ڳالهه وچڙڻ جي،
سمنڊ آڇي سراب ڏيندو آ.

جتي پلبو آ پيار، هو ظالم،
انهن اکڙين کي آب ڏيندو آ.

ڪيڏي چڪ چهاءُ ۾ سندءِ چئجي،
چڏي مُکُ هيءُ حجاب ڏيندو آ.

روز سوچيون ”هو“ لاهجي دل تان،
روز جيءُ هي جواب ڏيندو آ.

بنا مطلب جي دوستو پانئيان!
قرب بس هيءُ ڪتاب ڏيندو آ!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا چئجي سندر چھرو ھو.
شام جو ڪو منظر، چھرو ھو.

ٻاھر جڻ تہ سنڌوءَ جان پيارو،
سمنڊ جيان اندر چھرو ھو.

پل ۾ نقش ويو تي دل تي،
سچ پچ ڪو ڪافر چھرو ھو.

پوئڻر ٻٽيون ساعت ۾ سوچون،
گل جان ھو معطر چھرو ھو.

پاڻ تہ جڻ ھئاسين ساحل تي،
سڪ جو ھو ساگر چھرو ھو.

رم جھم جڻ ساونڻ جي، ڳالھيون،
اڄ ۾ جڻ تہ ڪڪر چھرو ھو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتي تا چئون پنهنجو نالو تئي.
اسان جي ذڪن جو ازالو تئي.

وجي پل جلي آخري رت ڦڙو،
آ مقصد تہ جڳ ۾ اُجالو تئي.

ويو تي جو تمنار تڙپي چپن لئہ،
ڪتي تو اسان جو سو پيالو تئي.

ملون جي پرينءَ سان، متان سوچ ساتي،
تو اپ يي اگر جي جُهڙالو تئي.

رهيو سات جن جو قلم ڪاغذن سان،
ڪنئيو ڪين تن ڪان تو پالو تئي.

وهن نيڻ سي ڪنهن نديون نير واريون،
چاهي "پريت" ڳل تو جي آلو تئي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ بڻيا چڻ ڪورا پنهنجا.
خواب جلن پيا پورا پنهنجا.

تنها ڪينئن چوين تو مون کي
شاعر دوست سمورا پنهنجا.

وقت وڪون ڪيڏيون پيو تڪڙيون،
رهندا نينهن نڪورا پنهنجا.

جيون سارو هون جاڳيا ته به
ڪونه ڇپر ٿيا ڳورا پنهنجا.

خوش ٿي ڪينئن گذاريون، ناهن،
دل جا ڪاغذ ڪورا پنهنجا.

”پريت“ يلا هت ڪيسيتائين،
رهندا خواب اڌورا پنهنجا.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون جو چا حاصل آهي.
هرڪو ماڻهو گهايل آهي.

پيار جي ڪشتي ترندي جيڏانهن،
درد ئي تنهنجو ساحل آهي.

سهڻو ڪئن نہ لڳي هو سپ ڪان،
نيڻ اسان جو چاهيل آهي.

مند ملڻ جي آئي، هلي آ،
نيڻ پريو هُن ڪاجل آهي.

سمنڊ سڄي جي آڇ ڪيو ڪا،
ڏاڍو عشق اجايل آهي.

ڊوڙي پئي پاڇن جي پويان،
”پريت“ چون تا پاڳل آهي.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي اکين ۾ اداسيون پرين!
ڇڏيوسين پڙهي، تو نہ باسيون پرين!

اوهان جاڳ اوتي ڇڏي اينئن اکين ۾
جو وسري ويو ننڊ راتيون پرين.

نهڻ کان ڌهڻ جي کهاٽي لکڻ لئہ،
کپي وينديون پنهنجون تہ ذاتيون پرين.

پنهنجا سينا دردن کي آڇن پيا، کي
اڃا تا رکن اهڙيون ڇاتيون پرين.

اها چاهتن لئہ عمر توري ڏسجي،
انهيءَ لاءِ گهرجن حياتون پرين.

لاهي ليکا چوکا سيئي پنهنجا آخر،
ڏئي "پريت" کي ڇڏجو پاڇيون پرين.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏا پيا تا چمڪن ستارا گگن ۾
چڪن چاڪ ايڏا اسان جي بدن ۾

وڇوڙي جو ورجاءُ ٻڌندين پلا ڇا
ڪتي قربتون هن اسان جي قصن ۾

نہ ئي انت پنهنجو اسان ڪي ڏيو تا،
نہ تا پاڻ رگجو اسان جي رنگن ۾.

ڇڏيا سمنڊ اوتي رَهي تشنگي تہ بہ،
پنيل پياس آ ڪا اسان جي ڇپن ۾.

ڇڏيو ايڏي آواز ۾ مَڌُ پري جو،
اجان سحر طاري اجان هون نشن ۾.

هجي ڏور ڪيڏي بہ منزل نہ ٿڪجون
اگر واٽ ساري هجي هٿ هٿن ۾.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون جي رچنائون آهن.
محبت جون معنائون آهن.

پنڌ ڪري جي پار پون ٿا،
گهرندا ڪونہ دعائون آهن.

تون نہ ڇُهين جيسين، هي منهنجيون،
ڪنواريون سڀ ڪوتائون اهن.

پيار ڏياٽي رکئون تہ ڪاٽي،
ڏاڍيون تيز هوائون آهن.

ڏات ڏنيي هر رات اسان کي،
ڪيڏيون سرس سزائون آهن.

جڏهن هليا وياسين تہ ٻڌوسين،
پويان "پريت" پڇائون آهن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چھرا کوڙ چتائن جھڙا.
ڪي ڪي چھرا چاھڻ جھڙا.

پيا پچون پڇرون ڪاتي ھن،
ماڻھو راز ٻڌائڻ جھڙا!

ڪين پڇو، ناھن ھوندا ڪي
پيارا خواب ٻڌائڻ جھڙا!

جن جي دل اٽڪي، رھندا ھن
ڪاتي پو سمجھائڻ جھڙا.

ڪيئن آھن ڳالھائي ويندا،
ماڻھو لفظ ڏڪائڻ جھڙا.

”پريت“ آ لڪندي ھرڪا شي پر،
پيار ئي ڪين لڪائڻ جھڙا!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل نہ هاريو ڪوڙ آهن زندگيون باقي بچيل.
ٻات ڪي لوڏڻ لئہ آهن روشنيون باقي بچيل.

ايئن نہ چئو سنسار مان جڻ وئي اڏامي هرخوشي،
جي حصي منهنجي ۾ آيون هن خوشيون باقي بچيل.

جنهن ۾ تي چهرو ڏٺئي سو آئينو ٽوڙي ڇڏيئي
پر اجان آهن اندر جون آرسيون باقي بچيل.

ايئن لڳو جڻ ماس ڪوري آ ڪوئي لاهي ويو
ڏاڍ جي ماريل ۾ آهن ڪجهہ هڏيون باقي بچيل.

ڇو ڀلا هت چيز ڪائي روح ريجهائي نہ ٿي،
ڏڍ ڏئي وئي ڳالهہ هِن تنهنجون چميون باقي بچيل.

سنگهرون پيرن وجهي سمجهين تہ سڀ ڪڙجي ويون،
پر اجان هِن "پريت" پاريون نينگريون باقي بچيل.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آس هُن جيءَ ۾ تيون اکيون جاڳن.
رات ساري نہ هن سُتيون، جاڳن.

ڪال ڪوتا جو ڪينئن پلا تيندو،
ڏات ڏيئڙن ۾ تيون وتيون جاڳن.

پيار پنهنجو هي پار پئي جيسين،
شال وچ ۾ نہ ڪي وتيون جاڳن.

پل تہ جيون سڄو اکيون ٻوٽي،
توسان گذريون جي ڪجهہ گهڙيون جاڳن.

ڪو نہ جهلجن تيون خواهشون، جنهن پل،
اچي رڳ رڳ ۾ تيون چتيون جاڳن.

راند اکرن سان پيا سيئي ڪيڏن،
ستون لکجن اُهي، صديون جاڳن.

※

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟
سوچن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟

اک ٻوٽڻ کان پوءِ اچن تا،
سپنن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟

پيار جي چيچ جهلي هلندا هن،
دردن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟

خوشبو آ چڙواڳ وئي تي،
پونئرن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟

گل جي پر ۾ اجها اڏڻ کان،
خارن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟

سونهن ئي سونهن ڏسي چوپاسي،
نيڻن کي جهلجي تہ يلا ڪينئن؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خار وچايل سارا رستا.
ڪونہ چڏيا تہ بہ پيارا رستا.

هلندو نيٺ پڄي پوندو آ،
ڏي ڏين ويچارا رستا.

پنڌ پلائيندا، ناهن هي
تو جيان سڀ ويسارا رستا

لونءِ لونءِ ماٺهن آهہ لتاڙي،
دانهن ڏين دکيارا رستا.

قرب ڪوهيڙي ۾ جي پٽڪيا،
تن لئہ هاڻِ سهارا رستا.

”پريت“ ڪيا جي پنڌ، ڏسيندئي،
تو در پهچڻ وارا رستا.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ماٺھو لفظن سان ڪيڏن.
ڪي پيا تا جذبن سان ڪيڏن.

دل ڪي چاھ چتا جن چاڙھيو،
چڏيو تہ پل شعلن سان ڪيڏن.

پتو نہ، آھ عبادت يا سڀ،
تسبيح جي داڻن سان ڪيڏن.

وياج وجھي ملھ پاڻ پريندا،
جي پيا تا لمحن سان ڪيڏن.

پونءِ پلا بخشيندي ڪيئن تن،
جي پيا تا نعرن سان ڪيڏن.

جن ڪي ڪون سنڌو سايان ڏني،
"پريت" پيا سپنن سان ڪيڏن.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر جيئجي ٿو ڪنهن جي ڪاڻ سنو لڳندو آ
ڇڏيون ارپي جي پنهنجو پاڻ سنو لڳندو آ

دل تي چاهي تہ رڳو ڳالهہ هلي پئي هن جي،
هجي تنقيد يا واکاڻ سنو لڳندو آ

آهي سندر سنڌو ندي تہ سموري پوءِ ٻي
چو المنظر تان وڌ مهراڻ سنو لڳندو آ؟

ملي هن ساڻ جو بيهندا هون آئيني آڏو،
تڏهن ڪيڏو نہ پنهنجو پاڻ سنو لڳندو آ

پيار ڪيڏو سهي هي رشتو اهڙو آ جنهن ۾
رهي ٿوري اگر ڇڪتاڻ سنو لڳندو آ.

وقت تنها بہ ڇڏيندو آ ڪاتي پهچائي
پيارو آ همسفر جي ساڻ سنو لڳندو آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرت ۾ ايئن سفر آ گذريو
ذهن ۾ ڄڻ محشر آ گذريو

رڳ رڳ ساڙي، درد جو شايد
لونءُ لونءُ مان لشڪر آ گذريو

هاڻ ٻه عڪس ڇتا سپني جا،
اکڙين مان ته اسُر آ گذريو.

دل جي سچ ننڊڙن خانن مان،
مشڪل ساڻ صبر آ گذريو.

هڪڙو کهرو اکر ٻه تنهجو،
ڪائي تي ڪنڪر آ گذريو.

هن جو نانءُ ونڻ "هن جو" ڄڻ،
ٻت رهڙي ڪو سَرُ آ گذريو.

ڪونه ايندي ننڊ ڏينهن ٻه تي ڪي،
هو جو ايئن مون پر آ گذريو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهه چيڙن مان جو چکي آيو
چين تنهن کي نہ پيو، رتي آيو

مٺيون پل ۾ هون موسمون جنهن پل
هٿ هٿ ۾ ڏکي ڏکي آيو

پياس کيڏي ۽ بخت ڇا چئجي،
آيو بادل تہ، پر وسي آيو.

سڪون کيئن ڏئي کو گهر پلا ان کي،
نينهن نيڻن ۾ جو ٿکي آيو.

ٻُولا هُن جيءَ ۾ من رليو، باقي
سهپ سورن جي ڪجهہ سکي آيو.

پرين پاڳل کي، جَي ملي، چئجو،
”پريت“ سان يي آ کو رسي آيو.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏهين جي چانڊاڻ ڏني تئي!
موج، اندر مهراڻ ڏني تئي!

اجان تہ پيو لفظن کي ماپين،
تن ۾ ڪيڏي تاڻ ڏني تئي!

گل ۾ خوشبو ڳالهہ پراڻي،
سوچن ۾ سرهاڻ ڏني تئي.

جذبن ۽ سوچن ۾ جنهن پل،
وڏندي آ چڪتاڻ ڏني تئي!

پتر پاڻ سڏائي تنهن جي،
اکڙين ۾ آلاڻ ڏني تئي!

ڪوڙ بڌو هوندئي هُن هُن کان
”پريت“ ڪڏهن چئہ، پاڻ ڏني تئي؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچن ۾ الجهي پيا آهيون.
سپنن ۾ الجهي پيا آهيون.

هڪ هڪ جون سئو سئو معنائون،
لفظن ۾ الجهي پيا آهيون.

ڪونہ پتو ڪاڏي وڃڻو آ،
رستن ۾ الجهي پيا آهيون.

سوچيندي نچندڙ پيرن تي،
گهنگهرن ۾ الجهي پيا آهيون.

ڇا آخر ڳالهين ۾ هُن جي،
اثرن ۾ الجهي پيا آهيون.

پاڻ "پريت" آزاد پکين جان،
رسمن ۾ الجهي پيا آهيون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون دل کي گهائيو آهي.
آس وري اتساهيو آهي.

هن جو اوتيو زهر اندر ۾،
گيت ڪري مون ڳايو آهي.

جنهن لئه هينئن رلياسين، تنهن ئي،
اڳنيءَ تي اڇلايو آهي.

سوچ ۽ سمجهه ڪري پاسو پئي،
پاڳل پيار بڻايو آهي.

تو وٽ تهڪ ئي تهڪ ڏسڻ لئه،
مون هر لڙڪ لڪايو آهي.

ايڏو ڪونہ مليو جيون ۾،
جيڏو "پريت" وڃايو آهي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيو جو لڙڪ اَجهل، نڪري ويو.
نيڻئون سپ ڪاجل نڪري ويو.

پياس ڇتي هئي، پوءِ سامهون ڇو،
بنا وسئي بادل نڪري ويو.

ڪونہ پتو پيو وقت وٺيءَ مان،
ڪيئن جوين چنچل نڪري ويو.

جو بہ تماشائي، محفل مان،
ٽُٽندي ئي پايل، نڪري ويو.

ڌڪندي بس پاڇن جي پويان،
وقت هي ٿي پل پل نڪري ويو.

زمان مڪان جا قيد اتي، ”هُو“
پيار ۾ ٿي پاڳل نڪري ويو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيڏا تنها تي پيا آهيون.
پرزا پرزا تي پيا آهيون.

چڻ تہ پتنگ جان اڏندي اڏندي،
ڏورئون ڪاٽا تي پيا آهيون.

اوت اڇي بي انت اندر ۾،
ڏاڍا پياسا تي پيا آهيون.

سانجھہ صبح جيءَ کي جھورن بئي،
سور سراپا تي پيا آهيون.

جوڙيندي هر گھاءُ رفوءَ سان،
ٽاڪا ٽاڪا تي پيا آهيون.

”پريت“ ڪنائي ڪوبہ نہ جن کي،
اڄ سي واڪا تي پيا آهيون.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جينئن هيڏو سنسار وڏي پيو.
تيئن ڪاٿي هي پيار وڏي پيو؟

انگ انگ جيڏو آرُ وڏي پيو،
تينئن هن جو انڪار وڏي پيو.

آ جاني گڏ جوءِ ۾ ، ناريءَ
سانجهہ صبح سينگار وڏي پيو.

خوشيون تہ ڪون لڌيوسين باقي،
سورن جو سهڪار وڏي پيو.

ڪوءِ نہ ڪري آبياري پوءِ پي،
تڪڙو ڏک جو ڏار وڏي پيو.

پيار ڪان پاڻ پلي وياسين پر،
من تي ڏاڍو بار وڏي پيو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عڪس رهي نيڻن ۾ ڪنهن جي.
هوندو آ ياڳن ۾ ڪنهن جي.

ڪنهن کي ڪون پتو پوندو آ،
ڪير رهي سپنن ۾ ڪنهن جي.

اوندهه ۾ آشا جو ڏيئڙو،
جلندو آ جذبن ۾ ڪنهن جي.

مُرڪن مام تپي او! پيارا،
گهور وجهو گهاون ۾ ڪنهن جي.

ڪو تڙپي تاڻي پيو تنها،
ڪو ٻهڪي ٻانهن ۾ ڪنهن جي.

ڳالهه ڪائي آهي جو ڏسجن،
گجرا اڄ وارن ۾ ڪنهن جي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليا ڪيترو هون گسن ڪان پڇي ڏس!
سموار ٿئي ساڪي وڻن ڪان پڇي ڏس!

وئي رات گذري سا گذري وئي ڪيئن،
رليءَ ۾ پيا ٿئي گهنجن ڪان پڇي ڏس.

سدا اڻ ڪٽيا هن رکيا تنهن جي لئہ هي،
اچي ويجهو دل جي درن ڪان پڇي ڏس.

ڪريا هن هي اپ مان يا اڪٽين مان ڪنهن جي،
پيا ٿئي مٽيءَ تي ڦٽن ڪان پڇي ڏس.

سوا تو نہ تصوير ڪائي چٽي تن،
منديءَ ۾ جڙيل جي نگن ڪان پڇي ڏس.

سجاٽين نہ ڪا ”پريت“ اڳ هي چوڻ ڪان،
پرين ٽورڙو پنهنجي من ڪان پڇي ڏس!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپ سرخيءَ سان جو ڍڪيل آهن.
درد تن ۾ بہ ڪجھہ لڪل آهن.

سور ڏي نئون تہ ڪو مزو ماڻيون،
اهي پر جا سيئي سٽل آهن!

ڪنهن جي وڪ وڪ وئي واسجي، ڪنهن
جي،
ڄڻ تہ رڳ رڳ ۾ رڻ رڪيل آهن.

سندا جوين جا ڏينهن چا ساريون،
گهٽ گهاريل، گهٽا ڪسيل آهن.

پنهنجي جذبن ۾ آڳ ۽ ماٺهو،
برف وانگي چو سڀ ڄميل آهن.

وياسين ويجهو تہ پيو پتو، ڪيڏا،
جسم جيئرا ۽ من مئل آهن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي رستن کي منزلون ڪونهن.
پوءِ بہ آسون اسان پليون ڪونهن.

ٻڏي پياسن جي ڪا صدا وسنديون،
ايڏيون ڪڪريون بہ ٻي وڙيون ڪونهن.

سهڻي ساعت ڪا ياد ٻڌجڻ ڏي،
گهڙيون جوين جون ڪي وريون ڪونهن.

مليو هر ڪنهن کي جنهن جهلي جهولي،
پنهنجون ئي پيار ۾ پتيون ڪونهن.

آهيون وک وک تي جڻ ڪنا، سمجهو،
پڇو عمريون ٿا ايئن ڪتيون ڪونهن.

ڳالهہ آ ٻي ڪا، خواهشون پيارا،
چنڊ چوڏهين تي تيون چريون ڪونهن.

”پريت“ ڪيڏو نہ خوش گذارن پيا،
رکيون سيني ۾ جن دليون ڪونهن.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏا گهرا راز تا ڏسجن.
چپ يي الفاظ تا ڏسجن.

ڇا چئجن ڪي ڪي ڪوتائون،
سٽ سٽ ۾ ڇڻ ساز تا ڏسجن.

ڄار بنا جهٽجي ويندا سين،
نظرِ نظر ۾ باز تا ڏسجن.

ڇا ته مزو پرچائڻ ۾ آ،
پرين وري ناراض تا ڏسجن.

ڪو، نه تماچي، ۽ نه وري ڪي،
نوريءَ وارا نياز تا ڏسجن.

ڏسِ تون ، ڪنهن ڪنهن ساڻ وڙهون هت،
من ۾ ڪوڙ محاذ تا ڏسجن.

ڪي ته وڏا ڪي ننڍڙا ماڻهو،
ايڏا چو امتياز تا ڏسجن.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَهون پاڻ ڪان تا چو اڻجاڻ پيارا.
اسانجي اکين سان ڏسو پاڻ پيارا!

ويندا پاڻهي گهٽجي وچئان فاصلا هي،
وڌون ڪجھہ اسان، ڪجھہ اوهان پاڻ پيارا.

پلا پريم جون چو پري منزلون هن،
نظر کو اچڻ گهرجي اهجاڻ پيارا.

سوچي ساڻ هلجو، اسانجي گسن ۾،
رڳو ڌرتتي، ڪو، نہ مهراڻ پيارا.

منجهان هر ڪٽوريءَ پريو من آ پنهنجو،
هاڻي آڻجو ساهہ سرهاڻ پيارا.

ايئن نيٺ تنها رهون ڪيستائين،
اچي "پريت" سان کي مندون ماڻ پيارا.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ڪان جو بہ آشنا ڪونهي.
تنهن لئہ سچ پچ تہ ڪا سزا ڪونهي.

سوچي سڀ هلجو نينهن نگريءَ ڏانهن،
اتي پاڻي ۽ ٻيو هوا ڪونهي.

ڦرين ڪارا، اڇا، رتا ميندي،ءَ
ننڍڙي وارن جي ڀي ڪٿا ڪونهي.

پنو بس! پيار جو پڙهيو آهي،
سچ تہ ڪئي ٻي اسان خطا ڪونهي.

رلي راهن ۾ وياسين لڱندو آ،
ڪنهن اسان کي ڏني دعا ڪونهي.

ڪونہ مورک مشاهدو ماڻيئي،
وقت ڪنهن سان بہ ڪئي وفا ڪونهي.

گسن اوکن جي چونڊ هئي پنهنجي،
ڪئي گوندر سان ڪا گلا ڪونهي.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير، ڪنهن جيءَ پڪار تي ايندو؟
ڪنهن کي هر هر نه ايئن سڏيندو ڪر.

سار وڏنديئي اجان به ساجن جي،
چنڊ کي ايئن نه تون تڪيندو ڪر.

سور نيٽئون نه ڪنهن سجاتو آ،
اڪ نه هر ڪنهن اڳيان پريندو ڪر.

پيار آڇي نه ايئن پريشان ڪر،
تورو آتت پلي تون ڏيندو ڪر.

اکيئي جوين مٽيئي گهٽو ماريو،
موتي تنهن تي نه ٻيا جڙيندو ڪر.

ڳالهه ڏک ڏئي جا، ات پلائي چڏ،
ڪري هڪ هڪ نه سي ڳٽيندو ڪر.

واءَ جيان بس ڇهي هليو وڃبو،
دل نه پيارا تون ڪجهه جهليندو ڪر.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وجي هن کي اهو رستو تہ ٻڌاءِ!
کيس جو موهي وجهي لهجو تہ ٻڌاءِ!

تون عبادت ۾ سدا مسجود آن،
پر خدا کي جو وڻي سجدو تہ ٻڌاءِ!

منهن نقابن ۾ ڍڪي پل ۾ ڇڏيئي،
پر ادائون جو ڍڪي پردو تہ ٻڌاءِ!

بس رڳو پيرن جو پنڌ ناهي پرين،
ماڻهو ماڻهو لاءِ اهو جذبو تہ ٻڌاءِ!

ها مجنون تنها نہ تون آهين ڪٿي،
آن هجومن ۾ مگر، پنهنجو تہ ٻڌاءِ!

تون گهرين پيو تو سين ڪي، موت ۾،
ڪو گهري توکي بہ، ڪو اهڙو تہ ٻڌاءِ!

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جام الفت وري وري پيتو!
پئي اسان ساري زندگي پيتو!

دل جڏهن پي چيو ڪٽي ورتو،
ڪونہ ڪنهن ڪان ڪڏهن پڇي پيتو!

جام سامهون ڏسي شهادت جو،
جنهن ڪنيو، پوءِ لڇي لڇي پيتو!

آب انگور هو، عقيدت هئي،
جيئن رکيئن سامهون مون جهڪي پيتو!

لاهي بادل لباس جان ويڙهيو،
۽ پو ان ۾ ٻڏي ٻڏي پيتو!

ها ٻنهي ۾ اهو فرق آهي،
تو آ ظاهر ۽ مون لڪي پيتو!

ڪونہ قطرو بہ هو بچو پويان،
”پريت“ هر هر رکي رکي پيتو!

✻

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ هي نم ڏئي وئي آهي،
محبت غم ڏئي وئي آهي.

ڪجھ لکي ڍاهيان پئتي ساحل تي،
چانڊني ڪم ڏئي وئي آهي.

جي نہ ڏسيائين ڳس جيئڻ جو ڪو،
ماءُ چو ڄم ڏئي وئي آهي.

گيت، وايون، غزل ڀها تي ڀيا،
ڏات مرهم ڏئي وئي آهي.

مان بہ گل جان ڇُهان ٻرين توکي،
شوق شبنم ڏئي وئي آهي.

مون پتو تنهنجو جئن صبا کان پڇو،
تورو مبهم ڏئي وئي آهي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز گھائڻ جا گس نوان نہ وڻي،
عشق کي چئو تہ امتحان نہ وڻي.

چئوس ساري ڪٽي چڏي دنيا،
مون کان خيالن جو جڳ جهان نہ وڻي.

هيءَ سڄي سرزمين لتاڙي پيو،
منهنجي نيڻن جا گس اجان نہ وڻي.

ٻُڏي خيالن ۾ پاڻ وسريو آ،
سونهن کي چئو گهٽو ڏيان نہ وڻي.

ڏار تيو خود آ، دور دور رهي،
رهي آڏو ئي، امتحان نہ وڻي.

ڪيئي خوشفهميون، خود فريبيون هون،
شاعري آ ڪو سچ جيان نہ وڻي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور تائين سات ڏيندين،
ڪين تون تنها ڇڏيندين.

ڪو، نہ جي ورنائي مونکي،
تون پرين آواز ڏيندين.

مان محبت جي پڄارڻ،
مهربان تون ئي مڃيندين.

نينهن جا نياپا پڄائي،
واءَ ڪي ڪيئن تون ونگيندين.

تون وچن مونکي وري ڏي،
مون سوا ڪنهن جو نہ ٿيندين.

سي اُماسون ساڻ هوندين
سوجهرن ۾ ساڻ نيندين.

هر وڇوڙي ويل ٿاري،
مونکي ياڪر ۾ پريندين!

تون ئي منهنجو پيار آهين،
مون سوا ڪنهن جو نہ ٿيندين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري راهہ مقتل جي اڄ ڪنهن پڇي آ،
وري بيقرارين جي موسم لٿي آ.

ڇڙي جنگ ناحق ۽ حق جي وئي آ،
جو جلاد چادر سِسين سان سَٽي آ.

نہ ئي ڪوئي بادل نہ ڪا ڇِت ڇپر آ،
اسان جي سفر ۾ نجي ڏرتتي آ.

اڃان عڪس روشن ڏسون آرسين ۾،
نہ آگر اڃان حوصلن جي ڇڏي آ.

ٻلي ماڻجو دل لڳيون پيا سيئي ، پر
انهن ڪان بہ پڇجو جنين دل ٻڳي آ.

وڄايل بهارن ۾ هبڪارون کهڙيون،
سُڄاتاسين، جن ساري خوشبو کَسي آ.

هليا شهر جانان ڏانهن سڀ ڪجهہ ها تياڳي،
مگر واٽ تن سان ڪري وئي ٺڳي آ.

پتو ڪنهن رکيو عاشقين جي سفر جو،
۽ تاريخ ڪنهن دل لڳين جي لکي آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنِ جي دڳ تي خار نہ وجهجان،
آءُ اُڏان جي چار نہ وجهجان.

مٿي هان مٿي ڏي موٽان،
ايڏا مون تي بار نہ وجهجان.

سچ سان اک ملائي ڏسجان،
ڪولي مُک تي وار نہ وجهجان.

ڄاڻان قربن جي قيمت تي،
نينهن جا ڏانوڻ يار نہ وجهجان.

چاڪ سڄي جيون چولي آ،
ڇيد نئون تون، ڏار نہ وجهجان.

ڇڏ تہ پلي ماڻي منزل کي ،
محبت منجهہ مهار نہ وجهجان.

نئين سر دل ديوارون جوڙيون،
ٻيهر تن ۾ ڏار نہ وجهجان.

چوڏهين رات نہ آهہ ستل ڪو،
ڪنهن کي ٻانهن هار نہ وجهجان.

ڪوڙ جدائي دل جي دڳ تي
هاڻ وٽي تون يار نہ وجهجان.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ ڪناري واريءَ سان گڏ،
سار هئي ڪا ناريءَ سان گڏ.

گل خريديا ڪنهن ها هُن ڪان،
دل به هلي وئي ڪاريءَ سان گڏ.

پيٽ پرئي جي هرڪو پويان،
بک اڪيلي هاريءَ سان گڏ.

اُلڪا ۽ چنتائون، پوَ ها،
ڪو ته هجي دلداريءَ سان گڏ.

دنيا قاتل سان بيٺي آ،
منهنجي ڪوتا ڪاريءَ سان گڏ.

ڪو، ٻڌجي ڏِيهن جو مالڪ،
۽ ڪو هڪڙي ٻاريءَ سان گڏ.

هاڪاريءَ جي هرڪو پويان،
ڪو ته بيهي انڪاريءَ سان گڏ.

بيشڪ هن اڇلايو گل هو،
پر بيٺو سنگساريءَ سان گڏ.

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين سئين تي سج جان ايري وئي هان،
نئين وري ڪنهن راهہ تي نڪري وئي هان.

سڏ، ڪو پويان وري چا لئہ ڪري ٿو،
مان جڏهن ان موڙ تان گذري وئي هان.

”پيار جي، هاٽي نہ راهہ تي هلبو“،
پاڻ پنهنجي ڳالهہ تان مُڪري وئي هان.

ڏيل توڙي ڏانوٽن ۾ آ قاتل،
سوچ ۾ پر اپ ڀيي اُڪري وئي هان.

وقت تنهن جو وهم آ ، آهيان ڊنل مان،
انت ڏانهن توکان بہ اڳ سنبري وئي هان.

ڪو نہ ڪا تهمت لڳي آ وقت تيو آ،
چو نئين الزام کان وسري وئي هان؟!

اي صبا! پهچي، پرينءَ کي هي چئجان،
مان وڇوڙي وات تي وِکري وئي هان.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄا سنسار اورانگهيان!
سيئي گس غار اورانگهيان!

برهه ڏي حوصلو مونکي،
نہ جيون ڇار اورانگهيان!

مان هان انڪار تي بينل،
پئي اقرار اورانگهيان!

پرين! بس تورڙو ڏس ڏي،
مان تنهنجي سارَ اورانگهيان!

وڃان هر ڳُجهہ کي سمجهي،
سيئي اسرار اورانگهيان!

رڳو بس هي نہ تئي مونکان،
پرينءَ جا پار اورانگهيان!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو لهجو سرد آڻيندو،
وري هو درد آڻيندو.

ها! ڪو آٿت دلاسو ئي،
ڪوئي همدرد آڻيندو.

هُو بڻيو ويج آ منهنجو،
سُتي منفرد آڻيندو.

وڇوڙو جڻ تہ پن ڇڻ آ،
آ موسم زرد آڻيندو.

وري ڪي زخم ئي هوندا،
بيو ڇا بي درد آڻيندو!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍو جيون تو هيءَ اداس رهي،
اهل دل ڪوئي آس پاس رهي.

دل ڪئيسين ڏيو، اهو ٻارڻ،
ڏسون ڪيسين تي هيءَ اُماس رهي.

چاهيون خطرن سان ڪيڏجي ايڏو،
ڊپ، خدشو نہ ڪو حراس رهي.

آئي ڪنهن سان آ هُوءَ ملي آخر،
ڏاڍي اڄڪلهہ تي بدحواس رهي.

حالتن سان نہ ناهہ تئي، جيسين
سڀ برابر، نہ ڪوئي خاص رهي.

پيار واريون چو ڏار ڏار دليون،
چو نہ تن لئہ خوشي ڪا راس رهي.

ڪوئي آهي، جو پيارَي ايئن، پويان
ڪو بہ غم، آرزو، نہ پياس رهي.

هيءَ ئي خاهش رڳو اسان جي آ،
هُو اسان جي ئي آس پاس رهي.

❋

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

هي نيت وچ ۾ حجاب ڪهڙو!؟
اسان پو ماڻيو شباب ڪهڙو!؟

اسان ڪيون جو، گناهہ سڄي،
ڏسي مگر ڪو، ثواب ڪهڙو!؟

ادا ادا ۾ حُسن آ هوندو،
ادا ڍڪي جو نقاب ڪهڙو!؟

پڇن محبت اوهان ڪئي آ،
ڏيون انهن کي جواب ڪهڙو!؟

قلم سان جيڪر جُڙي تعلق،
آ ڏوهہ ان ۾ جناب ڪهڙو!؟

تو ماڻهو سڄي، چڱو ئي هوندو
آ ماڻهو تيندو خراب ڪهڙو!؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو دهمان ۽ ڏڙڪا!
ڪريو ڪي وس ۽ واڪا!

رکو پيا موھ ماڳن ۾،
ڪريو پيا پنڌ ڪان پاسا!

جيئڻ جي ويڙھ جي وڙھندا،
سي تيندا وڌجي واڌا!!

ٽُٽي پيا ڪيپ اڪرين جا،
ڏنا جو عشق اوجاڳا.

تا ارڏا آڳُرئين ڳٽجن،
جهُڪن پيا هر ڳليءَ ڳاٽا!

نڌڪي جي ٿئي ڌرتي،
تہ هوندا ويرانيءَ واسا.

متان متي مياُرون ڏئي!
متان ڏئي ڏيھ ڏوراپا!

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسوايون سڀ سور ۽ صدما سانڍي رکنداسين،
پيار ڏنا هي سارا تحفا، سانڍي رکنداسين.

وصل هيو يا رڳ رڳ ۾ جڻ چنگ چڙي پيا ها،
هيءُ تصور ۾ سڀ لمحا سانڍي رکنداسين.

خوابن جي اُڀ تي ڪو چوڏهين چنڊ هيو چمڪيو،
اونداهين لاءِ روشن سپنا، سانڍي رکنداسين.

ڪو آلاپ اُتيو ۽ من جي پار وجي پهتو،
نينهن سندا هي سارا نغما، سانڍي رکنداسين.

تنهائي ۾ هاڻ لَتو، ڪنهن سار سنياليو هو،
ساروڻين جا هي سڀ تورا، سانڍي رکنداسين.

جيڏانهن آهه نظر پئي، گوليون گهاوَ ڌماڪا ها،
هاڻ لکي هن ديس جا نوحا، سانڍي رکنداسين.

نيٺ رُتون منبيون ۽ مُرڪن مُند وري ايندي،
رهجي ويا جي گيت اڌورا سانڍي رکنداسين.

✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلائن جي موسم ۾،
وُني ڪا سار، سڏڪي پيا.

ڇُهن ڪي آگريون، اڱ ۾
اڃا تيا وار، سڏڪي پيا.

رُنوسين، موڪلايوسين،
پرين پيي ڌار، سڏڪي پيا.

اهي جوين جنون، جانا
ٻُڌي انڪار، سڏڪي پيا.

سجڻ! ڪئي سؤ دفعا آهن،
اسان جا پيار، سڏڪي پيا.

نجو سُر، ڪونہ تو گهرجي،
سچا فنڪار، سڏڪي پيا.

سُڻي ڪا چيخ ڪاريءَ جي،
هي ڪُل سنسار، سڏڪي پيا.

نہ موتيو هيل وڻجارو،
سڪيءَ، سينگهار سڏڪي پيا.

لبن تي آ، وري لرزش،
وري اظهار، سڏڪي پيا.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان خوشين ۾ خبر ناهي ڪهڙي بات ڏني؟
اسان تہ درد جي سيني ۾ ڪائنات ڏني!

صبح جو سج پيو ايري تو، ڪنهن ڏنو هوندو!؟
اسان تہ رات جي پويان وري آ رات ڏني!

روح هر دؤر ۾ هر جاءِ بيقرار رهيو،
پڳاسين نينهن جي نگري ۾، آ نجات ڏني.

اسان هن دل لڳيءَ جي دار تان بہ گذرياسين،
۽ گذري دار تان ٻيهر وري حيات ڏني!

ڏني ويساهہ گهاتين جي جيت هر پيري،
۽ اعتبار جي هر پيري آهي مات ڏني.

هلياسين چوڏسائن ۾، رڳو اماس ملي،
پڳاسين پيار جي پاسي ۾، آ پريات ڏني.

نہ اوچ نيچ ۾ پنهنجو ڪڏهن ايمان رهيو،
اسان انسان ڏنوسين نہ ذات پات ڏني.

⁕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻو زندگي هئي پري، پئي جياسين!
سيئي دور سپنا ڪري، پئي جياسين!

اڃي سار دامن ڇهيو تي اسان جو،
اسان تنهن کي ياڪر يري، پئي جياسين!

گهٽئي سُرڪ اوتيا ۽ پئي لڙڪ روڪيا،
هي پيمانو ڀَر ۾ ڏري، پئي جياسين!

هئي چيد چولي سڀي چاهتن جي،
رفو تنهن کي هر هر ڪري، پئي جياسين!

لٿو هاڻ هر هر، وري ذهن تي ڪا،
اڃَي سار سُهڻي تري، پئي جياسين!

جڏهن جڳ جهان پاڻ لئہ اوپرو ٿيو،
پرين! توکي پنهنجو ڪري، پئي جياسين!

ڏسي دل جو دروازو، دستڪ ڏنيسين،
ڪُلي پوندو، اِن آسري، پئي جياسين!

ٻُسو آهي بيشڪ، حياتي جو دامن،
پئي ڏات قلڙيون ڀَري، پئي جياسين!

ڪٿئون ساهہ هڪڙو، پنيان سُور سؤ سؤ،
وڏيون قيمتون، مَن جُهري، پئي جياسين!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ئي آ تات ساري، ساڻ هلندي،
عمر ڀر جي بيقراري، ساڻ هلندي.

آ ازل کان ابد تائين نينهن پنهنجو،
تهمتن جي سنگِ باري، ساڻ هلندي.

ذات ڏانوڻ سوچ ۾ آهن اسان جي،
هيءَ اسان سان گيت ڪاري، ساڻ هلندي.

هڪڙو لمحو سونهن جي جلوه گري هئي،
دور تائين تابڪاري، ساڻ هلندي.

پيار جي پالوٽ ۽ پهلو پرينءَ جو،
پاڻ سان هيءَ رازداري، ساڻ هلندي.

جا گهڙي تو عمر ۾ مون سان گذاري،
سا، اسان سان عمر ساري، ساڻ هلندي.

ساپيائن جو سفر سارو اسان جو،
اڪ هر ڪا خواب واري، ساڻ هلندي!

عاشقين جون ڪي نيون شعمون جلايو،
”پريت“ ڪيسين رات ڪاري، ساڻ هلندي.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ يي نہ پيو بدلجي، ڪا ڏات ۾ ڪمي آ
ظلمن سان سينو ساهي تنهن ذات ۾ ڪمي آ.

پئي رات راڻي مهڪي چنڊ هاري چاندني پيو،
پهلوءَ ۾ آ پرين ڪٿ، هيءَ رات ۾ ڪمي آ.

دل جو وطن ڪپي تو دل وارا ساڻ گهرجن،
محسوس جا بہ جا تي، جذبات ۾ ڪمي آ.

ڪهڙي ڪمي جهان ۾ هر هر پڇين تو مونڪان،
ڏسِ! چا ڏسيان مان توکي هر بات ۾ ڪمي آ.

خوابن جي سرزمين هئي اک پرهہ جو ڪُلي جيئن،
آجيان نہ مرڪ ڪئي، هيءَ پريات ۾ ڪمي آ.

دل تي اُنيون گهٽائون، جل ٿل زمين تي وئي،
من جو اگهڙ اُجارو، برسات ۾ ڪمي آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيئين اکڙيون! نگاهہَ ڳالھايو،
جڻ اسان سان هو چاهہَ ڳالھايو.

ماڳ ڏانھن ويندي جو مُنجھيس ڪاٿي،
ڏس ٻڌائڻ لاءِ راهہ ڳالھايو.

ڪو نہ اچ وچ رڳو هوا جي آ،
ڪنھن نہ سمجھو، هو ساهہ ڳالھايو.

ڪيڏو جيون هو، رڻ جيان روليو،
پيار، ٻڻجي پناهہ ڳالھايو.

منھنجي ڄمر جا بہ ڪي سبب ڳوليو،
بيھي ير ۾ گُناهہَ ڳالھايو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن سپنن ۾ ڳولجان مونکي،
دل جي ڌڙڪن ۾ ڳولجان مونکي.

ڪين دولت جي ڏنڌ ۾ ڏسجان،
چاھ چرنن ۾ ڳولجان مونکي.

چاھتون جن منجهان ليئا پائن،
انهن نيڻن ۾ ڳولجان مونکي.

ڪين وڃجان تون چوڏسائن ۾،
پنهنجي ساهن ۾ ڳولجان مونکي.

بيوفائين جا داستان هوندا،
تون وفائن ۾ ڳولجان مونکي.

مان هان خوشبوءِ جيان مزاجن ۾،
تون هوائن ۾ ڳولجان مونکي.

مان سنڌو ديس وانگي سچ آهيان،
تون نہ وهمن ۾ ڳولجان مونکي.

ڏار تي ويا جي، تن سان منهنجو ڇا،
”پريت“ پنهنجن ۾ ڳولجان مونکي.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميگهه هر پل ملهار اکڙين ۾،
جڻ تہ ها آبشار اکڙين ۾.

عڪس ڪيڏا اکين مان گذري ويا،
۽ رهيا ڪنهن جا پار اکڙين ۾.

خيال، احساس عڪس تنهن جا سڀ،
منهنجو ڪجهہ بہ نہ يار اکڙين ۾.

خاهشون التجائون اوسيئڙا،
پئي تي سانديان هزار اکڙين ۾.

هن ڪيو قيد قرب ۾ پنهنجي،
۽ رکيئين دام، ڏار اکڙين ۾.

هوءَ جا هر هر لُڇي، رلي‌ءَ تي، تنهن
ان ڪتيو انتظار اکڙين ۾.

ڪونہ لفظن ۾ ماپجي سگهندا،
"پريت" سارا تئي پيار اکڙين ۾.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري کنهن سار الجهايو،
۽ وهمن وار الجهايو.

ها اڳ ئي مسئلا ايڏا،
مٿان دل ڏار الجهايو.

حَسين پئي هر ڏسا ياسي،
پرينءَ جي پار الجهايو.

لهي پئي چند جهوليءَ ۾،
کري دل آر، الجهايو.

چري دل يي نہ تي پلجي،
اڱيان انڪار الجهايو.

ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪجي ڪاٿي،
انهيءَ اظهار الجهايو.

ڇڏايون جيئن اجان ڦاسون،
آ جذبن چار الجهايو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ۾ اوتجي خمار ڏنا.
سونهن کي ڪنهن ھي اختيار ڏنا.

هو بہ ايڏو چا ياڻئين تو مونکي؟
جنهن کي مون ايندي ويندي پيار ڏنا.

هن جو انداز منصفي ڏسجو،
خود ڪٽي خوشبو، مونکي خار ڏنا.

ڏک، تُنهنجو بہ ڪجهہ تہ تئي ڪاٿو،
تو جو ڏونگر کي ايڏا ڏار ڏنا.

ننڊ گلين تان ڪهڙو خواب لنگهيو،
جنهن ها اکڙين کي آبشار ڏنا.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي جو دل، حدون ڪهڙيون!؟
سڪي پو سرحدون ڪهڙيون!؟

هئي بس پيار جي رم جهم،
الائجي هون مندون ڪهڙيون؟

سدا مسجود جي من ۾،
پڇائن مسجدون ڪهڙيون؟

ٽُٽل هون جاتئون ڪاتئون،
ڳنڍيون ڪاتان تندون ڪهڙيون؟

اجل جان گهاريون پل پل،
اجل جون آمدون ڪهڙون؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق علم کي کوِڙي وئي آ!
هر کو جيءُ جهنجوڙي وئي آ!

نڪري پئي جو پوءِ جهليندڙ،
هر ڪا ٻانهن مروڙي وئي آ.

چاهت هن جي وڻ ويڙهيءَ جان،
سوچ حواس وڪوڙي وئي آ.

مستيون ڇڻ ته هوا ۾ جاڳيون،
وار سمورا ڇوڙي وئي آ.

ساجن سامهون گهڙو ڪچو هو،
پار وجهي يا ٻوڙي، وئي آ.

اهڙي پيار ڏني پڪ آهي،
سات نه ڪنهن جو توڙي، وئي آ.

مس سورنهن سالن جي هوندي،
پر صدين جو لوڙي وئي آ.

هن جو جوبن چولو ڪهڙو،
چاڪ چتيون هو، ڇوڙي وئي آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهايل من تي بار اهو ئي!
سڪ جو ساگر تار اهو ئي!

دل کي نيٺ پلي ئي وياسين،
اکڙين ۾ اظهار اهو ئي!

سڪ کي ڪونہ نيائڻ آيو،
دردن جو وهنوار اهو ئي!

چوڏس تبديلي جون ڳالهيون،
پورهيت ڏويو بار اهو ئي!

فن اورانگهي ويو سرحد کي،
بک تي پر فنڪار اهو ئي!

باغي جذبا ڪاتي جهلبا،
سرڪش آڏو ڄار اهو ئي!

هر شيءِ آ تعمير وري تي،
من ۾ ڏک جو ڏار اهو ئي!

عمر اچي پيريءَ تي پهتي،
من رهجي ويو ٻار اهو ئي!

دور پيا منجن ڪيڏا يي،
ڪانئر جو ڪردار اهو ئي!

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين ڪڏهن واڳيا هِن جذبا!
ڏس ڪيڏو جهاڳيا هِن جذبا!

ڪين سٽون ڪوري ڪاغذ تي،
مون تہ هڙئي هاريا هِن جذبا!

وقت سندي ويرُن سان وڙهندي،
مشڪل سان تاريا هِن جذبا.

هاڻ اماس ڪٽي بہ نہ رهندي،
ٻاڻ ڪويءَ ٻاريا هِن جذبا.

جيون وهہ پيئندي گذري آ،
پر ڪنهن لئہ جئاريا هِن جذبا.

وارن ۾ چانديءَ تارون، پر،
سڪ ساڳي ساڳيا هِن جذبا.

وري ڪوئي اگني اوتي ويو،
هاڻ تہ مون ناريا هِن جذبا.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي دڳ تي موڙ پرين تون،
مون کي ٻيهر جوڙ پرين تون.

پريت جو پيچ هي ڏوهه وڏو ٿئي
مان لوڙيان ڪجهه لوڙ پرين تون.

پونءِ سجي گيتن سان گونجي،
مون سان ڳڌ جاڪوڙ پرين تون.

عشق لنگهي دل جي واٽن تان،
ڪين دلين کي ٽوڙ پرين تون.

جهيڙي پار پڳي هان تنهنجي،
هاڻ نيائج توڙ پرين تون.

روشن ڪر پنهنجون راهون سڀ،
منهن جا نيڻ نچوڙ پرين تون.

عشق جي ڳنڍ ٻڌي آ ٻنهين،
ڪين اها ڳنڍ ڇوڙ پرين تون.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورا هلندي پساهہ تي ويندا،
سارا رستا گواهہ تي ويندا.

ساري دنيا ميار پئي ڏيندي،
پر سڄڻ سان نپاهہ تي ويندا.

پيار تنهنجو بنائيندو ڪافر،
سارا پنهنجا گناهہ تي ويندا.

ويندي يون هارائي ڪلفتون ساريون،
نيٺ سوپارا چاهہ تي ويندا.

وڙهڻ وارن سان ويڙهہ ئي ٿيندي،
ڪو جي نهندو تہ ناهہ تي ويندا.

جي نريو ڪوئي خاڪ تي ويندو،
ڪو جي ڏکندو آڙاهہ تي ويندا.

ڪونہ پوندو آ ڪو پتو ڪيئن هي،
پيار هن بي پناهہ تي ويندا.

✵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ جي ناھين پرين،
تي چڪي ٻانھين پرين!

روح ئي رولي ڇڏيئي،
نيٺ تون ڇاھين پرين.

آ اجل تنھنجي بنا،
زندگي آھين پرين.

مان ويس پترائجي،
ڇا ڇُران؟ ناھين پرين.

پيو ڳنڍين ڳالھيون ڪري،
دور تي ڏاھين پرين.

ڪيئن اکر جي پيٽ ۾،
سمنڊ تو لاھين پرين.

جي وري ٻيھر پوان،
جي ائين چاھين پرين.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوليا ميندڙيءَ ڏار پرين! ڪو چا ڄاڻي،
منهنجا توسان پيار پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

آ البيلي وير جيان چڙهندي لهندي،
من تي تنهنجي سار پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

ضدي من منهنجو هي ڪونہ پليو مون ڪان،
۽ تنهنجا انڪار پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

ائين لڳي لونءَ لونءَ ۾ ڪنهن اڳينون اوتيون،
ملندي ئي چپ چار پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

جي آهين گڏ گهاوَ سمورا يرجن تا،
وڪران جي تون ڏار پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

خوشبو خوشبو وات هئي هلندي هلندي
ڇيڄي پوندا خاري پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

پيار ڪرڻ وارن سان ڪيڏا قهر هئا،
يرجي وئي اخبار پرين! ڪو چا ڄاڻي؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهايون صبح شام اٿئي،
اکڙيون بي آرام اٿئي.

مان جو اجڙي وئي آهيان،
تو تي ئي الزام اٿئي.

پو يي درد سجاڻئہ تي،
بدلايا ڪئي نام اٿئي.

ڪيئن سجڻ سمجهان توکي
مرڪڻ ۾ يي مام اٿئي.

رت ٻڌل تئي تحريرون،
سوچن ۾ سنگهرام اٿئي.

چاهہ ۾ تيءُ چٽو تورو،
ايڏا چو ابهام اٿئي.

سڄڻ ڪوڙ 'وڏا' ماڻهو
نينهن ۾ سي ناڪام اٿئي.

نظرن ساڻ ڪرين قابو،
نيڻ اٿئي يا دام اٿئي؟

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڳٽين آرائشن کي مون ڏنو هو،
روز مرندي خواهشن کي مون ڏنو هو.

اڄ جي احساس هو ويتر وڪوڙيو،
دور ٽيندي بارشن کي مون ڏنو هو.

ڪوڙ ڳالهيون اڄ چيون رهجي ويون هيون،
۽ چپن تي جنبشن کي مون ڏنو هو.

پنڌ ۾ پوئتي ڏسڻ هو ڏوهه مون لئه،
پويان ٽيندي سازشن کي مون ڏنو هو.

ليلاهيندي ماڻهو مانيءَ لئه، مري ويو،
پرستشن ۽ پوڄائن کي مون ڏنو هو.

سوچ جي آوارگين جي حد ڄاتم،
۽ بدن تي بندشن کي مون ڏنو هو.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽٽندا جي خواب هوندا،
اکين ۾ آب هوندا.

واٽن تي وڇڙبو پيو،
هيءُ پيو عذاب هوندا.

خنجر جان سوال سيئي،
جهُرندا جواب هوندا.

جوڀن کو هوندو جلندو،
ٽڙندا گلاب هوندا.

وڏنديون کي ويجهڙايون،
لهندا حجاب هوندا.

محبت جي مي ڪشي هئي،
شڪبا شراب هوندا.

پڙهندا کي تڙپي تڙپي،
ڪوتا ڪتاب هوندا.

مجبورين جا مقتل،
لچندا شباب هوندا.

زخمي هي سر سمورا،
رڙندا رباب هوندا.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جو پنڌ آ ڏکھو ٿيندو،
ساڻ هوندين تہ حوصلو ٿيندو.

بند ڪڙڪيون ڪڙيل ها دروازا،
پوءِ بہ روحن ۾ رابطو ٿيندو.

اڳ ئي دل جي عجيب حالت آ،
وجي ويتر پيو ويجھڙو ٿيندو.

نيڻ سپنن ستي ڇڏيا آهن،
ڪو نہ ڪو هاڻي حادثو ٿيندو.

ٿيون لنگھن ڪربلائون دل تان، جي،
هو آ پل لئہ بہ اوپرو ٿيندو.

دل تي، چوندين جي، مان پٿر رکندس،
سو جي پگھليو، پٿر ڏکيو ٿيندو.

درد دل ۾ سمورو سانديو مون،
درد ئي ماڳ جو پتو ٿيندو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير هليا جي سنگھر سامهون!
خيال جڙيا جي خنجر سامهون!

قومون يي منجي وينديون هِن،
تاريخي تئي ڪندر سامهون.

ماڻهو پيو ماڻهوءَ کي ماري،
مسجد اندر، مندر سامهون.

او ٻيرو! ڪجهه خيال ڪنيينديئي،
واٽ مٽيندي يا گهر سامهون.

ڪير ڪپي ڪارونجهر منهنجو،
چورائي پيو پٿر سامهون.

جيون ۾ ڪيڏو لوڙيو آ،
اجا وري ڪي محشر سامهون.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پناهون ڏنيون هون رڳو پيار ۾،
ميت تنهنجي بنا ڪجهه نہ سنسار ۾.

ڪيئن سچيون محبتون منهنجي جهوليءَ وڌئي،
چا ڏنئہ او پرين! هِن گنهگار ۾.

ها! هوائون گهليون هونديون هاڪار جون،
ڪو تہ ارڏو اٿي بيهندو انڪار ۾.

هيءَ عجب عاشقيون هون عجب منصفي،
جيت ۾ تون سدا مان سدا هار ۾.

پئي ڪناسين، لڇياسين، اٿياسين، رهي،
هيءَ عجب سرڪشي پُنهنجي ڪردار ۾.

تو تہ پل لئہ پرينءَ کي سنياريو سکي،
مون تہ عمريون کپائي ڇڏيون سار ۾.

آ، اسان جهيڙي جڳ سان ڪئي دل لڳي،
هي اسان ڪان پڇو چا ڏنو پيار ۾.

⁂

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي مهرباني آ،
جو گذري زندگاني آ.

پڇين پيو دل جي ويراني،
رٹن تي راڄڌاني آ.

اکين ۾ خواب ڪونهن ڪي،
زوالن جي نشاني آ.

لهين جي پل پرين دل تان،
اها پڻ بي ايماني آ.

وري پئہ واٹ تان تولئہ،
دلين ۾ جاءِ جاني آ.

ٹڙي هر زخم پيو مهڪي،
سٹي تي باغباني آ.

محبت روح روڙيندي،
جلائيندي جواني آ.

اسان جي ئي ڪٿا ساري،
اسان جي ئي زباني آ.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوچ ۽ پيچ ڏاهه ڪا آهي اندر ۾،
ڪو پتو پئي ئي نه ٿو چاهي اندر ۾.

مان ڪري تعمير خود کي هان ٿڪي پئي،
ڪير مون کي روز پيو ڍاهي اندر ۾.

اهل دل جي درد جو پتو رکجو،
ڪنهن کي ڪوئي ديوانو چاهي اندر ۾.

مان وصل جي واڳ سان ونگجي وئي هان،
او پرين! ڏس تنهنجي چا آهي اندر ۾.

پوءِ وڇوڙي جو جڏهن پوري وجهي ٿو،
عشق لونءِ لونءِ کي ڳنڍي ڳاهي اندر ۾.

تو لڳي من پنهنجو چڻ ماتم ڪندو آ،
ڪير ايڏو درد تو لاهي اندر ۾.

ول چڻ ڪائي وڇوڙي جي، وجود آ،
ڳاهه ٻڄي تانگهه ڪا ڳاهي اندر ۾.

مان پئي پٽڪيس پليس ڳولا سنڌ ۾،
دير سان ڄاتم ته هو آهي اندر ۾.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو روڪي هاڻ عذابن کي،
زنجير وجهي ڪو خوابن کي.

هو پيار ڪيو پاڳل ايڏو،
مون سمجهو سمنڊ سرابن کي.

ڪيئن ماڻيءَ پيار سچو منهنجو؟
ڪيئن پار ڪيءَ حجابن کي.

مان جنمي ٿي ڏوهي آهيان،
منهنجي نہ سجاڻ ثوابن کي.

هو سوال مٿان آ سوال ڪندو،
۽ ٻڌندو ناهہ جوابن کي.

مون خاڪ ڪٿوريءَ کي ڄاتو،
ڇا ڪرڻو هاڻ گلابن کي.

ٿي تن سان سارو حال ڪيان،
پر مان نہ هئاءِ ڪتابن کي.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رخسانہ پريت بنيادي طرح غزل جي شاعرا آهي ۽ غزل ڏاڍي نازڪ نفيس صنف آهي. ڏاڪئين ڪائي جيان ڪڏهن ڪڏهن هلڪي آواز تي ڀور ڀور ٿيندڙ. ان جا قائدا قانون بہ سخت آهن بحر وزن جو سقم ۽ لفاظي ان لاءِ هاڃيڪار آهي. اشاريت ۽ رمزيت ان جو مَرڪ آهي. غزل هڪ مشڪل صنف پڻ آهي، تہ ڇا رخسانہ پريت بہ مشڪل پسند آهي ۽ هوءَ خطرن (ڄاتن اڄاتن /ذاتي اجتمائي) سان منهن سامهون ٿئي ٿي. هيئتي تجربي جو ساهس ڪري ٿي، هوءَ غزل کي زندگيءَ سان جوڙي ٿي ۽ زندگي ايڏي آسان نہ آهي!

هوءَ حياتيءَ کي کھڙو ناڻءُ ڏئي

ڳاهہ آ سا، ڳھي وئي آهي!

رخسانہ پريت جي شاعريءَ ۾ وقت، مفاصلو، زندگي ۽ عشق، بليغ استعارا بڻجي ويا آهن. هوءَ موضوع ۽ احساس جي شدت جي اظهار لاءِ لفظن جي چونڊ ڪري ٿي. جيئن هن شعر ۾" هلئون ٿا، اتي هلون ٿا بہ ٿي پئي سگهيو پر هلئون ٿا ۾ ان وحشي رسم لاءِ ڏڪار، پوري سسٽم لاءِ ڏڪار بڻجي ٿي وڃي

هيءَ حياتي ڄڻ تہ چرپيلي هلئون ٿا

پير ڇالا نيڻ ڇو آلا پڇين ٿو!

ڪل کي جز ۽ جزکي ڪل بڻائڻ جو معجزو صرف شاعريءَ ۾ ئي ممڪن آهي، اَڪٽ وقت (ڪل) جي گھڙي (اَلڪي جز) ڪيڏي نہ خوبصورتيءَ سان هن سٽ ۾ جڙي آهي.

جنهن گھڙيءَ تو کي بيقرار ڪيو

پھرين مون وٽ رهي وئي آهي.

رخسانہ پريت ڄاڻي ٿي تہ سور ريءَ سٽ نہ آهي.

سٽ نئين ڪانہ ايئن لکي ٿيندي،

سور نئون ڏيو تہ شاعري ٿيندي

هن وٽ غزل جو پنهنجو رنگ ۽ ڍنگ آهي ۽ دل چاهي ٿي تہ رخسانہ پريت ايئن ئي نينهن جا نت نوان نغما ڳائيندي رهي.

پيا پڇن ڪيئنءَ ٿا ڪريو هيءَ شاعري؟ تن کي چئو:

نينهن لکرائيندو آهي روز هي نغما نوان.

امداد حسيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڻو، پاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڙ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداniءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۾ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۾ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۾ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۾ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۾ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۾ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۾ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۾ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book